ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) ڇنڇر 10 جنوري 2026ع 20 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھه شمارو (148)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Saturday 10th January 2026
سال (18) ڇنڇر 10 جنوري 2026ع 20 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھه شمارو (111)
Daily Ibrat Hyderabad Saturday 10th January 2026

مون کي ڪنهن جي به پرواهه ناهي، عالمي قانون نه گهرجن: آمريڪي صدر جو دنيا کي حيرت ۾ وجهندڙ بيان

# آمريڪي فوج کي دنيا جي ڪهڙي به ملڪ تي حملو ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهان ٿو: صدر ٽرمپ

مونکي عالمي قانون نٿا کپن، سڄي دنيا ۾ فوجي ڪارروائي کان ڪا شيءِ روڪي ٿي ته اها اخلاقيات آهي: آمريڪي صدر

ڪمانڊر ان چيف جي حيثيت سان فيصلو ڪندڙ مان پاڻ ئي آهيان. پر جيڪا واحد شئي مون کي روڪي سگهي ٿي اها منهنجي پنهنجي اخلاقيات ۽ منهنجو پنهنجو دماغ آهي

جيڪڏهن يوڪرين بابت امن معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو ۽ ان ۾ مستقبل ۾ ڪنهن امڪاني حملي جي صورت ۾ فوجي سهڪار جي شق شامل هجي ته آمريڪا ان عمل ۾ ثانوي ڪردار ادا ڪندو

صدر ٽرمپ جو اهڙو بيان ان وقت سامهون آيو جڏهن آمريڪي سينيٽ هڪ قرارداد بحث لاءِ منظور ڪئي، جنهن ۾ چيو ويو ته صدر ٽرمپ کي وينزويلا ۾ وڌيڪ فوجي قدم کڻڻ لاءِ ڪانگريس جي اجازت وٺڻ پوندي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ/اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته مان سڄي دنيا جي ملڪن تي آمريڪي فوجي حملي يا جارحيت جو حڪم ڏئي سگهان ٿو. هڪ انٽرويو ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته ڪمانڊر ان چيف جي حيثيت سان پنهنجي اختيارن جي حد جو فيصلو ڪندڙ مان پاڻ ئي آهيان. جيڪا واحد شئي مون کي روڪي سگهي ٿي اها منهنجي پنهنجي اخلاقيات ۽ منهنجو پنهنجو دماغ آهي ان موقعي تي هن هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين وينزويلا جا معاملا هلائڻ ۽ تيل تي قبضو رکڻ جي عزم جو به اظهار ڪيو مون کي دنيا ۾ ڪٿي به حملو ڪرڻ جو اختيار آهي. چونڊ آئون آمريڪي فوج جو ڪمانڊر انچيف آهيان ۽ مون کي ان کان ڪير به نٿو روڪي سگهي. آئون ڪنهن به ملڪ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

## ايران ۾ حڪومت مخالف مظاهرا جاري، ڪيترين ئي عمارتن کي باهيون

ملڪي ڪرنسي جي قدر ۾ گهٽتائي تي ايران ۾ حڪومت مخالف مظاهرا سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويا

مظاهرن ۾ شرڪت ڪندڙن گاڏي واري شهر تهران ۾ ڪيترين ئي عمارتن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

اصفهان ۾ ايراني براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي عمارت کي باهه لڳائڻ جا به اطلاع. سرڪاري گاڏين کي به نقصان

تهران (اي پي پي) ايران ۾ ملڪي ڪرنسي جي قدر ۾ گهٽتائي تي حڪومت مخالف مظاهرا سڄي ملڪ ۾ پکڙجي رهيا آهن ۽ انهن مظاهرن ۾ شرڪت ڪندڙن گاڏي واري شهر تهران ۾ ڪيترين ئي عمارتن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير علي پرويز ملڪ مختلف ملڪن ۾ مقرر سفيرن سان گڏجاڻي ڪندي

### پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مثبت لاڙ، 100 انڊيڪس ۾ 365 پوائنٽس جي واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

### سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3400 رپيا في تولو واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي في تولي جي اگهه ۾ 3400 رپيا

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ جيمز اسٽونز جي ذخيرن جو ڪاٿو 450 ارب ڊالر آهي: اجلاس ۾ وزيراعظم کي بريفنگ

## جواهرات ۽ قيمتي پٿرن جي شعبي جي سڌارن بابت قومي پاليسي فريم ورڪ جي اصولي منظوري

ترجيحي بنيادن تي جيولاجيڪل سروي سان ذخيرن جي جاگرافيائي ۽ ماليت جو تعين ڪيو وڃي: وزيراعظم

پاڪستاني پٿر دنيا ۾ مقبول آهن. ڪمپنين خاص طور تي نوجوان انٽرپرينيورز جي ان شعبي ۾ حوصلا افزائي ڪئي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جواهرات ۽ قيمتي پٿرن (جيمز اسٽونز) جي شعبي جي سڌارن ۽ ان کي عالمي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ قومي پاليسي فريم ورڪ جي اصولي منظوري ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان ۾ جواهرات ۽ قيمتي پٿرن جا وسيع ذخيرا موجود آهن. ترجيحي بنيادن تي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

## لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سميت ٻن ججن خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايت داخل

چيف جسٽس عاليه نيلم ۽ جسٽس ابهر گل خان پنهنجي عهدن تي رهڻ جا اهل ناهن. سندس اهليت جو جائزو ورتو وڃي: درخواست

جسٽس ابهر گل خان جي تعليمي ڊگري درست ناهي. تنهن ڪري سندس مڪمل تعليمي رڪارڊ طلب ڪري جاچ ڪئي وڃي

لاهور ۾ عورت بئرسٽر ججز کي چاڙهي واري ٽارگيٽ ڪيو پيو وڃي ۽ انهن کي ڏورانهن علائقن ۾ ٽرانسفر ڪيو پيو وڃي: درخواست ۾ الزام

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سميت ٻن ججن خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ هڪ شڪايت سامهون آئي آهي جنهن ۾ ٻنهي ججن جي تعليمي قابليت، اهليت ۽ انتظامي معاملن ۾ ڪردار تي سنگين سوال اٿاريا

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

### قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق مرحوم سراج دراني جي رهائشگاهه پهتو، وارثن سان تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سنڌ اسيمبلي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

### آءِ جي سنڌ ضلعي خيرپور ۾ نوجوان جي قتل واري واقعي جو سخت نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي خيرپور ۾ نوجوان جي قتل واري واقعي تي آءِ جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيٽ اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرمين راڻا محمود الحسن سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن سان گڏ بيٺل آهي

## سنڌ ۾ جاري ترقياتي منصوبا وقت تي مڪمل ڪري معيار کي يقيني بڻايو وڃي: وڏو وزير

وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس دوران ڪجهه منصوبن ۾ دير ۽ لاڳت ۾ واڌ تي ڪاوڙ جو اظهار

عوامي پيسو واضح نتيجن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي. هر منصوبو وقت، معيار جا هدف پورا ڪري: هدايت

ترقي جو مطلب عملداري آهي ۽ اسان کي عملداري ڪرڻي پوندي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي صوبي ۾ ترقياتي منصوبن جي مجموعي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ سيني لاڳاپيل کاتن کي سخت

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ وفاقي وزير جي دوري دوران ريلوي ملازمن جو پڪو ڪرڻ ۽ پگهارن لاءِ احتجاج

مليبر لگ ٽي ايل ملازمن جي شديد احتجاج دوران پوليس سان ڇڪيون پڻ ٿيون

پوليس ملازمن کي وفاقي وزير سان ملاقات ڪرڻ کان روڪڻ دوران ڇڪتاڻ واري صورتحال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ريلوي جي وفاقي وزير حنيف عباسي جي دوري دوران گهگهر مليبر لگ پاڪستان ريلوي سان لاڳاپيل ٽي ايل (ٽيمپري ليبر) ملازمن نوڪريون پڪيون نه ٿيڻ ۽ رهيل پگهارن جي ادائيگي نه ٿيڻ خلاف شديد احتجاج ڪيو. احتجاج ڪندڙ ملازمن کي پوليس ۽

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

### ڪيلاش ڪولهي ۽ نادر جمالي جا قتل لا قانونيت ۽ ناانصافي جي بدترين مثال آهن: سردار عبدالرحيم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم بدين پريسان تلهار ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

## ٽنڊوالهيار ويجهو مسافر وين جو ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪر، 3 ڄڻا فوت، 11 زخمي

پير ڪائي اسٽاپ تي تيز رفتار مسافر وين جو ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ مهتاب شيخ فوت، 13 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

حيدرآباد اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي جنيد خان ۽ رياض عباسي دم ڏٽي حوالي ڪيو

ٽنڊوالهيار (ع ر) ٽنڊوالهيار ويجهو روڊ حادثو، 3 ڄڻا فوت، 11 زخمي. فوتي ۽ زخمي سول اسپتال منتقل خبر موجب ٽنڊوالهيار بي سيڪشن ٿاڻي جي حد پير ڪائي اسٽاپ تي تيز رفتار مسافر وين ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ حيدرآباد جو رهواسي مهتاب شيخ فوت ٿي ويو جڏهن ته 13 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ سهيل عباسي . ياسين جت . حفيظ . رياض . ثمرين . اويس . ثمره

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: شديد ڪوهيڙي ۾ ٻه ڄڻا گڏهه گاڏي تي وڃي رهيا آهن

### ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شير شاهه ڪان بلديا ويلڊ هاءِ وي تي هڪ تيز رفتار ٽريلر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

### ڪراچي ضلعي انتظاميا پي ٽي آءِ جي جلسو ڪرڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پاران ڪورنگي ۾ جلسو ڪرڻ جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ ٻارڙو گڏهه تي گاهه ڪٽي اچي رهيو آهي

## لاڙڪاڻي ۾ خانگي ميڊيڪل سينٽر مالڪ جي گهر مان 3 موٽرسائيڪلون چوري، جاچ شروع

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد يار محمد ڪالوني ۾ نامعلوم هٿيارٻند چورن هڪ خانگي ميڊيڪل سينٽر جي مالڪ نجيب الرحمان بروهي جي گهر ۾ گهڙي هڪ ئي رات 3 موٽرسائيڪلون چوري ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس پهچي واقعي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

## مورو پريسان گوٺ ماڙي ۾ پيرسن بيوه عورت نافرمان پٽ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

مورو(ع ح) مورو پريسان گوٺ ماڙي جي رهواسڻ بيوه پيرسن عورت زرينه ٻگهيو معان سندس نافرمان پٽ عاشق حسين ٻگهيو جو تشدد ماءَ کي ڇڏائڻ لاءِ ايندڙ ٻن پائرن شوڪت علي ۽ مدد علي معان تشدد اهڙي عمل خلاف پيرسن بيوه پنهنجي ٻنهي پٽن سان گڏ مورو پريس ڪلب

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ ٻه ڦورو مارجي ويا ۽ ٻن زخمين سميت 3 ڌاڙيل گرفتار

سرجاني ٽائون پوليس جو ناردرن بائي پاس ويجهو ڌاڙيلن سان مبينا مقابلو ٿي پيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻه جوابدار عرفان پٽ رحيم بخش ۽ صفدر پٽ شوڪت مارجي ويا

گرفتار ٿيلن ۾ دلاور پٽ عبدالله ۽ سهيل پٽ فدا حمزه پٽ مهتاب شامل. هٿيار ۽ ٻيو سامان هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون پوليس جمعي جي صبح سرجاني سيڪٽر 14 ناردرن بائي پاس ويجهو مبينا مقابلي ۾ ٻن ڦورن کي ماري ڇڏيو ۽ 3 ڦورن کي گرفتار ڪيو جن ۾ 2 زخمي به شامل آهن

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: اسڪولي ٻارڙا شديد ڪوهيڙي ۾ اسڪولن ڏانهن وڃي رهيا آهن

# وزيراعظم جو رمضان پيڪيج لاءِ سفارشون جوڙڻ ۽ امدادي رقم جي ادائيگي ڊجيٽل والٽس ذريعي يقيني بڻائڻ جو حڪم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي حڪومت جي تجويز ڪيل رمضان ۽ گذريل سال رمضان پيڪيج جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن تي جائزه اجلاس ٿيو، مختلف تجويزن تي غور

گذريل سال کان وفاقي حڪومت غريب عوام کي رمضان پيڪيج جي ڪري، گهٽ اگهن تي کاڌي پيتي جي شين جي فراهمي جي لاءِ شفاف نظام جوڙيو آهي. عوام کي سهولتون ڏيڻ ٿا چاهيون: وزيراعظم

يوٽيلٽي اسٽورز ۾ بدعنواني جي ڪري مستحق ماڻهو پنهنجي حق کان محروم هئا. غريبن ۽ سفيد پوش عوام جي مالي معاونت ۽ سماجي آسودگي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي

غريب عوام ۾ رمضان پيڪيج جي امدادي رقم جي فراهمي ڊجيٽل والٽس جي ذريعي ٿي ڪئي وڃي ته جيئن عوام جي عزت ۽ تڪريم مجروح نه ٿئي. اهو قدم ڪيش ليس معيشت لاءِ سنگ ميل ثابت ٿيندو

سمورين لاڳاپيل وزارتون ۽ ادارا ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته امدادي رقم ۾ غريب عوام جي دائره ڪار ۽ شموليت کي ممڪن حد تائين وسيع ڪيو وڃي، ڊيجيٽل ڊيش بورڊ ۽ منظم مانيٽرنگ جو نظام جوڙيو وڃي

اجلاس ۾ بدعنواني جي خاتمي کي وفاقي حڪومت جو انقلابي قدم قرار ڏنو ويو. گذريل سال رمضان پيڪيج ۾ ڪنهن به قسم جي مالي بي ضابطگي يا سنگين انتظامي بدنظمي ۽ بدعنواني نه ڏٺي وئي: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪمزور ۽ سفيد پوش طبقي جي مالي معاونت ۽ سماجي تحفظ کي حڪومت جي اولين ترجيح قرار ڏيندي چيو آهي ته اڳ کان به وڌيڪ موثر ۽ بهتر رمضان پيڪيج جي لاءِ سفارشون تيار ڪيون وڃن ۽ امدادي رقم جي ڊيجيٽل والٽس جي ذريعي ادائيگي کي يقيني بڻايو وڃي. ڳالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان متحده عرب امارات جو واپاري وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

## پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات ۾ لاڳاپا سيڙپڪاري طرف وڌي رهيا آهن: وزيراعظم

وزيراعظم سان گڏيل عرب امارات جي ناليواري بزنس گروپ "سجوائي گروپ" جي وفد ملاقات ڪئي

وفد پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ۽ معاشي حصيداري ۾ وڌيڪ تعاون ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جي ڊيجيٽل معيشت ۾ گڏيل عرب امارات جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

## وڌيڪ خساري وارا فيڊرز شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جي هدايت

خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ پائليٽ پراجيڪٽ تي ڪم شروع ڪيو وڃي: وزيراعظم

مستقبل ۾ بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي خساري ۾ نمايان گهٽتائي ٿيندي: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف وڌيڪ خساري وارا فيڊرز ڪميونٽي ۽ صوبائي حڪومتن جي تعاون

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

## آمريڪا سان سنجيده ڳالهين کان ڪڏهن به نه ڪيٻائينداسين: ايران

ايران جو عوام ۽ قيادت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي منصفاڻين ڳالهين لئي چاهي

ماسڪو (اي پي پي) روس ۾ ايران جي سفير ڪاظم جلالي چيو آهي ته ايران آمريڪا سان حقيقي ۽ سنجيده ڳالهين کان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

## بنگلاديش ڀارتي شهرين لاءِ ويزا تي وڌيڪ پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون

ڪاروباري ۽ نوڪري پيشي جي ماڻهن کان علاوه هر قسم جي ويزا معطل

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش ڀارتي شهرين لاءِ ويزا جاري ڪرڻ تي وڌيڪ پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان جو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني رائيس ملر ايسوسيئيشن جي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## ڪراچي ۾ ڦورو کي سوگهو ڪرڻ جي ڪوشش دوران فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

پلاسٽڪ جي ٿيلهين جي دڪان تي ڦرلٽ کان پوءِ فرار ٿيندڙ جوابدار کڏ ۾ ڪري پيا

نوجوان محمد شعيب جوابدارن کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڦورن فائرنگ ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هڪ نوجوان جڏهن ڦورو کي فرار ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڦورن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل ٿي ويو تفصيل موجب پلاسٽڪ جي ٿيلهين جي دڪان تي ڦرلٽ ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿيندڙ جوابدار کڏ ۾ ڪري پيا. جڏهن نوجوان کيس پڪڙڻ جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

## آءِ جي سنڌ پاران دادو پوليس مقابلي جي باقاعده جاچ جو حڪم، رپورٽ طلب

ايس ايس پي حيدرآباد کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪندي ڏهن ڏينهن اندر جاچ رپورٽ ڏيڻ جي هدايت

جاچ آفيسر مقابلي جي اصل حقيقتن ۽ مقتول جي مختلف ڪيس ۾ ملوث هجڻ بابت به جاچ ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو دادو ضلعي ۾ 6 جنوري تي پيش آيل پوليس مقابلي جي باقاعده جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ايس ايس پي حيدرآباد کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪندي هدايت ڏني وئي آهي ته هو ڏهن ڏينهن اندر جاچ رپورٽ جمع ڪرائين. انڪوائري آفيسر

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

## لاڙڪاڻي پرسان گولين هڻي قتل ڪيل نوجوان جي سڃاڻپ ٿي وئي، وارثن جو مظاهرو

ٻه ڏينهن اڳ گولين لڳل لاش جي سڃاڻپ شڪارپور واسي نوجوان فراز ڏيٿو طور ٿي وئي

وارثن پاران وارثن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جي گهر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ٻه ڏينهن اڳ 18 ورهين جي نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ اچڻ وارو معاملو مقتول نوجوان جي سڃاڻپ شڪارپور واسي فراز ڏيٿو طور ٿي وئي، وارثن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جي گهر پوليس جاچ شروع ڪري

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

## حيدرآباد جي صحافي منير نارائي جو وڏو ڀاءُ قربان علي نارائي وفات ڪري ويو

اڄ پٺاڻي ٽائون ۾ 2 وڳي جنازي نماز ادا ڪري شاهه بخاري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

عورت گروپ جي سرواڻ قاضي اسد عابد، لالا رحمان سموں، خالد ڪوڪر، جهه برڪاش مورائي ۽ ٻين پاران ڏک جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڏک جي خبر سينيئر صحافي منير نارائي جو وڏو ڀاءُ قربان علي نارائي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو صحافين سميت سياسي سماجي ادبي اڳواڻن طرفان صحافي منير نارائي سان ڏک جو اظهار حيدرآباد جي سينيئر صحافي منير نارائي جي وڏي ڀاءُ قربان علي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ سينيٽ جي قائمه ڪاميٽي جو اجلاس، ٽينڪر مافيا خلاف فوري ڪارروائي جي هدايت

سينيٽ قائمه ڪاميٽي براءِ ڪابينا ڊويزن جو اجلاس سنڌ اسيمبلي ۾ منعقد ٿيو

سنڌ ۾ 82 ۽ بلوچستان ۾ 17 منصوبا هلي پيا جيڪي وقت سر مڪمل ڪيا وڃن: سينيٽر راڻا محمود الحسن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيٽ جي قائمه ڪاميٽي براءِ ڪابينا ڊويزن جو اجلاس سنڌ اسيمبلي ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ نيشنل انجنيئرنگ سروسز پاڪستان (نيسپاڪ) ۽ آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ورتي وئي، اجلاس جي صدارت

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

## نوجوانن کي مستقبل جي ڪاروباري منصوبن بابت رهنمائي جي ضرورت آهي: مجيب صحرائي

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽيءَ ۾ اسٽارٽ اپ سمٽ تصور کان ڪاميابي تائين' جي عنوان سان نمائش منعقد

ملڪي معيشت کي سهارو ڏيڻ لاءِ بزنس جي شعبن ۾ ڄاڻ ۽ مهارت حاصل ڪرڻ گهرجي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽيءَ جي فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪامرس ۽ بزنس انڪيوبيشن سينٽر گڏيل طور تي يونيورسٽيءَ جي ڪالير هائوس جي اڱڻ "اسٽارٽ اپ سمٽ 5.0: تصور کان ڪاميابي تائين" جي عنوان سان نمائش

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

## مقتول ڪيلاش ڪولهي جي قاتل کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو: ضياءُ لنجار

وڏي وزير جي خاص معاون راجوير سنگهه ۽ ويرجي ڪولهي صوبائي گهرو وزير سان ملاقات ڪئي

پوليس سميت سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان واقعي بابت تفصيل حاصل ڪيا آهن. قتل سان ڪا به رعايت نه ٿيندي

سنڌ حڪومت ۽ پ پ قيادت انساني حقن جي معاملي ۾ ڪا به ڍل برداشت نه ڪندي: صوبائي معاون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي بدين جي علائقي پيرو لاشاري ۾ نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي قتل واري واقعي تي سنڌ حڪومت پاران سخت نوٽيس ورتو ويو آهي ان سلسلي ۾ وڏي وزير سنڌ جي انساني

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪي پي جو وڏو وزير ڪراچي پهچي ويو، سنڌ حڪومت پاران صوبائي وزير سعيد غني استقبال ڪيو

## اسان جي تحريڪ اقتدار لاءِ نه پر عدليه، ميڊيا جي آزادي ۽ آئين جي بالادستي لاءِ آهي: سهيل آفريدي

پنجاب ۾ اسان جي پارليامينٽرين سان جيڪو رويو اختيار ڪيو ويو، اهو انتهائي افسوسناڪ آهي

جيل ۾ عمران خان، سندس گهر وارن ۽ ڀينن پاتين کي بنيادي انساني حقن کان محروم رکيو پيو وڃي

اسان فوجي آپريشن بدران جرڳا سسٽم ۽ مشاورت تي يقين رکون ٿا: ميٽ دي پريس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي ڪراچي پهتو جتي صوبائي وزير سعيد غني سندس استقبال ڪيو جڏهن ته ان موقعي تي آيل پي ٽي آءِ ڪارڪن ٻاڙ ۾ رڙهي پيا. تفصيل موجب

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

## انساني اسمگلنگ ۽ پينو مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ ايئرپورٽن تي اسڪريننگ جو حڪم

وفاقي گهرو وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ايف آءِ اي جي اميگريشن ونگ جي ڪارڪردگي جو جائزو

اجلاس ۾ وفاقي سيڪريٽري، ڊي جي ايف آءِ اي ۽ ڪراچي لاهور جي ڊائريڪٽرز سميت ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي

اميگريشن جي نظام ۾ شفافيت ۽ بهتري آڻڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن ته جيئن غيرقانوني سرگرمين جو مڪمل روڪٿام ٿي سگهي: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي)گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي غير قانوني اميگريشن ۾ ملوث عنصرن ۽ پينو مافيا خلاف سخت ترين ڪارروائي جو حڪم

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

### اسپيڪر سردار اياز صادق جي سيد خورشيد احمد شاهه ۽ نعمان اسلام شيخ جي عيادت، نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

### ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي، خشڪ ۽ جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌي رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) ايندڙ 24 ڪلاڪن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سردي وڌڻ بعد ماڻهو باهه تي هٿ سهڪي رهيا آهن

## سنڌ حڪومت جمهوري قدرن تحت صوبي ۾ فري موومينٽ جي پاليسي تي عمل ڪري پئي: شرجيل ميمڻ

خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير کي صوبي ۾ سياسي ۽ سرڪاري سرگرمين جي مڪمل آزادي هوندي

اهو پڻ يقيني بڻايو ويندو ته ڪا به سرگرمي قانون جي خلاف يا عوام جي لاءِ تڪليف جو باعث نه بڻجي

عمران خان جون پاليسيون سدائين انتها پسندن جي حق ۾ رهيون آهن، هن طالبان جي حمايت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جمهوري قدرن تي مڪمل يقين رکي ٿي ۽ صوبي ۾ فري موومينٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

## عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ فني ۽ پيشيورانه تربيت انتهائي اهم آهي: شاهينه شير علي

سنڌ حڪومت معاشري ۾ عورتن جي ڀلائي ۽ بهبود، ترقي ۽ شموليت جي خواهشمند آهي

عورتن جي ترقي واري کاتي تحت ڪيئن خودمختيار بڻائڻ لاءِ مختلف پروگرام تي ڪم جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي چيو آهي ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سندن فني ۽ پيشيورانه تربيت انتهائي اهم آهي پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت معاشري جي تمام طبقن جي ڀلاءِ ۽ بهبود، ترقي ۽ شموليت جي خواهشمند

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لندن: يوٿ پروگرام چيئرمين راڻا مشهود سان چيسٽر ڪنگ ملي رهيو آهي

## سنڌ حڪومت ڪراچي جي شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: ناصر شاهه

مختلف کاتن وچ ۾ رابطا مضبوط بڻائي ترقياتي منصوبن تي مؤثر نموني عملدرآمد ڪيو ويندو

ترقياتي ڪمن جي نگراني ۽ بهتري لاءِ هڪ ڪاميٽي باقاعدي طور تي نوٽيفاءِ ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي گڏيل صدارت هيٺ ڪراچي ۾ جاري ۽ تجويز ڪيل ترقياتي منصوبن بابت هڪ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

## ڀارت کي سستو تيل مهانگو پئجي ويو، 500 سيڪڙو آمريڪي ٽيرف جو خطرو

روس کان سستي تيل جي لالچ ڀارتي معيشت کي عالمي پابندين جي ويجهو پهچائي ڇڏيو

ڊسمبر 2025ع ۾ به آمريڪي صدر ڀارت جي چانور تي نئين ٽيرف لاڳو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي

نئين دهلي (اي پي پي)مودي جي روس سان ويجهڙائپ ان جي سفارتي شڪست ۾ تبديل ٿي رهي آهي. آمريڪا ڀارت تي 500 سيڪڙو تائين ٽيرف وڌائڻ جي خطري جو اشارو ڏئي ڇڏيو ۽ سستي تيل جي لالچ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

### 9 مئي جا واقعا، دهشتگردي جي خاتمي بابت عدالت پاران فواد چوڌري جي 7 ڪيسن ۾ عبوري ضمانت ۾ 13 فيبروري تائين واڌ

لاهور (اي پي پي)دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

### نائب وزيراعظم 10 جنوري تي جده ۾ او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي غيرمعمولي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڇنڇر 10 جنوري تي جده ۾ او آءِ سي جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان ۽ سعودي وچ ۾ تاريخي، مذهبي ۽ پائيدار لاڳاپا مضبوط ٿيا آهن: گورنر

ٻئي مسلم ملڪ مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جا خواهشمند آهن

ڪراچي ايئرپورٽ تي سعودي گورنر شهزاده فهد بن سلطان بن عبدالعزيز آل سعود کي الوداع ڪرڻ دوران ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ڪراچي پهچڻ تي ايئرپورٽ تي سعودي عرب جي صوبي تبوڪ جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: عملدار غير قانوني پيٽرول پمپ سيل ڪري رهيا آهن

## بدين ۾ مقتول ڪيلاش ڪولهي جي وارثن ۽ پوليس ۾ ڳالهيون ڪامياب، ٻن ڏينهن کان لڳل ڌرڻو ختم

ايس ايس پي جي اڳواڻي ۾ مقتول جي وارثن ۽ ڪولهي برادري جي اڳواڻن جي 12 رڪني ڪميٽي سان ڳالهيون ٿيون

پوليس پاران جوابدار سرفراز نظاماڻي کي هڪ هفتي اندر ڪنهن به حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

احتجاج ۾ شامل سوين ماڻهن ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار پڻ ڪندا رهيا، قاتل گرفتار نه ٿيا ته ٻيهر وڏو احتجاج ڪنداسين: اڳواڻ

بدين (ع ر) ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ ڪالهه ٻي ڏينهن به بدين جي پيرو چوڪ تي هزارين عورتن مردن ٻارڙن احتجاجي ڌرڻو جاري رکيو ڌرڻي ۾ سنڌ جي ڪند ڪڙڇ کان سياسي سماجي اڳواڻن جي آمد جو سلسلو جاري رهيو سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ستار رند ايس يو پي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

بدين: ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بقايا 1 حڪم

آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي حڪومت جي تجويز ڪيل رمضان ۽ گذريل سال رمضان پئڪيج جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن تي جائزه اجلاس ٿيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ وزارتن جي گذريل سال رمضان پئڪيج جي شفافيت تي هڪ مڃيل آڊٽ اداري پاران رپورٽ کي ساراهيندي چيو ته گذريل سال کان وفاقي حڪومت غريب عوام کي رمضان پئڪيج جي ڪري گهٽ اگهن تي ڪاڌي پيتي جي شين جي فراهمي جي لاءِ شفاف نظام جوڙيو آهي ملڪ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان جاري يوٽيلٽي اسٽورز جي ذريعي مالي بي ضابطگين بدنظمي ۽ غريبن جي استحصال جو لاڳو نظام حڪومت شفاف نظام ۾ تبديل ڪري ڇڏيو وزيراعظم هدايت ڪئي ته سمورا لاڳاپيل ادارا ايندڙ رمضان المبارڪ جي لاءِ گذريل سال کان به وڌيڪ موثر ۽ ڪارآئتو پئڪيج ۽ سفارشون جوڙين هن چيو ته يوٽيلٽي اسٽورز ۾ بدعنواني جي ڪري مستحق ماڻهو پنهنجي حق کان محروم هئا، غريبن ۽ سفيد پوش عوام جي مالي معاونت ۽ سماجي آسودگي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن هدايت ڪئي ته غريب عوام ۾ رمضان پئڪيج جي امدادي رقم جي فراهمي ڊيجيٽل والٽس جي ذريعي ئي ڪئي وڃي ته جيئن عوام جي عزت ۽ تڪريم مجروح نه ٿئي عوام کي امدادي رقم جي ڊيجيٽل والٽس جي ذريعي فراهمي ڪيش ليس معيشت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پڻ سنگ ميل ثابت ٿيندي، اسٽيٽ بئنڪ جي رمضان پئڪيج جي ورڇ ۾ شموليت سان ڪيش ليس اڪانومي کي هٿي ملندي هن هدايت ڪئي ته سمورين لاڳاپيل وزارتون ۽ ادارا ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته امدادي رقم ۾ غريب عوام جي دائره ڪار ۽ شموليت کي ممڪن حد تائين وسيع ڪيو وڃي ۽ رمضان پئڪيج ۾ گذريل سال کان بهتر موثر ادائيگي جي لاءِ عملي قدمن تي ٻڌل جامع حڪمت عملي ۽ سفارشون جلد پيش ڪيون وڃن هن چيو ته موثر نگراني جي لاءِ ڊيجيٽل ڊيش بورڊ ۽ منظم مانيٽرنگ جو نظام جوڙيو وڃي وزيراعظم کي اجلاس دوران بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل سال رمضان پئڪيج جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن ۾ عالمي شهرت يافته ۽ مڃيل آڊٽ فرم حڪومتي پئڪيج کي موثر ۽ شفاف قرار ڏنو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ سوشل پروٽيڪشن والٽ نظام لاڳو ڪيو پيو وڃي جنهن تحت مستحق ماڻهن ۾ مفت سمز ورهايون پيون وڃن ۽ مارچ 2026ع کان سموري امدادي رقم انهي سم جي ذريعي ڊيجيٽلي ورڇ ڪئي ويندي، وزيراعظم کي گذريل سال رمضان پئڪيج جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن بابت آگاهه ڪيو ويو اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل سال رمضان پئڪيج ۾ ڪنهن به قسم جي مالي بي ضابطگي يا سنگين انتظامي بدنظمي ۽ بدعنواني نه ڏٺي وئي وزيراعظم يوٽيلٽي اسٽورز ۾ ڏهاڪن کان جاري مالي بدعنواني ۽ بدنظمي جي خاتمي کي وفاقي حڪومت جو انقلابي قدم قرار ڏنو اجلاس ۾ ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ غربت جي خاتمي واري وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه، قومي غذائي تحفظ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين، انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، وزيراعظم جي خاص معاون هارون اختر نادرا چيئرمين ۽ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي جي چيئرمين ۽ ٻين لاڳاپيل سرڪاري عهديدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 2 سهيل آفريدي

ڪي پي ڪي جو وڏو وزير سهيل آفريدي ٽن ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهتو جتي پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو وڏو انگ سندس استقبال لاءِ ايئرپورٽ تي پهتو سينيئر صوبائي وزير سعيد غني خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي جو ڪراچي پهچڻ تي استقبال ڪيو هن مهمان جو سنڌ ڪابينا پاران استقبال ڪيو ۽ کيس روايتي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پڻ تحفو پيش ڪيو بعد ۾ سهيل آفريدي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتو جتي ڪارڪنن جو وڏو انگ موجود هو صوبائي وزير سعيد غني چيو ته سنڌ حڪومت مهمانن جي عزت کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي ۽ صوبن وچ ۾ ڀائپي، اتحاد ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ انتهائي اهم آهن هن وڌيڪ چيو ته وفاقي نظام جي مضبوطي لاءِ سڀني صوبن جو گڏجي اڳتي وڌڻ ضروري آهي. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي سان گڏ پاڪستان تحريڪ انصاف جو سيڪريٽري جنرل بئريسٽر سلمان اڪرم راجا، قومي اسيمبلي ۾ پارلياماني ليڊر شاهد خٽڪ صوبائي وزير مينا خان آفريدي، ايڊوائزر ٽو چيف منسٽر شفيع جان سينيٽر فيصل جاويد، شوڪت بسرا سميت خيبرپختونخوا جا ڪيترائي صوبائي وزير ۽ اسيمبلي ميمبر پڻ موجود هئا. ڪراچي ايئرپورٽ تي پهچڻ تي پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، ڪراچي جي صدر راجا اظهر جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد سميت صوبائي ڊويزنل قيادت ۽ ڪارڪنن وڏي جوش ۽ جذبي سان خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جو شاندار استقبال ڪيو. ڪارڪنن وڏي انگ ۾ ريلي جي صورت ۾ شاهراهِ فيصل وسيلي انصاف هائوس پرسان وڏي وزير جو استقبال ڪيو جنهن کان پوءِ هو باغ جناح گرائونڊ پهتو جتي آچر تي ٿيندڙ جلسي عام جي تيارين ۽ جلسي گاهه جو جائزو ورتو. ان کان پوءِ خيبرپختونخوا جو وڏي وزير ڪراچي پريس ڪلب پهتو جتي هن "ميٽ دي پريس" کي خطاب ڪيو. هن موقعي تي هن صحافين کان دير سان پهچڻ تي معذرت ڪئي ۽ چيو ته ڪارڪنن جي ڀرپور استقبال سبب دير ٿي وئي. هن چيو ته عمران خان کيس اسٽريٽ موومينٽ جي ذميواري سونپي آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو سنڌ خاص طور ڪراچي آيو آهي ته جيئن تنظيمي ساٿين ۽ عوام سان ملاقاتون ڪري سگهي. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير چيو ته پنجاب ۾ اسان جي پارليامينٽيرين سان جيڪو رويو اختيار ڪيو ويو اهو انتهائي افسوسناڪ آهي. عمران خان جي حڪومت کي غيرقانوني طريقي سان ختم ڪيو ويو جڏهن ته اڄ عمران خان سندس گهر واري بشريٰ بي بي ۽ اهل خانه کي بنيادي انساني حقن کان محروم رکيو پيو وڃي. هن چيو ته عمران خان سڀ کان وڌيڪ مقبول ليڊر آهي ۽ حقيقي آزاديءَ جي تحريڪ اقتدار لاءِ نه پر آزاد عدليه آزاد ميڊيا ۽ آئين جي بالادستي لاءِ آهي. هن چيو ته ڪراچي ۾ جلسي جي اجازت لاءِ اسان سڀئي قانوني تقاضائون پوريون ڪيون، پر ڏگهي عرصي تائين اجازت نه ڏني وئي، بهرحال هاڻي ان شاءَالله 11 جنوري تي ڪراچي ۾ هڪ تاريخي جلسو ٿيندو. هن ميڊيا کان اپيل ڪئي ته هو حق ۽ سچ لاءِ آواز بلند ڪري، ڇاڪاڻ ته هي جنگ صرف پي ٽي آءِ جي نه پر سڄي قوم جي جنگ آهي. صحافتي برادري ۽ جمهوريت هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير اين ايف سي ايوارڊ، صحت ڪارڊ، ڊيمن جي تعمير سستي بجلي ٻيلن جي تحفظ ۽ قبائلي ضلعن جي حقن بابت به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ چيو ته خيبرپختونخوا کي سندس آئيني ۽ قانوني حق نٿو ڏنو وڃي. هن چيو ته اسان فوجي آپريشن بدران جرڳا سسٽم ۽ مشاورت تي يقين رکون ٿا ۽ چاهيون ٿا ته جمهوريت مضبوط ٿئي ۽ هر ادارو پنهنجي دائري اختيار ۾ ڪم ڪري. ان موقعي تي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو ته اڄ سنڌ جي عوام کيدان جي وڏي وزير جو شاندار استقبال ڪري پنهنجي مهمان نوازي ثابت ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته ڪراچي جي روڊن تي نڪري عوام واضح پيغام ڏنو آهي ته هو عمران خان سان گڏ بيٺل آهن. هن اعلان ڪيو ته 10 جنوري تي خيبرپختونخوا جو وڏي وزير حيدرآباد جو دورو ڪندو جتي پي ٽي آءِ ۽ قومپرست اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون وينديون. هن چيو ته آچر تي باغ جناح ۾ ٿيندڙ جلسو تاريخ ساز هوندو ۽ سنڌ جي عوام کان اپيل ڪئي ته هو ڀرپور شرڪت ڪري اڊيالا جون ديوارون ڊاهي ڇڏين.

بقايا 3 حڪم

ڏيندي چيو آهي ته انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن ۽ پيشيور ڀڪاري مافيا خلاف سخت ترين ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ وڌيڪ اهو به حڪم ڏنو آهي ته انساني اسمگلنگ ۾ ملوث عنصر ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن پاڪستان جي نالي کي استعمال ڪرڻ جي اجازت هر گز نه ڏني ويندي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايف آءِ اي جي اميگريشن ونگ جي ڪارڪردگي ۽ انساني اسمگلنگ جي روڪ ٿام لاءِ جاري مهم جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ وفاقي سيڪريٽري، ڊي جي ايف آءِ اي ۽ ڪراچي ۽ لاهور جي ڊائريڪٽرز سميت ٻين اعليٰ اڳواڻن شرڪت ڪئي. گهرو وزير غير قانوني اميگريشن ۾ ملوث مافيا خلاف بنا فرق جي سخت ڪارروايون جاري رکڻ جا حڪم جاري ڪيا هن واضح ڪيو ته انساني اسمگلرز ملڪ جي بدنامي جو سبب بڻجي رهيا آهن جنهن کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻڻ اٽل آهي اجلاس ۾ پرڏيهه ويندڙ پيشيور ڀڪاري مافيا ۽ انهن جي پٺ ڀرائي ڪندڙ گروهن خلاف بهتر ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو آهي. محسن نقوي هدايت ڪئي ته ڀڪاري مافيا خلاف گهيرو تنگ ڪيو وڃي. گهرو وزير ايف آءِ اي کي اميگريشن قانون تي بهتر عملدرآمد يقيني بنائڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته سمورن ايئرپورٽس تي سفري دستاويزن جي سخت اسڪريننگ ڪئي وڃي ۽ چيڪنگ جي نظام کي وڌيڪ جديد ۽ بهتر بڻايو وڃي گهرو وزير ان عزم جو اظهار ڪيو ته اميگريشن جي نظام ۾ شفافيت ۽ بهتري آڻڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا ته جيئن غير قانوني سرگرمين جو مڪمل روڪٿام ٿي سگهي.

بقايا 4 اظهار

جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن سيد خورشيد احمد شاهه ۽ نعمان اسلام شيخ جي عيادت لاءِ سندن رهائشگاهن جو دورو ڪيو بعد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ سينيئر سياستدان مرحوم آغا سراج خان دراني جي رهائشگاهه تي پهچي فاتحه خواني ڪئي ۽ مرحوم جي پٽ صاحبزاده آغا شهباز خان دراني سان تعزيت جو اظهار ڪيو قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق سينيئر پارلياماني اڳواڻن ۽ قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن سيد خورشيد احمد شاهه جي رهائشگاهه جو دورو ڪيو ۽ ڪانئس طبيعت پڇي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد خورشيد شاهه لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي الله تعاليٰ کان جلد ۽ مڪمل صحتيابيءَ جي دعا ڪئي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اميد ظاهر ڪئي ته سيد خورشيد شاهه جلد ئي صحتياب ٿي قومي اسيمبليءَ جي ڪارروائين ۾ پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪندو سيد خورشيد احمد شاهه قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جي دوري ۽ خيرسگاليءَ تي ٿورو مڃيو بعد ۾ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق قومي اسيمبليءَ جي ميمبر نعمان اسلام شيخ جي رهائشگاهه جو دورو ڪيو ۽ ڪانئس طبيعت پڇي ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيف وهپ ۽ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر اعجاز حسين جکراڻي به موجود هو قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر نعمان اسلام شيخ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي الله تعاليٰ کان سندس صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو جلد صحتياب ٿي قومي اسيمبليءَ جي ڪارروائين ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪندو نعمان اسلام شيخ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جي خلوص ۽ عيادت تي ٿورو مڃيو بعد ۾ سردار اياز صادق سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ سينيئر سياستدان مرحوم آغا سراج خان دراني جي رهائشگاهه جو دورو ڪيو جتي هن مرحوم جي پٽ آغا شهباز خان دراني سان ملاقات ڪئي ۽ فاتحه خواني ڪانئس دلي تعزيت جو اظهار ڪيو اسپيڪر اياز صادق، مرحوم آغا سراج دراني جي سياسي ۽ جمهوري خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر طور مرحوم ايوان جي ڪارروائي غير جانبداري ۽ عدل سان هلائي ۽ هڪ مثالي ڪردار ادا ڪيو سردار اياز صادق الله تعاليٰ کان دعا ڪئي ته مرحوم آغا سراج دراني کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ وارثن کي صبر عطا فرمائي

بقايا 5 امڪان

دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي پنجاب، مٿاهين سنڌ ۽ ڪي پي ڪي جي ميداني علائقن ۾ رچولي کان شديد ڪوهيڙي کان پوءِ پوٺوهار خطي ۽ ڪشمير ۾ صبح جي وقتن ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪوهيڙو پوڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي، خشڪ ۽ مٿاهين وارن علائقن ۾ شديد ٿڌي رهي

بقايا 6 شرجيل ميمڻ

جي پاليسي تي عمل ڪري رهي آهي. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي سنڌ آمد تي سنڌ حڪومت طرفان کيس خوش آمديد چيو ويندو ۽ کيس صوبي ۾ سياسي ۽ سرڪاري سرگرميون انجام ڏيڻ جي مڪمل آزادي هوندي. هڪ بيان ۾ نجي ميڊيا سان ڳالهائيندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير کي مڪمل سڪيورٽي ۽ پروٽوڪول ڏنو ويندو کيس خوش آمديد چوڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو نمائندو به ايئرپورٽ تي موجود هوندو هن واضح ڪيو ته سنڌ حڪومت جو موقف آهي ته ڪي پي جو وڏو وزير پنهنجي دوري جي پروگرام بابت آگاهه ڪري ته جيئن کيس ڪنهن جلسي يا تقريب جي لاءِ ميدان گهربل هُجي ته حڪومت سنڌ اهو به ڏيندي، ان ڳالهه کي به يقيني بڻايو ويندو ته ڪابه سرگرمي قانون جي خلاف ورزي يا عوام جي لاءِ تڪليف جو باعث نه بڻجي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت قانون جي دائري ۾ رهندي هر جوڳي سهولت ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ نظرياتي ۽ سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. جمهوري معاشرن ۾ اختلاف راءِ ۽ تنقيد کي برداشت ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن پي ٽي آءِ تنقيد ڪندي ته کيس ان جو حق آهي ۽ پيپلز پارٽي به سياسي انداز ۾ ان جو جواب ڏيڻ جو حق رکي ٿي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان جي حڪومتي دور ۾ صورتحال مختلف هُئي جڏهن ڪنهن ٽاڪ شو ۾ عمران خان تي تنقيد ڪئي ويندي هُئي ته ٻئي ڏينهن نيب جا نوٽيس ۽ گرفتاريون سامهون اينديون هيون. سنڌ ۾ اهڙو طرز عمل اختيار نه ڪيو ويندو ۽ تنقيد کي سياسي اخلاقيات جي دائري ۾ رهندي برداشت ڪيو ويندو. هن ڪالعدم ٽي ٽي پي جي حوالي سان عمران خان جي موقف تي تنقيد ڪندي چيو ته عمران خان جو طالبان جي حق ۾ موقف ڪنهن کان به ڳجهو ناهي. عمران خان طالبان جون آفيسون کولڻ جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ ٽي دهشتگرد آهن جن پاڪستان ۾ ڪنهن کي به بخش نه ڪيو اسڪولن ۾ معصوم ٻارن کي نشانو بڻايو مسجدن، امام بارگاهن، مختلف مڪتبه فڪر ۽ سياستدانن تي حملا ڪيا ۽ ملڪ خلاف هر قسم جي دهشتگردي ڪئي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اهڙن ڌرين کي سختي سان منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي، پر پي ٽي آءِ جو انهن لاءِ سدائين نرم رويو رهيو آهي جنهن تي پيپلز پارٽي کي سخت اختلاف هو هن چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ان تناظر ۾ عمران خان کي "طالبان خان" ڪوٺيندو آهي ڇاڪاڻ ته عمران خان جون پاليسيون سدائين انتها پسندن جي حق ۾ رهيون آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته طالبان جهڙيون ٽي دهشتگرد ڌريون خيبر پختونخواهه ۾ معصوم شهرين جون حياتيون کسينديون رهيون آهن ۽ اڄ به اتي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي. هن چيو ته صوبي ۾ مغرب کانپوءِ ٿاڻا بند ٿي ويندا آهن ۽ هڪ اڻ اعلانيل ڪرفيو واري ڪيفيت نظر ايندي آهي سندس چوڻ هو ته خيبر پختونخواهه حڪومت جي ذميواري آهي ته اهي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي، انهن کي سهولت نه ڏئي جيڪي عوام جي لاءِ عذاب بڻيل آهن

بقايا 7 شاهينه شير علي

آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن اي ڪمپليڪس ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ ملير ۾ بينظير ڀٽو شهيد هيومن ريسورس ريسرچ اينڊ ڊيولپمينٽ بورڊ (BBSHRRDB)جي تربيتي پروگرام فيز 16 جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي آغا طارق پٺاڻ، صحيب شاهد (ڊائريڪٽر MABSIT) جهانزيب ڪمال (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ميڊيا، BBSHRRDB) زاهد اقبال ڀٽي (ڊائريڪٽر اي ڪمپليڪس ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ)، اڪبر حسن جوکيو شاگرد ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. شاهينه شير علي وڌيڪ چيو ته عورتن جي ترقي واري کاتي جي تحت عورتن کي معاشي طور تي خودمختيار بڻائڻ لاءِ مختلف پروگرامن تي ڪم جاري آهي.

بقايا 8 ناصر شاهه

اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ شهر جي بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۽ ترقياتي ڪمن جي رفتار تيز ڪرڻ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ ميئر ڪراچي، ڪمشنر ڪراچي، بلديات کاتي جا سينيئر آفيسر فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن (ايف ڊبليو او) جا نمائندا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا عملدار شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ڪراچي ۾ جاري مختلف ترقياتي منصوبن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جن ۾ اندروني روڊن جي تعمير ۽ بحالي، رابطا روڊ، اهم شاهراهون، صنعتي علائقن جي ترقي ۽ انڊر پاسز جي تعمير شامل آهن. ايف ڊبليو او ۽ بلديات کاتي جي نمائندن منصوبابندي، عملدرآمد ۽ ٽائيم لائين بابت بريفنگ ڏني. ان موقعي تي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته سڀئي اسٽيڪ هولڊر هڪ ئي پيج تي آهن ۽ ڪراچي جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته شهر جي ترقي لاءِ ڀرپور توانائي، توجهه ۽ گڏيل حڪمت عملي سان قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن منصوبا وقت سر مڪمل ٿي سگهن ۽ عوام کي سهولتون مهيا ٿي سگهن مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ ترقياتي ڪمن جي نگراني ۽ بهتري لاءِ هڪ ڪاميٽي باقاعدي طور نوٽيفاءِ ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ڪراچي هڪ وڏو ميٽروپوليٽن شهر آهي جنهن کي خاص توجهه، مسلسل منصوبابندي ۽ مؤثر عملدرآمد جي ضرورت آهي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. اجلاس جي پڄاڻي تي ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته مختلف کاتن وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو ۽ ترقياتي منصوبن تي مؤثر نموني عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو، جيئن ڪراچي جي شهرين جي زندگي جي معيار ۾ بهتري آڻي سگهجي.

بقايا 9 خطرو

ڀارتي معيشت کي عالمي پابندين جي ويجهو پهچائي ڇڏيو آهي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارت لاءِ روس کان سستو تيل خريد ڪرڻ جي پاليسي هاڻي سفارتي ۽ معاشي دٻاءَ ۾ تبديل ٿيندي نظر اچي رهي آهي. آمريڪا طرفان ڀارت جي امپورٽ تي 500 سيڪڙو تائين ٽيرف لاڳو ڪرڻ جو خطرو پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن مودي جي حڪومت کي عالمي پابندين جي ويجهو پهچائي ڇڏيو آهي روس سان وڌندڙ قربت ڀارت لاءِ فائدي بدران هڪ وڏي معاشي چئلينج ۾ تبديل ٿيندي نظر اچي رهي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گذريل سال آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڀارتي امپورٽ تي 25 سيڪڙو ٽيرف لاڳو ڪيو هو جڏهن ته روس جي تيل جي خريداري تي اضافي 25 سيڪڙو ڏنڊ به لڳايو ويو هو ان فيصلي جي نتيجي ۾ ڪجهه ڀارتي مصنوعات تي مجموعي ڊيوٽي 50 سيڪڙو تائين پهچي وئي. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته ڊسمبر 2025ع ۾ به آمريڪي صدر ڀارت جي چانورن تي ٽئين ٽيرف لاڳو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، جنهن سبب ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري ڇڪتاڻ وڌي وئي. هٿي آمريڪا ۽ ڀارت وچ ۾ ڳالهين ۾ دير جو شڪار عالمي پابندين جو خدشو ۽ وڌندڙ واپاري ٽيرف مودي حڪومت جي معاشي ماڊل تي سواليه نشان بڻجي چڪو آهي معاشي ماهرن مطابق انتهاپسند هندو تنظيم آر ايس ايس جي اثر هيٺ مودي حڪومت جو ڌيان ڀارت کي هڪ مضبوط معاشي طاقت بڻائڻ بدران رڳو هندو پرست رياست جي قيام تي آهي

بقايا 10 گورنر

گورنر شهزاده فهد بن سلطان بن عبدالعزيز آل سعود سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ ڀائپي، ڀائراڻي لاڳاپن باهمي تعاون ۽ علائقائي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، سعودي سفير نواف بن سعيد احمد المالڪي، قونصل جنرل ملٽري اتاشي ۽ ٻيا اعليٰ عملدار پڻ ان موقعي تي موجود هئا. ملاقات دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ تاريخي، مذهبي ۽ ڀائراڻا لاڳاپا وقت سان گڏ مضبوط ٿيا آهن ۽ ٻئي ملڪ مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جا خواهشمند آهن. گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري تبوڪ صوبي جي گورنر جي دوري کي ٻطرفي لاڳاپن جي فروغ ۾ هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان سعودي عرب سان پنهنجي لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو جيڪو خطي ۾ امن استحڪام ۽ ترقي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو. گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ايئرپورٽ تي سعودي عرب جي صوبي تبوڪ جي گورنر شهزاده فهد بن سلطان بن عبدالعزيز آل سعود کي گرمجوشي سان الوداع ڪيو ۽ ٻنهي ڀائر ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو

بقايا 11 واڌ

جي 9 مئي جي واقعن دوران گهيراءَ بابت درج 7 ڪيسن ۾ عبوري ضمانتن ۾ 13 فيبروري تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي ۽ ايندڙ ٻڌڻي تي پراسيڪيوشن بابت ڪيسن جو مڪمل رڪارڊ پڻ طلب ڪري ورتو آهي دهشت گردي جي خاتمي بابت عدالت جي جج منظر علي گل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جمعي ڏينهن عبوري ضمانت جو مدو ختم ٿيڻ تي فواد چوڌري پنهنجي وڪيلن سميت عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ پنهنجي حاضري لڳرائي فواد چوڌري خلاف درج ڪيس ۾ جناح هائوس چوڪ وٽ گاڏين ساڙڻ ۽ شير پائو پل تي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ جا الزام شامل آهن

بقايا 12 شرڪت ڪندو

پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي غيرمعمولي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم جمعي جي رات سعودي عرب روانو ٿيندو هو او آءِ سي جي ميمبر ملڪن جي هم منصبن سان ٻطرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو

بقايا 13 ڌرڻو ختم

اڳواڻ امير آزاد پنهور مرزا گروپ جي اڳواڻ واحد چانڊيو حيدرآباد کان ايل جسقم اڳواڻ بشير ملاح قومي عوامي تحريڪ جي عبدالله چانڊيو تحريڪ انصاف جي عزيز ڏيرو ۽ ٻين اڳواڻن هزارين ماڻهن جي ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو ته ڪيلاش ڪولهي جي قاتل سرفراز نظاماڻي کي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪرڻ انتظاميه جي خراب ڪارڪردگي جي نشاني آهي پوليس وٽ ايترا وسيلا هجڻ باوجود جوابدار هٿ نه اچڻ شڪ شبها پيدا ڪيا آهن سياسي مخالفن کي ڪلاڪن ۾ کڻي ڪيو ٿو وڃي پر قتل جو جوابدار گرفتار نه ٿو ٿئي هن موقعي تي ڪيلاش ڪولهي جدوجهد ڪميٽي جي اڳواڻ سان ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ڊپٽي ڪمشنر بدين طرفان مسلسل رابطو ۽ ڳالهين کان پوءِ ڪميٽي جي اڳواڻ پهلاج ڪولهي اسٽيج تي اچي انتظاميه سان ڪيل ڳالهين جا تفصيل ڏنا ۽ چيو ته 12 رڪني جدوجهد ڪميٽي جي اڳواڻن صلاح مشورت کان پوءِ انتظاميه کي هڪ هفتي جي مهلت ڏني آهي ته هو قاتل کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائي ٻي صورت ۾ هڪ هفتي کان پوءِ ڊي سي چوڪ بدين تي ڪيلاش ڪولهي جي قاتل سرفراز نظاماڻي جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو هن ڌرڻي کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي جدوجهد ۾ ساٿ ڏيندڙ سمورن سياسي سماجي اڳواڻن ڪارڪنن هارين پورهيتن جو ٿورو مڃيندي چيو ته ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ اميد نه ساڳئي جذبي سان ڪميٽي جي جدوجهد جي مدد ۽ حمايت جاري رکي ويندي هن موقعي تي ٻن ڏينهن کان پوليس جا وڏا اڦالا ڌرڻي واري هنڌ بيٺل رهيا سڄو ڏينهن ڌرڻو خالي ڪرائڻ لاءِ پوليس چڙهائي ڪرڻ جا افواهه هلندا رهيا بدين بار ايسوسيئيشن جي طرفان ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ڌرڻي واري هنڌ عورتون پڻ وڏي انگ ۾ موجود هيون ڪميٽي جي طرفان ڌرڻي ختم ڪرڻ جي اعلان تي پنڊال مان نامنظور جا نعرا لڳندا رهيا سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ چيو ته ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ جدوجهد ۾ ڪميٽي ۽ وارثن سان گڏ آهيون

بقايا 14 ضياءُ لنجار

حقن بابت خاص معاون راجوير سنگهه سوڍا ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون ويرجي ڪولهي، وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سينيئر صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ ۽ مڪاني ادارن جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان اهم ملاقات ڪئي صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته پوليس سميت سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان واقعي بابت تفصيل حاصل ڪيا ويا آهن هن چيو ته مقتول ڪيلاش ڪولهي جي وارثن سان فون ذريعي رابطو ڪري کين مڪمل يقين ڏياريو ويو آهي ته قاتل کي ڪنهن به قسم جي ڪا رعايت نه ڏني ويندي. گهرو وزير چيو ته جوابدار سرفراز نظاماڻي جيڪو واقعي بعد فرار آهي ان سان به ڪنهن به قسم جي ڪا نرمي نه ڪئي ويندي، چيو ته هن ناحق هڪ نوجوان جو قتل ڪيو آهي. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته هو واعدو ڪري ٿو ته قاتل کي جلد کان جلد گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ان موقعي تي گهرو وزير قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي سخت هدايتون ڏيندي چيو ته جوابدار کي فوري گرفتار ڪري جلد رپورٽ پيش ڪئي وڃي. وڏي وزير سنڌ جي انساني حقن بابت خاص معاون راجوير سنگهه سوڍو ۽ ويرجي ڪولهي چيو ته سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت انساني حقن جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي برداشت نه ڪندي هن وڌيڪ چيو ته انصاف جي فراهمي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان ئي مقصد لاءِ هو حڪومت جي نمائندگي ڪري رهيا آهن

بقايا 15 مجيب صحرائي

منعقد ڪئي جنهن جو افتتاح سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جي وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي ربن ڪٽي ڪيو ان موقعي تي هن يونيورسٽيءَ جي ڊينز انڪيوبيشن سينٽر جي سربراهن جن ۾ ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو ڊاڪٽر عبدالحفيظ خان، غلام مصطفيٰ شيخ، جناب شاهد عبيد ۽ ٻيا شامل هئا، سان گڏجي اسٽالن جو دورو ڪيو جتي سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جي 90 کان وڌيڪ شاگردن پنهنجا 32 اسٽارٽ اپ خيال پيش ڪيا هئا. وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي شاگردن جي جديد خيالن جي تعريف ڪئي ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪندي چيو ته سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جا هي نوجوان مستقبل ۾ ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجون صلاحيتون ۽ تخليقي ڪاروباري خيال شامل ڪندا. هن چيو ته نوجوان نسل کي سندن مستقبل جي ڪاروباري منصوبن بابت رهنمائي ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اهي مستقبل ۾ ملڪ جي خوشحاليءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن هن چيو ته موجوده دنيا ۾ مضبوط معاشي استحڪام واپار ۽ ڪاروبار مان پڻ اچي ٿو تنهن ڪري اسان جي نوجوان نسل کي بدلجندڙ دنيا کي ڏسڻ گهرجي ۽ ملڪ جي معيشت کي سهارو ڏيڻ لاءِ بزنيس جي شعبن ۾ ڄاڻ ۽ مهارت حاصل ڪرڻ گهرجي ان موقعي تي شاگردن پنهنجي اسٽارٽ اپ آئيڊيائن ويزن ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل خيالن جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا 16 هدايت

سينيٽر راڻا محمود الحسن ڪئي. اجلاس ۾ سينيٽر فاروق حميد نائڪ، سينيٽر عامر ولي الدين چشتي، سينيٽر عبدالقادر خان، سينيٽر شهادت اعوان، سينيٽر عطاالرحمان ۽ سينيٽر سليم منڊوي والا سميت ايم پي اي صائم آغا، ايم پي اي شارق جمال ۽ ايم پي اي راڻا شوڪت علي شرڪت ڪئي. ڪاميٽي کي ايڊيشنل سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن سميت نيپساڪ ۽ اوگرا جي اعليٰ عملدارن بريفنگ ڏني. نيپساڪ ڪاميٽي کي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت آگاهه ڪيو. ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ 82 ترقياتي منصوبا جاري آهن جن جي مجموعي لاڳت 1 هزار 558 ارب رپيا آهي، جڏهن ته بلوچستان ۾ 17 منصوبا زير تڪميل آهن. ڪاميٽي منصوبن ۾ دير ۽ تعطل تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي نيپساڪ کي هدايت ڪئي ته نگراني جو نظام بهتر بڻايو وڃي ۽ منصوبا وقت سر مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس دوران ڪراچي ۾ پاڻي جي شديد کوٽ ۽ ٽينڪر مافيا جي غير قانوني اجاره داري جو به نوٽيس ورتو ويو. ميمبرن صورتحال تي سخت تشويش جو اظهار ڪندي چيو ته ٽينڪر مافيا شهر کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي ۽ شهرين کي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. ڪاميٽي سنڌ حڪومت کي سفارش ڪئي ته ٽينڪر مافيا خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪراچي جي موجوده آبي ڍانچي کي ڪي-فور واٽر سپلاءِ منصوبي مطابق بهتر بڻايو وڃي. ڪاميٽي اهو به فيصلو ڪيو ته ڪي-فور منصوبي جي فنڊنگ ۽ اڳڀرائي جو هر ڇهن مهينن بعد جائزو ورتو ويندو. وڌيڪ تجويز ڏني وئي ته سينيٽ جون قائمه ڪاميٽيون براءِ خزانه منصوبا بندي ۽ ڪيبنيٽ ڊويزن ٻين لاڳاپيل ڪاميٽين سان گڏجي فقط ڪي-فور منصوبي تي وزيراعليٰ سنڌ ۽ صوبائي اسٽيڪ هولڊرز سان گڏيل اجلاس منعقد ڪن. ان اجلاس ۾ ميئر ڪراچي چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ايم ڊي واٽر بورڊ کي به مدعو ڪيو ويندو. اوگرا ڪاميٽي کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ملڪ ۾ 12 هزار پيٽرول پمپن کي ڊيجيٽل نظام ۾ آڻڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. فيز ون تحت صارفين کي موبائل ايپ ۽ هيلپ لائين ۽ ڊيوائيسز فراهم ڪيون وينديون، جن ذريعي سڀني قانوني پيٽرول پمپن جي سڃاڻپ ممڪن ٿيندي، جڏهن ته غير قانوني پمپن جي به رپورٽ ڪري سگهبي. وڌيڪ ٻڌايو ويو ته 15 هزار آئل ٽينڪر پنجاب انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (PITB)پاران تيار ڪيل ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم تحت مانيٽر ڪيا ويندا ته جيئن غير قانوني ايندڻ جي نقل ۽ حمل جي نشاندهي ٿي سگهي. ايندڙ مرحلي ۾ پيٽرول پمپن تي ڊيجيٽل گيجنگ متعارف ڪرائي ويندي، جنهن سان شفافيت يقيني بڻبي ۽ ڪرپشن جو خاتمو ممڪن ٿيندو.

بقايا 17 وفات

نارائي جي جنازي حيدرآباد جي پڇائي ڳوٺ ۾ ڏينهن جو ظهر نماز بعد 2 وڳي جنازي نماز ادا ڪئي ويندي ۽ مرحوم جي مڙهه کي شاهه بخاري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو پ پ فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد سينيئر صحافي لالا رحمان سمون، خالد ڪوڪر اقبال ملاح، جڳ پرڪاش موراڻي، غلام حسين خاصخيلي جاني خاصخيلي ۽ شاهد جوکيو سميت حيدرآباد جي صحافين ڏک جو اظهار ڪندي صحافي منير نارائي سان سندس ڀاءُ قربان علي نارائي جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪندي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي

بقايا 18 مظاهرو

ڇڏي، پوليس واقعي جا ڪارڻ معلوم نه ڪري سگهي ۽ نه ئي واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ڀرسان ماهوٽا ڳوٺ ٿاڻي جي حد ڳوٺ آڳاٽي وٽ دادو ڪئنال مان 18 ورهين جي اڻڄاتل نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ آيو هو جنهن جي سڃاڻپ ضلعي شڪارپور جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ دود ڏيکو جي رهواسي ڪراچيءَ ۾ پورهيو ڪندڙ فراز پٽ سراج ڏيکو طور ٿي آهي جنهن جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي بعد سندس والد سراج ڏيکو حوالي ڪيو ويو ان حوالي سان مقتول نوجوان جي وارثن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي آهي ته مقتول نوجوان جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. ان حوالي سان ماهوٽا پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو مقتول نوجوان جي سڃاڻپ سندس والد سراج ڏيکو پاران ڪئي وئي آهي ضروري ڪارروائي بعد نوجوان جو لاش سندس حوالي ڪيو ويو آهي. مقتول نوجوان جي والد پوليس کي ٻڌايو آهي ته سندن ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي مقتول نوجوان ڪراچي ۾ پورهيو ڪندو هو جنهن 6 جنوري تي فون ڪري ڳوٺ اچڻ جو چيو جنهن جو مسلسل نمبر بند مليو ميڊيا تي خبرون نشر ٿيڻ تي وارثن پهچي لاش جي سڃاڻپ ڪئي آهي جنهن واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو جڏهن ته پوليس نوجوان جي قتل جو ڪارڻ معلوم نه ڪري سگهي ۽ نه ئي واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو آهي

بقايا 19 رپورٽ طلب

مقابلي جي اصل حقيقتن سميت، چالاڻ ملزم جي مختلف مقدمن ۾ ملوث هجڻ بابت به جاچ ڪري تفصيلي رپورٽ پيش ڪندو.

بقايا 20 مارجي ويو

ڪوشش ڪئي ته ڦورن فائرنگ ڪري نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا. مقتول نوجوان چار ڀائرن ۾ وڏو هو ۽ پنهنجي والدين جو سهارو هو آءِ جي سنڌ ڦرلٽ دوران مزاحمت ڪرڻ تي نوجوان جي قتل جو نوٽيس ورتو آهي ۽ ڊي آءِ جي ايسٽ کان رپورٽ طلب ڪئي آهي جمعي جي صبح ڪورنگي ضلعي جي الفلاح ٿاڻي جي علائقي شمسي سوسائٽي-البدر سوسائٽي ۾ فرار ٿيندڙ ڦورن فائرنگ ڪري نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو سندس لاش کي فوري طور تي ڇيپا ايمبولينس ۾ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي قتل ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ 25 سالن جي محمد شعيب پٽ محمد اسلم جي نالي سان ٿي واقعي جي اطلاع ملڻ تي الفلاح پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ ٻن خولن سميت واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪيا ايس ايچ او الفلاح راؤ عمير ميڊيا کي ٻڌايو ته قتل ٿيل نوجوان محمد شعيب وٽ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ۽ ڊسپوزيبل آئٽم وڪڻڻ جو دڪان هئو مقتول نوجوان صبح سوير پنهنجو دڪان کولي رهيو هو ته موٽرسائيڪل تي سوار ٻه ڦورو موقعي تي پهتا ملزمن بندوق جي زور تي دڪان مان 10 کان 15هزار رپيا ڦر ڪري کان پوءِ فرار ٿي رهيا هئا ته موٽرسائيڪل دڪان کان ڪجهه فاصلي تي لاهور هوٽل جي سامهون هڪ کڏ ۾ ڪري پيئي ۽ ويجهي هوٽل ۾ ويٺل شهري ان کي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙيا. ان دوران قتل ٿيل نوجوان به ڪڏ ۾ ڪري پونڊ ڦورن کي پڪڙڻ لاءِ پنهنجي دڪان تان ڊوڙي اچي پهتو ان دوران نوجوان شعيب ملزمن سان وڙهيو ۽ هڪ ملزم جو ماسڪ به لهي ويو جنهن تي ڦورن فائرنگ ڪئي جنهن سبب نوجوان کي ڳچيءَ ۾ گولي لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته هٿيار بند ملزم موقعي تان فرار ٿي ويا. ايس ايچ او چيو ته پوليس واقعي واري هنڌ تان گولين جا خول ۽ ٻيا ثبوت گڏ ڪيا آهن جڏهن ته واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. مقتول شعيب جي ننڍي ڀاءُ محمد سهيل چيو ته سندس ڀاءُ وٽ نه کان اڍائي لک رپيا هئا، جيڪي هو بينڪ ۾ جمع ڪرائڻ وارو هو هن چيو ته علائقي ۾ ڪو به پوليس گشت نه هجڻ جي برابر آهي. پوليس اچي ٿي آهي ۽ پنهنجو خرچ پاڻ ڪٽي هلي ويندي آهي. جيڪڏهن اڄ علائقي ۾ پوليس هجي ها ته سندس ڀاءُ جيئرو هجي ها. مقتول جي ڀاءُ مطالبو ڪيو آهي ته سندس ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ۽ انهن کي سخت ترين سزا ڏني وڃي.

بقايا 21 لاڳو

دائرو ڪولڪتا، ممبئي ۽ چنئي ۾ قائم پنهنجي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر تائين وڌائي ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق بنگلاديشي پرڏيهي وزارت گذريل ڏينهن رات جو ان فيصلي جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته اهي پابنديون لاڳو ٿي ويون آهن بنگلاديشي پرڏيهي وزارت جي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته تازن قدمن تحت ڪاروباري ۽ نوڪري پيشي جي ماڻهن کان علاوه هر قسم جي ويزا معطل ڪئي وئي آهي. ڪولڪتا ۾ بنگلاديش جي ڊپٽي هاءِ ڪميشن ۾ قونصلر ۽ ويزا خدمتون مڪمل طور تي روڪيون ويون آهن. جڏهن ته ممبئي ۽ چنئي ۾ ڀارتي شهرين لاءِ سياحتي ۽ ٻين ويزائن جون خدمتون معطل ڪيون ويون آهن. بنگلاديش ۾ سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته اهو فيصلو ٻنهي ملڪن وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي سيڪيورٽي خدشن سبب کنيو ويو آهي.

بقايا 22 ايران

ڪڏهن نه هٽندو پرڏيهي ميڊيا مطابق هن اها ڳالهه هڪ انٽرويو دوران ايران جي ايٽمي پروگرام بابت سوال جي جواب ۾ چئي. ايران جي سفير چيو ته ايران جو عوام ۽ قيادت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي منصفاڻي ۽ متوازن معاهدي کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنجيده ۽ بامقصد ڳالهين کان ڪڏهن پويان نه هٽندي واضح رهي ته 2015ع ۾ ايران ۽ برطانيا، جرمني، چين، روس، آمريڪا ۽ فرانس وچ ۾ گڏيل جامع ايڪشن پلان (جي سي پي او اي) تي صحيحيون ٿيون هيون، جنهن جي نتيجي ۾ 2002ع کان جاري ايٽمي بحران جو خاتمو ٿيو ان بحران جي شروعات ان وقت ٿي هئي جڏهن اولهه جي ملڪن تهران تي ايٽمي هٿيار ٺاهڻ جا الزام لڳايا هئا. جڏهن ته 2018ع ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ٻه طرفو آمريڪا کي ان معاهدي کان ڌار ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ايران تي سموريون پابنديون بحال ڪري ڇڏيون ان جي جواب ۾ ايران 2020ع ۾ جي سي پي او اي تحت پنهنجن ذميوارين ۾ گهٽتائي ۽ عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي (آءِ اي اي اي) جي معائنڪارن جي پهچ محدود ڪرڻ جو اعلان ڪيو ايجنسي طرفان معائنڪاري جو عمل جون 2025ع ۾ ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ اضافي تائين جاري رهيو

بقايا 23 هدايت

سان شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي جنهن سان خساري ۾ هلندڙ فيڊرز جي نقصانن ۾ گهٽتائي ۽ انهن علائقن ۾ بجلي مسلسل ميسر ٿيندي. ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم جي صدارت ۾ ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي جي لاءِ سولرائيزيشن ۽ بجلي جي شعبي ۾ جاري سڌارن جي حوالي سان جائزه اجلاس ٿيو جنهن ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، بجلي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري، پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي چيف سيڪريٽريز ڪانسواءِ اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي وزيراعظم هدايت ڪئي ته وڌيڪ خساري وارا بجلي فيڊرز ڪميونٽي ۽ صوبائي حڪومتن جي تعاون سان شمسي توانائي تي منتقل ڪيا وڃن ان قدم سان خساري ۾ هلندڙ فيڊرز جي نقصانن ۾ گهٽتائي ٿيندي ۽ انهن علائقن ۾ بجلي مسلسل ميسر ٿيندي. وزيراعظم پيسڪو ۽ ڪيسڪو جي وڌيڪ نقصان ۾ هلندڙ فيڊرز ۾ فوري طور تي پائليٽ پراجيڪٽس جاري ڪرڻ ۽ پائليٽ پراجيڪٽس کي ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ چونڊيل نمائندن سان مشاورت ۽ ڪميونٽي جي شرڪت يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. اجلاس کي پيسڪو ۽ ڪيسڪو جي خساري ۾ هلندڙ فيڊرز کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي اهڙن فيڊرز جي شمسي توانائي تي منتقلي سان مقامي آبادي جي لاءِ هڪ ماحول دوست، گهٽ لاڳت ۽ پائيدار مائيڪرو گرڊ بڻجي ويندو مقامي آبادي، صوبائي ۽ وفاقي حڪومتون ان منصوبي ۾ حصيدار هونديون اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ان منصوبي سان نه رڳو گهٽ لاڳت بجلي پيدا ٿيندي پر مستقبل ۾ بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي خساري ۾ نمايان گهٽتائي ٿيندي منصوبي جي اصولي منظوري ڏيندي وزيراعظم هدايت ڪئي ته خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ پائليٽ پراجيڪٽ تي فوري طور تي ڪم شروع ڪيو وڃي.

بقايا 24 وزيراعظم

سيڙپڪارن جي وڌندڙ دلچسپي جي آجيان ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ پراڻا ڀائراڻا لاڳاپا وڌيڪ موثر معاشي تعاون ۽ سيڙپڪاري طرف وڌي رهيا آهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان گڏيل عرب امارات جي ناليواري بزنس گروپ "سجواڻي گروپ" جي وفد ڪالهه جمعي ڏينهن ملاقات ڪئي. وفد سان ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ گهرا پراڻا ۽ ڀائراڻا لاڳاپا قائم آهن جيڪي گڏيل اعتماد ۽ احترام تي ٻڌل آهن هن چيو ته شيخ محمد بن زايد النهيان جي تازي پاڪستان جي دوري ٻنهي ملڪن جي حصيداري کي وڌيڪ سگهه ڏني آهي ۽ تعاون جي فروغ جي لاءِ سازگار ماحول قائم ڪيو آهي وزيراعظم ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته تازي اعليٰ سطح جي رابطن ۽ متاسنا سان پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي نجي شعبن ۽ سيڙپڪارن جي گڏيل اعتماد ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ گڏيل تعاون جي فروغ جي لاءِ هڪ مضبوط بنياد ميسر ٿيو آهي.

بقايا 25 صدر ٽرمپ

تي حملو ڪرڻ جو فيصلو پنهنجي طئي ٿيل اخلاقيات جي اصول ۽ پنهنجي سوچ تي وٺان ٿو مون کي ٻئي ڪنهن جي پرواهه ناهي، صدر ٽرمپ جو اهڙو بيان ان وقت سامهون آيو آهي، جڏهن آمريڪي سينيٽ هڪ قرارداد بحث لاءِ منظور ڪئي جنهن ۾ چيو ويو ته صدر ٽرمپ کي وينزويلا ۾ وڌيڪ فوجي قدم کڻڻ لاءِ ڪانگريس جي اجازت وٺڻ پوندي بحث ۾ ان قرارداد جي حق ۾ 52 ۽ مخالفت ۾ 47 ميمبرن مخالفت ڪئي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته سڄي دنيا ۾ فوجي ڪارروائي جي حڪم کان کيس ڪا شيءِ روڪي ٿي ته اها اخلاقيات آهي پرڏيهي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو دوران صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته ها رڳو هڪ شيءِ آهي جيڪا منهنجي پنهنجي اخلاقيات ۽ دماغ آهي، جيڪو مونکي ڪنهن ڪم کان روڪي سگهي ٿو. هن چيو ته مون کي عالمي قانون نه گهرجن مان ماڻهن کي تڪليف نٿو ڏيڻ چاهيان هن چيو ته مونکي عالمي قانون جي پابندي ڪرڻ گهرجي پر ان جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته انهن قانونن جي تعريف ڇا آهي جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته ان جي ترجيح نيٽو جي فوجي اتحاد جو تحفظ آهي يا گرين لينڊ حاصل ڪرڻ ان جي جواب ۾ آمريڪي صدر چيو ته ان مان ڪو هڪ ٿي سگهي ٿو هن چيو ته گرين لينڊ جي ملڪيت اهڙي شيءِ آهي جيڪا مونکي لڳي ٿي ته نفسياتي طور تي ڪاميابي لاءِ ضروري آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته امن معاهدي جي صورت ۾ يوڪرين کي فوجي مدد ۾ آمريڪا جو ثانوي ڪردار هوندو پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته جيڪڏهن يوڪرين بابت امن معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو ۽ ان ۾ مستقبل ۾ ڪنهن امڪاني حملي جي صورت ۾ فوجي سهڪار جي شق شامل هجي ته آمريڪا ان عمل ۾ ثانوي ڪردار ادا ڪندو صدر مطابق يوڪرين جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ جي بنيادي ذميواري يورپي اتحادين ۽ ٻين شراڪتدار ملڪن تي لاڳو ٿيندي، جڏهن آمريڪا معاون ڪردار تائين محدود رهندو هن چيو ته ان ۾ يوڪرين جا اتحادي، سمورو يورپ ۽ ٻيا ملڪ شامل هوندا آمريڪي صدر ان اعتماد جو اظهار به ڪيو ته روس مستقبل ۾ يوڪرين تي ٻيهر حملو نه ڪندو

بقايا 26 عمارتن کي باهيون

کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن جي حوالي سان ٻڌايو ته حڪومت مخالف مظاهرا ملڪ جي سمورن 31 صوبن جي 100 کان وڌيڪ شهرن ۽ علائقن تائين پکڙجي چڪا آهن ايران جي گادي واري شهر تهران ۽ ٻين شهرن ۾ هزارين ماڻهو احتجاجي مظاهرن ۾ شامل ٿي ويا آهن ايران جي ٻي وڏي شهر مشهد ۾ ٿيندڙ انهن مظاهرن ۾ شامل ماڻهن کي سڪيورٽي فورسز چوڙهو ناهي ڪيو ايران ۾ جاري پرتشدد مظاهرن سبب ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ انٽرنيٽ جي بندش جا به اطلاع آهن جنهن جي تصديق هڪ مانيٽرنگ گروپ به ڪئي آهي مظاهرو ڪندڙ سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي خلاف نعرا ۽ اڳوڻي شاهه جي جلاوطن پٽ رضا پهلوي جي واپسي جو مطالبو ڪيو ناروي ۾ قائم هيومن رائيٽس چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين ۾ گهٽ ۾ گهٽ 45 مظاهرو ڪندڙ جن ۾ 8 ٻار به شامل آهن مارجي ويا آهن اصفهان ۾ ايراني براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي عمارت کي باهه لڳائڻ جا به اطلاع آهن مختلف شهرن ۾ مظاهرو ڪندڙن سرڪاري عمارتن تي حملا ڪيا ۽ حڪومتي فورسز ۽ پوليس جي گاڏين ۽ بيرڪس کي باهه ڏئي ڇڏي

بقايا 27 واڌ

پنجين ۽ آخري ڏينهن جمعي تي ڪاروبار جي شروعات هاڪاري انداز ۾ رهي مارڪيٽ جي شروعات تي تيزي جو رجحان ڏسڻ ۾ آيو ۽ 100 انڊيڪس 365 کان وڌيڪ پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 85 هزار 908 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو واضح رهي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻي تي مندائي جو رجحان رهيو جنهن سبب 100 انڊيڪس 975 پوائنٽس جي گهٽتائي سان هڪ لک 85 هزار 543 پوائنٽس تي بند ٿيو هو سيڙپڪارن جي چونڊيل شعبن ۾ خريداري سبب اڄ مارڪيٽ ۾ بهتري ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي.

بقايا 28

واڌ سان في تولو سون 4 لک 69 هزار 562 رپيا ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ڪالهه سون جي في تولي جي اگهه ۾ 3400 رپيا واڌ ڪانپوءِ سون جو في تولو 4 لک 69 هزار 562 رپيا ٿي ويو ۽ 24 قيراط سون جي 10 گرام جي اگهه ۾ به 2915 رپيا واڌ ڪانپوءِ 3 لک 99 هزار 658 رپين کان وڌي 4 لک 2573 رپيا ٿي ويو جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط جي سون جو اگهه 3 لک 66366 رپين کان وڌي 3 لک 69038 رپيا ٿي ويو آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن چيو آهي ته في تولو چانديءَ جي اگهه ۾ 70 رپيا واڌ ڪانپوءِ 8195 رپيا تولو ۽ 10 گرام چانديءَ جي اگهه 60 رپيا واڌ ڪانپوءِ 7025 رپيا ٿي ويو ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو اگهه 4438 ڊالرن کان وڌي 4472 ڊالر ٿي ويو

بقايا 29 منظوري

جيولاجيڪل سروي سان ذخيرن جي جاگرافيائي ۽ ماليت جو تعين ڪيو وڃي پاليسي فريم ورڪ ۾ ٻاهرين سيڙپڪاري جي لاءِ موزون ماحول جي فراهمي کي اولين ترجيح ڏني وڃي پاڪستاني قيمتي پٿر سڄي دنيا ۾ پنهنجي معيار جي حوالي سان مقبول آهن اسمگلنگ جي خاتمي ۽ قانوني طريقي ذريعي برآمد سان اربين ڊالرز پرڏيهي ناڻي حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻائيندو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ جواهرات ۽ قيمتي پٿرن جي ذخيرن جي سڌارن برآمدات ۾ اضافي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي لاڳو تي اعليٰ سطح جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن اعظم نذير تارڙ علي پرويز ملڪ مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني خاص معاون هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس کي پاڪستان ۾ قيمتي پٿرن جي صلاحيت، علائقائي تقابلي جائزي، برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ گهربل قدمن ۽ قومي پاليسي فريم ورڪ جي مقصدن ۽ لاڳو جي مقرر مدي جي هدفن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي وزيراعظم هلندڙ سال پاليسي فريم ورڪ ۾ تجويز ڪيل قدمن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ، ترجيحي بنيادن تي جيولاجيڪل سروي سان ذخيرن جي جاگرافيائي ۽ ماليت جو تعين ڪرڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم هدايت ڪئي ته ان ۾ سمورن لاڳاپيل ادارن صوبائي حڪومتن ۽ ڌرين جي مشاورت يقيني بڻائي وڃي عالمي معيار جي ليبارٽريز ۽ سرٽيفڪيشن جي لاڳو جي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن پاليسي فريم ورڪ ۾ ٻاهرين سيڙپڪاري جي لاءِ موزون ماحول جي فراهمي کي اولين ترجيح ڏني وڃي وزيراعظم چيو ته هلندڙ سال ملڪ ۾ جيمز اسٽونز سان لاڳاپيل ٻه عالمي سينٽرز آف ايڪسيلينس قائم ڪيا وڃن، پاڪستان ۾ جيمز اسٽونز جي ذخيرن جي مقابلي ۾ برآمدات نه هجڻ جي برابر آهي. هن چيو ته نجي ڪمپنين خاص طور تي نوجوان انٽرپرينيورز جي ان شعبي ۾ حوصلا افزائي ڪئي وڃي، پاڪستاني قيمتي پٿر سڄي دنيا ۾ پنهنجي معيار جي حوالي سان مقبول آهن اسمگلنگ جي خاتمي ۽ قانوني طريقي ذريعي برآمد سان اربين ڊالرز جو پرڏيهي ناڻو حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو وزيراعظم هدايت ڪئي ته عالمي شهرت يافته ماهرن جي مدد سان پاليسي فريم ورڪ تي عملدرآمد ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪيو وڃي وزيراعظم ناڻي واري وزارت کي شعبي جي ترقي جي لاءِ موجوده مالي وسيلن جي فوري فراهمي جي هدايت پڻ ڪئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان ۾ جواهرات ۽ قيمتي پٿرن جا وسيع ذخيرا موجود آهن جنهن جو محتاط ڪاٿو 450 ارب ڊالر آهي پاڪستان ۾ هن وقت 5 هزار کان وڌيڪ ڪمپنيون ڪاروبار ان شعبي سان واڳيل آهن جيڪي پاڪستان ۾ موجود 30 کان وڌيڪ قيمتي پٿرن جي پراسيسنگ جي حوالي سان ڪم ڪري رهيا آهن

بقايا 30 شڪايت داخل

ويا آهن شڪايت ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته چيف جسٽس عاليا نيلم ۽ جسٽس ابهر گل خان جج طور پنهنجي عهدن تي رهڻ جا اهل ناهن. تنهن ڪري سپريم جوڊيشل ڪائونسل ٻنهي جي تعليمي سندن ۽ مجموعي اهليت جو جائزو وٺي شڪايت ڪندڙ موجب جسٽس ابهر گل خان جي تعليمي ڊگري درست ناهي تنهن ڪري سندس مڪمل تعليمي رڪارڊ طلب ڪري جاچ ڪئي وڃي خاص طور مستقل جج مقرر ڪرڻ کان اڳ ان جي ڊگرين جي تصديق ڪئي وڃي شڪايت ۾ اهو الزام به هنيو ويو آهي ته لاهور ۾ سيشن ۽ ڊسٽرڪٽ ججز کي چالاڪي واري ٽارگيٽ ڪيو پيو وڃي ۽ انهن کي ڏورانهن علائقن ۾ ٽرانسفر ڪيو پيو وڃي جنهن سان انهن جي ذاتي خانداني زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي چيف جسٽس عاليا نيلم تي ضلعي عدالتن جي معاملن ۾ مداخلت جو الزام هڻندي مطالبو ڪيو ويو آهي ته سندس ڪردار جو به باقاعدي جائزو ورتو وڃي

بقايا 31 تعزيت

جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ سينيئر سياستدان مرحوم آغا سراج خان دراني جي رهائشگاهه تي پهتو جتي هن مرحوم جي صاحبزادي آغا شهباز خان دراني سان ملاقات ڪئي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر مرحوم آغا سراج خان دراني جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سندس صاحبزادي سان تعزيت ڪئي سردار اياز صادق مرحوم جي سياسي، جمهوري ۽ پارلياماني خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 32 رپورٽ طلب

سنڌ جاويد عالم اوڍو سخت نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ هدايت ڪئي آهي ته شهري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي جلد از جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به صورت ۾ لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته فوري طور پوليس ٽيمون ۽ انٽيليجنس اهلڪار متحرڪ ڪيا وڃن ته جيئن جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سگهجي

بقايا 33 وڏو وزير

هدايت ڪئي ته منظور ٿيل منصوبن جي بروقت مڪمل ٿيڻ معيار جي سخت پيروي ۽ منصوبن جي تيز رفتار عملداري کي يقيني بڻائي، اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سعيد غني، ناصر شاهه، جام خان شورو ضياء الحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم شاهه، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، بي جي پي اينڊ بي الطاف ساريو ۽ ٻيا شامل هئا. چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ نجم شاهه ترقياتي ڪارڪردگي، جاري فليگ شپ منصوبن ۽ ادارتي سڌارن تي تفصيلي آگاهي ڏني صوبي جي ترقياتي رسمي جو جائزو وٺندي وڏي وزير چيو ته سنڌ جو ترقياتي بجيٽ نمايان طور تي 2008-09 ۾ 55 ارب رپين کان 2025-26 ۾ 1,018 ارب رپين تائين وڌي وئي آهي جنهن مان 367 ارب رپيا فارن پروجيڪٽ اسسٽنس (FPA)تحت ۽ 76 ارب رپيا وفاقي PSDPتحت شامل آهن هن عرصي دوران 13,000 کان وڌيڪ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا جن مان 9,193 منصوبا سڙڪن، آبپاشي، WASH، تعليم، صحت، زراعت ۽ سماجي شعبن ۾ مڪمل ڪيا ويا. ڪجهه منصوبن ۾ دير ۽ لاڳت ۾ واڌ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي وڏي وزير هدايت ڪئي ته کاتن کي نون اعلانن کان وڌيڪ مڪمل ٿيڻ ۽ افاديت تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ غفلت، ناقص معيار يا ڪمزور نگراني برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 34 احتجاج

انتظاميه طرفان وفاقي وزير سان ملاقات ڪرڻ کان روڪيو ويو جنهن سبب ملازمن ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي ان موقعي تي مزدور اڳواڻ فاضل قيمخاني، شارلا جوکيو ۽ مولوي نظر جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هو گذريل 15 سالن کان پاڪستان ريلوي ۾ ڪچي ايل بنياد تي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن پر اڄ تائين کين مستقل ناهن ڪيو ويو هنن وڌيڪ چيو ته گذريل چار مهينن کان پگهارون به ادا ناهن ڪيون ويون

بقايا 35 سردار عبدالرحيم

نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي قتل ۽ دادو ۾ نوجوان نادر جمالي کي مبينا پوليس مقابلي ۾ قتل ڪرڻ وارن واقعن کي سنڌ ۾ وڌندڙ لاقانونيت ۽ ناانصافي جي بدترين مثال قرار ڏنو آهي. سردار عبدالرحيم چيو آهي ته واقعي کي ڪيترائي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ انتهائي فڪريه آهي مقتول جا وارث، ڪولهي برادري ۽ مختلف سياسي جماعتن سان واسطو رکندڙ شهري شديد سردي جي باوجود بدين ۾ کليل آسمان هيٺ احتجاجي ڌرڻي تي ويٺل آهن.

بقايا 36 زخمي

شيخ، جنيد شيخ، رخسانه، نائله سميت 13 ڄڻا شامل هئا بي سيڪشن پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي فوتي ۽ زخمين کي سول اسپتال ٽنڊوالهيار منتقل ڪري ڇڏيو جتي کين طبعي امداد ڏيڻ بعد سمورن زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو جتي زخمن جا تاب نه سهندي ميرپورخاص واسي 24 سالا جنيد خان ۽ رياض عباسي فوت ٿي ويا. پوليس موجب حادثو ڪوهيڙي سبب پيش آيو آهي ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي کي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪيو آهي

بقايا 37 نه ٿي سگهي

موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار موقعي تي ئي فوت ٿي ويو پوليس جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل جي کيسي مان ڪو به سڃاڻپ دستاويز هٿ نه ٿي سگهيو آهي، جنهن جي ڪري اڃا تائين سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي حادثي کان پوءِ ٽريلر ڊرائيور ٽريلر کي موقعي تي ڇڏي فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس ٽريلر کي تحويل ۾ وٺي پوليس ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو آهي ٽريلر ۾ موجود ڪلينر کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 38 رد

درخواست ضلعي انتظاميا رد ڪري ڇڏي آهي ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي جو چوڻ آهي ته جلسي لاءِ چونڊيل هنڌ مين روڊ تي واقع آهي، جتي جلسي سبب ٽريفڪ ۾ خلل پوڻ جو خدشو آهي ان ڪري اجازت نٿي ڏني سگهجي. البت انتظاميا پي ٽي آءِ کي هدايت ڪئي آهي ته متبادل هنڌ جو فيصلو ڪري شرڪت ڪندڙن جي متوقع انگ ۽ ٻيا تفصيل فراهم ڪيا وڃن جنهن بعد درخواست تي ٻيهر غور ڪيو ويندو

بقايا 39 جاچ شروع

بابت تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ان حوالي سان متاثر شهري نجيب الرحمان بروهي چيو آهي ته گذريل رات نامعلوم چور ڀت ٽپي گهر ۾ داخل ٿي ٻه موٽرسائيڪلون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن پوليس کي اطلاع ڏنو پر پوليس چورن جو پتو نه لڳائي سگهي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪلون واپس ڪرائي ڏنيون وڃن

بقايا 40 مطالبو

پهچي ڏانهن ڏيندي ٻڌايو ته پٽ عاشق ڏيهي ۾ رهندو هيو جيڪو هاڻي اچي ملڪيت جي لالچ ۾ اسان مٿان نشو ڪري بي گناهه تشدد ڪري ٿو ڪجهه شرپسند ماڻهون کيس رياج تي پيسا ڏئي رهيا آهن اسان جي منع باوجود به کيس پيسا ڏئي منشيات جو عادي بڻائي رهيا آهن جنهن سبب اسان جي حياتي کي خطرو آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته آئيس جي موالي پٽ سميت رياج خورن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 41 گرفتار

مارجي ويل ملزمن جا لاش ۽ زخمي ٿيل ملزمن کي طبي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ عرفان پٽ رحيم بخش ۽ صفدر پٽ شوڪت جي نالي سان ٿي آهي. گرفتار ٿيل زخمي جوابدارن ۾ دلاور پٽ عبدالله ۽ سهيل پٽ فدا حسين شامل آهن. پنجين گرفتار جوابدار پنهنجو نالو حمزه پٽ مهتاب ٻڌايو آهي گرفتار ۽ مارجي ويل جوابدارن کان گولين سان گڏ 4 پسٽول 5 چوري ٿيل قيمتي موبائل فون نقد رقم ۽ ٻه موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. جوابدار اسٽريٽ ڪرائم جي درجنين واقعن ۾ ملوث رهيا آهن ۽ واقعن دوران ڪيترن ئي شهرين کي گولين هڻي زخمي به ڪري چڪا آهن.


آفيس ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيوناٽولاجي
حڪومت سنڌ، ڪراچي

حوالہ نمبر: SICHN/GOS/Proc./Adv-NIT/XIX/25-26/178

## آچون گهربل آهن

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيوناٽولاجي جي مالي سال 2025 کان 2026 جي دوران هيٺ ڄاڻايل شين جي فراهمي جي لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم جي ذريعي اليڪٽرانڪ واڪ گهربل آهن. جيڪي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 ترميم ٿيل 2019 جي لاڳاپيل شقن جي تحت هوندي.

دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي درخواست آهي ته هو -/5000 رپيا ناقابل واپسي ٽينڊر فيس سنڌ بينڪ ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيوناٽولاجي جي نالي جمع ڪرائين ۽ جمع ٿيل رسيد فرسٽ فلور پلاٽ نمبر354 ۽ 356 جي ايم ويجهو پيپلز سيڪريٽريٽ چورنگي جمشيد ڪوارٽرز ڪراچي ۾ اشاعت جي تاريخ کان وٺي 26 جنوري، 2026 تائين صبح 9 کان ٽيهريءَ جو 3:00 وڳي جي وچ ۾، آچر ۽ سرڪاري موڪل جي علاوه جمع ڪرائين. تفصيلي شرط ۽ ضابطن تي مشتمل ٽينڊر دستاويزات اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم جي سرڪاري پورٽل https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تان ڊسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون.

سمورا واڪ ٽينڊر دستاويزات ۾ ڏنل هدايتن جي مطابق تيار ڪري اِي پيڊز جي ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. هر واڪ سان گڏ ڪُل لاڳت جي مطابق زرضمانت بينڪ ڊرافٽ، پي آرڊر، ڪال ڊپازٽ يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيوناٽولاجي جي نالي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. جيڪو اليڪٽرانڪ واڪن جي آخري تاريخ کان اڳ وصول ٿيڻ گهرجي. واڪ 26 جنوري، 2026 تي صبح 11:00 وڳي فرسٽ فلور پلاٽ نمبر 354 ۽ 356 جي ايم ويجهو پيپلز سيڪريٽريٽ چورنگي جمشيد ڪوارٽرز ڪراچي ۾ کوليون وينديون.

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيوناٽولاجي جي پروڪيورمينٽ ڪميٽي کي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 ترميم ٿيل 2019 جي تحت ڪنهن به يا سمورن واڪن کي رد ڪرڻ، منظور ڪرڻ يا رد ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.

| S. No. | Tender Title | Earnest Money | Tender Fee | Sale of Tender Document | Last Date and Time of Tender Sale | Date and Time of Submission of Tender | Date and Time of Opening of Tender | Tender Opening Venue / Address |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1. | Supply, Installation and Commissioning of Modular Operation Theatre | 2% | 5000/- | From Day of Publication of NIT | On or Before 26-01-2026 up to 10:00 a.m. | on or Before 26-01-2026 up to 10:30 a.m. | 26-01-2026 at 11:00 a.m. | Sindh Institute of Child Health and Neonatology (SICHN). First Floor, Plot No. 354 & 356 JM, Near People's Secretariat Chowrangi, Jamshed Quarters, Karachi |
| 2. | Hiring of Logistics and Transport Services for SICHN Sites | | | | | | | |

نوٽ:
- جيڪڏهن حڪومت جي طرفان ڪنهن به سرڪاري موڪل جو اعلان ڪيو ويو ته ٽينڊر ٻئي ڏينهن تي جمع ۽ کوليا ويندا.
- سمورا قابل اطلاق سرڪاري ٽيڪسز بشمول پروفيشنل ٽيڪس، جنرل سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ ٽيڪس ۽ ٻيا لاڳاپيل محصولات شامل هوندا.
- ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾ اميدوار واڪ ڏيندڙن اي پي اي ڊي ايس هيلپ لائين: 237 137 111 051 تي آفيس وقت دوران رابطو ڪري سگهن ٿا.

INF/KRY/0067/26

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيوناٽولاجي، حڪومت سنڌ. فون نمبر: 3-2-99333101-9221+

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

وزيراعظم پاران بلوچستان جون محروميون ختم ڪرڻ جو وچن! صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
مقصد ۽ هدف زندگيءَ جي اهميت کان آگاهي ڏين ٿا! صفحو 4

اڄوڪو ڏينهن 10 جنوري
مختيار اٺڙ صفحو 4

ڊاڪٽر رضا چانڊيو
دراوت ڊيم تي لياقت 87 جي ڊاڪٽرن جي گڏجاڻي! صفحو 4

# شاهبندر تعلقي جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد يوسف ميمڻ ايس ٽي آر پاليسي تحت بند

پرائمري اسڪول جي هلندڙ تدريسي عمل کي هٿ وٺي روڪي STR|اسٽوڊنٽ ٽيچر ريشو جاڻائي بند ڪيو ويو

ڳوٺاڻن پاران اهڙي تعليم دشمن پاليسي تي ڪاوڙ جو اظهار پڻ ڪيو ويو، علائقي ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل

اسڪول ۾ لڳ ڀڳ 30 کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم پرائي رهيا هئا، پرايس ٽي آر پاليسي تحت بند ڪري ظلم ڪيو ويو آهي: ڳوٺاڻا

چوهڙ جمالي: شاهبندر تعلقي جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد يوسف ميمڻ بند پيل نظر اچي

چوهڙجمالي(ن ع) شاهبندر تعلقي جي ڳوٺ صديق جت ۾ واقع گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد يوسف ميمڻ جي هلندڙ تدريسي عمل کي هٿ وٺي روڪي اني STR|اسٽوڊنٽ ٽيچر ريشو جاڻائي بند ڪيو ويو آهي جنهن سبب علائقي ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي ٻئي پاسي ڳوٺاڻن پاران اهڙي تعليم دشمن پاليسي تي ڪاوڙ جو اظهار پڻ ڪيو ويو آهي ذريعن موجب گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد يوسف ميمڻ ۾ لڳ ڀڳ 30 کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم پرائي رهيا هئا جنهن کي ڪنهن مبينا سازش تحت اسٽوڊنٽ ٽيچر ريشو جاڻائي بند ڪيو ويو جڏهن ته انهي اسڪول جي عمارت ۾ نيئن تعمير ٿيل آهي ڳوٺاڻن موجب ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد يوسف ميمڻ جي مقرر استاد جي جبري بدلي ڪرائي ڪيس 60 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي ٻئي اسڪول مقرر ڪيو ويو آهي جتي نه اسڪول جي بلڊنگ آهي نه ئي وري ڪي بنيادي سهولتون آهن هنن صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي ملڪاڻي ۽ تعليم کاتي جي وزير سردار شاه کان گهر ڪئي آهي ته اهڙي تعليم دشمن پاليسي تي نظرثاني ڪري گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد يوسف ميمڻ جي تدريسي عمل کي ٻيهر بحال ڪري جبري طور بدلي ڪيل استاد کي ٻيهر مقرر ڪيو وڃي جيئن هتان جا ٻارڙا تعليم جهڙي زيور سان سرشار ٿي سگهن

# دڙو ۾ ٽڪ ٽاڪ تي جعلي اڪائونٽ ذريعي ٻارن جي نازيبا ۽ غير اخلاقي وڊيوز ٺاهڻ جو انڪشاف

نازيبا ۽ غير اخلاقي وڊيوز ٺاهڻ خلاف مختلف سياسي سماجي، واپاري تنظيمن، شهرين ۽ والدين پاران هنگامي ڪٺ

فيصلي بعد ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي ۽ نازيبا وڊيوز ٺاهيندڙ ميرپور بٺورو واسي خلاف دڙو ٿاڻي تي درخواست داخل

شهر جي معصوم ٻارڙن ۽ اسڪول جي شاگردن جون غير اخلاقي وڊيوز ٺاهي ڪين بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي: والدين

دڙو (ن ع) دڙي ۾ معزز فيمليز جي ٻارن ۽ اسڪول جي شاگردن جون سوشل ميڊيا جي ويب سائيٽ تي نازيبا ۽ غير اخلاقي وڊيوز ٺاهي ڪين بليڪ ميل ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي شهر جي معزز فيمليز سان تعلق معصوم ٻارن جي سوشل ميڊيا جي ٽڪ ٽاڪ تي غيراخلاقي ۽ نازيبان وڊيوز ٺاهي سندن ڪردار ڪشي ڪرڻ خلاف دڙي جي واپاري ايسوسيئيشن جي اڳواڻي ۾ متاثر ٻارن ۽ شاگردن جي وارثن ۽ سياسي سماجي ۽ واپاري تنظيمن جي اڳواڻن جي هنگامي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ڪيل فيصلي بعد ٽڪ ٽاڪ تي غير اخلاقي ۽ نازيبا وڊيوز ٺاهيندڙ ميرپور بٺورو واسي خلاف دڙو ٿاڻي تي درخواست داخل ڪئي وئي، ان سلسلي ۾ دڙو جي شهرين، واپارين متاثر ٻارن جي والدين نظام ميمڻ اختر ڪڇي، هارون سومرو امتياز آڪاش رشيد آزاد، اقبال سومرو انور ملاح ڪامريڊ عزيز سومرو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڪجھ مهينن کان ٽڪ ٽاڪ تي شهر جي معصوم ٻارڙن ۽ اسڪول جي شاگردن جون غير اخلاقي وڊيوز ٺاهي ڪين بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي، جنهن ڪري متاثر ٻار ۽ شاگرد سخت ذهني دٻاءَ جو شڪار آهن هنن چيو ته ميرپوربٺورو واسي نالي وقار چانڊيو فيڪ آءِ ڊي ذريعي ٻارن کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي، سندس خلاف ثبوت پڻ هٿ ڪيا ويا آهن جنهن خلاف دڙو ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي، هنن سنڌ حڪومت، آئي جي سنڌ، ايف آئي اي، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي سجاول ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي، ته ٻارن جون فيڪ آئي ڊي ذريعي ڪردار ڪشي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

## پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ٻن ڏهاڪن جي تاريخ ساز ترقي، سيڙپڪاري جي روشن مستقبل جي اميد

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جا مستحڪم معاشي بنياد ۽ لڳاتار معاشي اڳڀرائي قومي خوشحالي سان گڏو گڏ سيڙپڪاري جي روشن مستقبل جي اميد بڻجي چڪي آهي گذريل ڏهاڪن دوران پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج غير معمولي ڪارڪردگي ڏيکاريندي عالمي سطح تي نمايان حيثيت حاصل ڪئي آهي انگن اکرن موجب پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ جي ٻن ڏهاڪن جي تاريخ ساز ڪارڪردگي ۾ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ڊالر جي بنياد تي 161 سيڪڙو جڏهن ته پاڪستاني رپئي ۾ 190 سيڪڙو جو شاندار اضافو رڪارڊ ڪيو ان غير معمولي اڳڀرائي سبب پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ دنيا جي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ مارڪيٽس ۾ عالمي سطح تي ٻئين نمبر تي پهچي ويو آهي معاشي استحڪام ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ۾ (ايس ايف سي) جي شاندار قيادت ۽ مربوط سهولت ڪاري اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي معيشت ۽ سيڙپڪاري مارڪيٽ کي استحڪام مليو ۽ عالمي سطح تي ان جي ساک وڌيڪ مضبوط ٿي گذريل 18 مهينن دوران پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سيڙپڪاري جي انگن اکرن ۾ 41 سيڪڙو جو اضافو ٿيو ۽ 135,000 کان به وڌيڪ نوان سيڙپڪار مارڪيٽ جو حصو بڻيا اهڙيءَ طرح گذريل 9 مهينن ۾ پي ايس ايڪس ۾ شامل ڪمپنين جا ساليانو انگ اکر مستحڪم رهيا ۽ مجموعي منافعي ۾ 14 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ٿيو ماهرن موجب سال 2026 ع دوران 16 کان به وڌيڪ نئين لسٽنگ جو امڪان آهي جنهن سان سيڙپڪاري ۾ شموليت لڪويڊيٽي ۽ مارڪيٽ جي مضبوطي ۾ وڌيڪ بهتري ايندي اسٽاڪ مارڪيٽ جي بلندي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول تي عالمي سيڙپڪارن جي اعتماد جو واضح مظهر آهي ان حوالي سان ناڻي واري وزير جي مشير خرم شهزاد جو چوڻ آهي ته پاڪستان جو ميڪرو اڪنامڪ ماحول سيڙپڪاري لاءِ هڪ پرڪشش ۽ قابل اعتماد مرڪز بڻجي چڪو آهي سندس موجب ملڪ ۾ سيڙپڪارن صارفين ۽ ڪاروباري طبقي جو اعتماد بحال ٿي چڪو آهي جڏهن ته عالمي ريٽنگ ايجنسين ۽ مالي شراڪتدارن پاران پاڪستان لاءِ مثبت آئوٽ لڪ جو اعتراف به ڪيو ويو آهي خرم شهزاد وڌيڪ چيو ته ايس آءِ ايف سي ذريعي اهي ملڪ ۽ ڪاروباري ادارا جيڪي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ۾ دلچسپي رکن ٿا انهن لاءِ سيڙپڪاري جو عمل سادو شفاف ۽ مربوط بڻايو پيو وڃي ماهرن جو چوڻ آهي ته ايس آءِ ايف سي جي حڪمت عملي پاڪستان کي عالمي سيڙپڪاري لاءِ هڪ پرڪشش حب ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد جو مضبوط مرڪز بڻائي چڪي آهي جيڪو ايندڙ سالن ۾ معيشت لاءِ وڌيڪ بهتر ثابت ٿيندو

## پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مثبت لاڙو 100 انڊيڪس ۾ 365 پوائنٽس جي واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي پنجين ۽ آخري ڏينهن جمعي تي ڪاروبار جي شروعات هاڪاري انداز ۾ رهي مارڪيٽ جي شروعات تي تيزي جو رجحان ڏسڻ ۾ آيو ۽ 100 انڊيڪس 365 کان وڌيڪ پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 85 هزار 908 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو واضح رهي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻي تي مندائي جو رجحان رهيو جنهن سبب 100 انڊيڪس 975 پوائنٽس جي گهٽتائي سان هڪ لک 85 هزار 543 پوائنٽس تي بند ٿيو هو سيڙپڪارن جي چوڻ مطابق شعبن ۾ خريداري سبب اڄ مارڪيٽ ۾ بهتري ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي

## ملڪ ۽ قوم هڪ نازڪ دور مان گذري رهيا آهن: شاهنواز عباسي

سيوهڻ(ن ع) انجمن اتحاد عباسيه صوبي سنڌ جي صدر سردار شاهنواز عباسي چيو آهي ته ملڪ ۽ قوم هڪ نازڪ دور مان گذري رهيا آهن امن امان جي خراب ٿيڻ بيروزگاري، بنيادي عوامي ضرورتن جي کوٽ ۽ ٻين مسئلن مان نڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪل تعليم کي مقبول بڻائڻ جي سخت ضرورت آهي تعليم ۽ مهارتن ذريعي قوم ۽ ملڪ خوشحالي جي رستي تي تعمير ۽ ترقي ڪندو ۽ جمهوريت ٽريڪ تي هلندي پنهنجي رهائشگاه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اتحاد پائيداري تي زور ڏيندي هن چيو ته اسان کي الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو وڃي ۽ اختلاف، ظلم ناانصافي حقن جي ڀڃڪڙي ۽ ظالمن جي خلاف سيهي جي پت ثابت ٿيو وڃي ته جيئن سماج ۽ ملڪ جو ڪو به دشمن اسان ڏانهن ميري نظر سان نه ڏسي سگهي

# نيوسعيد آباد جي صحافي ڪان ڦر خلاف اڏيرولال ۾ احتجاج

صحافين عبدالغفور هنگورو جي اڳواڻي ۾ واقعي خلاف احتجاج ڪيو

ضلع مٽياري ۾ صحافي مڪمل طور غير محفوظ آهن، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

اڏيرولال (ن ع) عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي صحافين جو نيوسعيد آباد جي صحافي مقبول بلال ڪان ٿيل ڦر تشدد خلاف عوامي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين عبدالغفور هنگورو ساجن ميرجت ممتاز ورياه نورحسن هڪڙو الهورايو خاصخيلي سومار چنو جنيد راجپوت عبدالرزاق ميرجت فضل بلوچ خالد خاصخيلي منور هنگورو گل محمد هنگورو شاهنواز چنو نيٽش ملوترا ۽ ٻين چيو ته پنج ڏينهن اڳ هالا کان واپس ايندي نيشنل هاءِ وي تي پنهرا ڦاٽڪ صحافي مقبول بلال کي نامعلوم ماڻهن يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل ڦر ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي ضلع مٽياري ۾ صحافي مڪمل طور غير محفوظ آهن انتظاميا ۽ پوليس ڪنهن به قسم جو تعاون نه پيو ڪري هالا پوليس ڦورن خلاف اڃان تائين ڪا به اهم اڳڀرائي نه ڪري سگهي آهي صحافين چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن صحافي مقبول بلال سان انصاف نه ٿيو ۽ ڦر ٿيل سامان واپس نه ڪرايو ويو ته احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

اڏيرو لال: نيوسعيد آباد جي صحافي ڪان ڦر ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

# ماتلي ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

جسقم اڳواڻ آڪاش ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

بدين پوليس اينٽري ڪمزور ٿي چڪي آهي ته هڪ قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي: اڳواڻ

ماتلي (ن ع) تلهار ۾ ٻالڙهتان قتل ٿيل ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ جسقم جي مرڪزي اڳواڻ آڪاش ملاح، اويس خاصخيلي، فياض بروهي، شيراز زنگيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي المصطفيٰ چوڪ کان ڪڍي وئي جيڪا پريس ڪلب تي پهتي جتي ڪيلاش جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي مظاهرين چيو ته بدين پوليس اينٽري ڪمزور ٿي چڪي آهي ته هڪ قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي هنن چيو گذريل پنجن ڇهن ڏينهن کان سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي پر پوليس پنهنجي روايتي سستي کي برقرار رکيو اچي هنن چيو بدين جي پير چوڪ تي لڳل ڌرڻي سبب سمورو نظام متاثر بڻيل آهي پر پوليس اڃان تائين جوابدار گرفتار نه ڪيا آهن جنهن ڪري سنڌ ۾ ڳڻتي واري صورتحال برقرار آهي. احتجاج بعد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي آڪاش ملاح ۽ ٻين چيو ته بدين ضلعو هو پرامن علائقي طور مشهور هو پر هن وقت قتل، ڌاڙن، چورين، لاقانونيت ۽ منشيات جي واپاري ۽ واهپي جي حوالي سان تيزي سان اڳتي وڌي رهيو آهي جيڪا پوليس جي روايتي ناڪامي ۽ سستي آهي هنن ڪيلاش جي قاتلن جي گرفتاري جي گهر ڪئي وئي

ماتلي: ماتلي ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتل جي گرفتاري لاءِ مظاهرو ڪيو پيو وڃي

# سڪرنڊ ۾ نادر علي جمالي جي بيگناهه قتل خلاف احتجاج

جمالي برادري پاران شاهه محمد جمالي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

برادري جي چڱي مڙس کي نه بلڪ انسانيت جي هڪ مسيحا کي شهيد ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) جمالي برادري پاران شاهه محمد جمالي، واجد علي جمالي ۽ اعجاز جمالي جي اڳواڻي ۾ دادو پوليس هٿان هٿراڌو مبينه مقابلي ۾ شهيد ڪيل نادر علي جمالي جي بيگناهه قتل خلاف قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو ڏنو ويو ان موقعي تي معتبر اڳواڻن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته دادو پوليس صرف جمالي برادري جي چڱي مڙس کي نه بلڪ انسانيت جي هڪ مسيحا کي شهيد ڪيو آهي شهيد نادر جمالي جيڪو هزارين ايڪڙ زمين جو مالڪ ۽ علائقي وارن لاءِ ڇپر ۽ ڇانو هو ان کي ٻڪري چوري جي ڪيس جي بهاني شهيد ڪرڻ قانون جي منهن تي چماٽ هڻندي وئي آهي هنن چيو ته اسين ماٺ ڪري نه ويهنداسين شهيد نادر جمالي جي خون سان انصاف ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکنداسين سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پڻ جمالي برادري سان رابطي ۾ آهيون جيڪڏهن سنڌ حڪومت ۽ آئي جي سنڌ شهيد نادر جمالي جي خون سان انصاف نه ڪيو ته ڀرپور تحريڪ هلائي ويندي

سڪرنڊ: نادر علي جمالي جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

# قومي انڊر 19 ڪيٽيگري جي راڪ ڪلائمبنگ ۽ وال ڪلائمبنگ جا مقابلا

مقابلن ۾ سيوهڻ ڊگري ڪاليج جي شاگرد ٽيون نمبر حاصل ڪري 2 ميڊل حاصل ڪري ورتا

ڊگري ڪاليج سيوهڻ جي 12 ڪلاس جي شاگرد دلشاد علي سولنگي ٽيون نمبر حاصل ڪيو

سيوهڻ(ن ع) قومي انڊر 19 ڪيٽيگري جي راڪ ڪلائمبنگ ۽ وال ڪلائمبنگ جي مقابلن ۾ سيوهڻ ڊگري ڪاليج جي شاگرد ٽيون نمبر حاصل ڪري 2 ميڊل حاصل ڪري ورتا، سيوهڻ واسين ۾ خوشي جي لهر تفصيل موجب اسلام آباد ۾ جبل ۽ وال چڙهائي جا قومي سطح جي رائند جا مقابلا ٿيا، قومي سطح جي چئمپين شپ ۾ سنڌ، پنجاب، ڪي پي ڪي بلوچستان گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير مان 30 کان وڌيڪ جبل چاڙهن حصو ورتو مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ڊگري ڪاليج سيوهڻ جي 12 ڪلاس جي شاگرد دلشاد علي سولنگي انڊر 19 ڪيٽيگري ۾ راڪ ڪلائمبنگ ۽ وال ڪلائمبنگ ۾ ٽيون نمبر حاصل ڪري ورتو آهي شاندار ڪارڪردگي ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪرڻ تي دلشاد سولنگي کي 2 ميڊل ۽ 25 هزار رپيا روڪ انعام پڻ ڏنو ويو ان حوالي سان سيوهڻ جي ٽيم جي سرواڻ پروفيسر ساجد پٽو چيو آهي ته گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سيوهڻ جا 3 شاگرد قومي سطح تي راڪ ڪلائمبنگ جي مقابلن ۾ شامل ٿيا جن مان اسان جو هيرو دلشاد علي سولنگي انڊر 19 ڪيٽيگري ۾ راڪ ڪلائمنگ ۽ وال ڪلائمنگ ۾ ٽيون نمبر حاصل ڪري 2 ميڊل کٽي ورتا ۽ ڪيش روڪ رپيا انعام پڻ ڏنو ويو هن ٻڌايو ته قومي سطح جي هن مقابلي ۾ پنجاب، سنڌ، ڪي پي ڪي گلگت بلتستان، بلوچستان ۽ آزاد ڪشمير مان 30 کان وڌيڪ شرڪت ڪندڙن حصو ورتو جنهن ۾ ٽيون نمبر حاصل ڪرڻ اسان جي ڪاليج ۽ سيوهڻ شهر لاءِ فخر ۽ اعزاز جي ڳالهه آهي.

ڄامشورو: ڪيو اي سي سيبس يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر شبينا شيخ سيلف اسيسمينٽ رپورٽ تي ورڪشاپ ڪرائي رهي آهي

# سيبس يونيورسٽي ڄامشوري پاران سيلف اسيسمينٽ رپورٽ بابت ورڪشاپ

ڊاڪٽر شبينا شيخ پاران مقرر جي حيثيت سان جامع رپورٽ پيش ڪئي وئي

ورڪشاپ ۾ مختلف شعبن جي چيئرپرسن ۽ فيڪلٽي ميمبرن حصو ورتو

ڄامشورو (ن ع) شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشوري جي ڪوالٽي انهانسمينٽ سيل (ڪيو اي سي) پاران "سيلف اسيسمينٽ رپورٽ جو معيار" جي عنوان سان هڪ ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو ويو ورڪشاپ جو مقصد معيار کي يقيني بڻائڻ جي طريقن کي سمجهڻ انهن کي مضبوط ڪرڻ ۽ تعليمي معيار کي وڌائڻ هو ڊائريڪٽر ڪيو اي سي ڊاڪٽر شبينا شيخ مقرر جي حيثيت سان هائير ايجوڪيشن ڪميشن ڪوالٽي اشورنس ۽ ٻين تحقيقي معاملن بابت رپورٽون تيار ڪرڻ لاءِ گهربل شين طريقيڪار ۽ دستاويزن تي ٻڌل هڪ جامع رپورٽ پيش ڪئي ڊاڪٽر شبينا شيخ تعليمي معيار ۽ پروگرام کي اثرائتو بڻائڻ ۾ مسلسل بهتري کي يقيني بڻائڻ لاءِ معياري ۽ ثبوت تي ٻڌل رپورٽن جي تياري جي اهميت تي زور ڏنو ورڪشاپ ۾ مختلف شعبن جي چيئرپرسن ۽ فيڪلٽي ميمبرن حصو ورتو

# چار صاحب ۾ معذورن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

ستين ڏينهن به معصوم ٻارڙن سميت پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال

اسان بک هڙتال تي ويٺل آهيون پر ڪو چونڊيل نمائندو لڙي به نه آيو: مظاهرين

چار صاحب(ن ع) چار صاحب ۾ معذورن پاران معذور ڪوٽا تحت نوڪريون، ماهوار وظيفو نه ڏيڻ ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه ستين ڏينهن به معصوم ٻارڙن سميت پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي. سندن معصوم ٻارڙن شديد سردي سبب بيمار واهر جي اپيل معذورن خادم شيخ مجتبا شر غلام نبي خان مري چيو ته اسان بک هڙتال تي ويٺل آهيون اسان جي ڪنهن به چونڊيل نمائندي سار نه لڌي آهي، اسان پڙهيل لکيل آهيون اسان پڻ ڪي عيب ٿا سمجهيون اسان ڪنهن جي آڏو هٿ نه ڊگهيندا سون اسان کي ماءُ پيءُ آهن نه سيکاريو آهي ته توهان پنهنجي ڪاٿو اسان جا جيڪي بنيادي حق آهن اهي ڏنا وڃن خدارا ڪو اهڙو رحم دل هنجي جيڪو اسان جي سار سنڀال ڪري ۽ واهر ڪري اسان پنهنجي ٻچن لاءِ پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ پريشان آهيون اسان جا پنهنجا حق جيڪي نوڪريون آهن اهي اسان معذورن کي ڏنيون وڃن ته جيئن اسان به ويلن جي ساٿي ڪٿي سگهون

چار صاحب: معذورن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

# ٻاڊڻي ۾ نادر جمالي کي مبينا پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪرڻ خلاف احتجاج

واقعي خلاف شوڪت جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پوليس سياسي ماڻهن جي ونگاري بڻجي نادر جمالي کي شهيد ڪيو آهي: مظاهرين

ٻاڊڻي(ن ع) دادو ۾ به ڏينهن اڳ جمالي برادري سان تعلق رکندڙ نوجوان نادر جمالي کي مبينا پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪرڻ خلاف ٻاڊڻي ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو واقعي خلاف شوڪت جمالي رئيس عبدالواحد جمالي شڪلاڻي ۽ محمد حنيف جمالي سهيل جمالي افضل جمالي منور جمالي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف علائقن مان گذرندي نيشنل پريس ڪلب ٻاڊڻي پهتي نيشنل پريس ڪلب آڏو ريلي جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته دادو پوليس ڪجھ سياسي ماڻهن جي ونگار بڻجي نادر جمالي کي مبينا پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪيو هنن چيو ته جيڪڏهن نادر جمالي مٿان ڪو به ڪيس هو يا هو ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث هو ته کيس گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ها، جتي قانون موجب فيصلو ٿئي ها. اڳواڻن جو چوڻ هو ته پوليس مقابلي جي نالي ۾ قتل ڪرڻ قانون جي کليل ڀڃڪڙي آهي، جنهن سان انصاف جي عمل تي سوال اٿن ٿا. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ لاءِ جاچ ڪاميٽي جوڙي وڃي ۽ نادر جمالي جي قتل ۾ ملوث پوليس عملدارن ۽ ٻين ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

ٻاڊڻي: نادر جمالي کي مبينا پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

# عثمان شاهه هڙي ۾ سني رابطا ڪائونسل پاڪستان راهه حق پارٽي جو جلوس

حضرت سيدنا امير معاويه رضه الله عنه جي يوم وفات تي اڳواڻن پاران جلوس ڪڍيو ويو

حضرت امير معاويه رضه جي وفات تي سرڪاري سطح تي عام موڪل ڪئي وڃي: اڳواڻ

عثمان شاهه هڙي(ن ع) عثمان شاهه هڙي شهر ۾ حضرت سيدنا امير معاويه رضه الله عنه جي يوم وفات تي سني رابطا ڪائونسل پاڪستان راهه حق پارٽي جي اڳواڻن پاران جلوس ڪڍيو ويو جلوس مسجد حضرت عمر فاروق کان شهر جي فاروق اعظم چوڪ تي وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي، سني رابطا ڪائونسل پاڪستان راهه حق پارٽي جرنيل سنڌ علامه مولانا عبدالله سنڌي جلوس ۾ شامل عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي چيو ته 22رجب حضرت امير معاويه رضه عنه جي يوم وفات جو تاريخ آهي ان مولانا عبدالله سنڌي روشني وڌي ۽ وقت جي حڪمرانن کان مطالبو ڪيو آهي ته حضرت امير معاويه رضه جي وفات تي سرڪاري سطح تي عام موڪل ڪئي. انهي تي موقعي سني رابطا ڪائونسل پاڪستان راهه حق پارٽي جي ضلعي ۽ تعلقي جي عهديدارن ڪليم الله قائم خاني حاجي ڪريم بخش بلوچ نبي بخش عاقلاڻي، اشفاق آرائين جاويد قريشي ، حاڪم علي عاقلاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

عثمان شاهه هڙي: سني رابطا ڪائونسل پاڪستان راهه حق پارٽي جو جلوس ڪڍيو پيو وڃي

# خانپور مهر ۾ پ ٽ الف سنڌ جي تنظيمي چونڊ

تعلقي ۾ جيئي احمد سائين پئنل بنا مقابلي ڪامياب

صدر عبدالمجيد مهر ۽ جنرل سيڪريٽري راحب علي مهر منتخب

خانپور مهر(ن ع) پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي اليڪشن چيئرمين غازي خان جمالي جي سربراهي ۾ جاري تنظيمي چونڊن جي سلسلي ۾ اڄ خانپور تعلقي ۾ به چونڊ عمل مڪمل ڪيو ويو ان موقعي تي جيئي احمدسائين پئنل پنهنجا نامينيشن فارم چيئرمين خانگڙهه استاد عبدالحميد نوناري وٽ جمع ڪرايا. تعلقي ۾ صرف هڪ ئي پئنل جا نامينيشن فارم جمع ٿيڻ سبب اليڪشن چيئرمين جيئي احمدسائين پئنل جي سمورن اميدوارن کي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو بنا مقابلي ڪامياب ٿيندڙ عهديدارن ۾ صدر شهزاد مهر نائب صدر عبدالمجيد مهر جنرل سيڪريٽري راحب علي مهر ڊپٽي جنرل سيڪريٽري طالب حسين مهر سميت ٻيا عهديدار شامل آهن.ان موقعي تي پ ٽ الف ضلع گهوٽڪي جي صدر مير حسن مهر تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ڪرشن داس، استاد حافظ مولابخش مهر ۽ ٻين استادن پڻ شرڪت ڪئي ۽ نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏني

خانپور مهر: پ ٽ الف سنڌ جي تنظيمي چونڊ تي اڳواڻن جو وڏو گروپ فوٽو

# مٺي ۾ رمضان ڪوسو قتل ڪيس جي پڄاڻي

حسين بخش راڄڙ ۽ پرڪاش مينگهواڙ جي ضمانت واري درخواست ٻيهر رد

ٿرپارڪر پوليس لال محمد بجير ۽ شوڪت راهمون کي گرفتار نه ڪري سگهي

مٺي (ڊ.ن) شهيد رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ ۽ پوليس اهلڪار پرڪاش مينگهواڙ جي ضمانت واري درخواست مٺي جي عدالت ٻيهر رد ڪري ڇڏي، ٻيهر جيل موڪليا ويا. جڏهن ته ٿرپارڪر پوليس اڃان تائين ٻن جوابدار پوليس اهلڪارن لال محمد بجير ۽ شوڪت راهمون کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي ۽ ڪيس جو چالان به پيش نه ڪيو ويو آهي. جڏهن ته جانچ ڪميٽي جي ڪوشش آهي ته سمورو ڏوهه پوليس اهلڪار عطا بجير تي ڏيئي ٻين منظور نظرن کي بچائڻ جي ۽ عطا بجير نه ايف آءِ آر ۾ نامزد آهي نه وري وارثن جو عطا بجير تي ڪو الزام آهي.

# چار صاحب پريس ڪلب ۾ ولادت حضرت علي عليه اسلام جشن مولود ڪعبه جو پروگرام

چار صاحب(ن ع) هر سال جيان هن سال به چار صاحب پريس ڪلب ۾ ولادت حضرت علي عليه اسلام جشن مولود ڪعبه جو پروگرام ڪيو ويو زوار منتظرعباس وسطڙو طرفان پروگرام منعقد ڪيو ويوجشن مولود ڪعبه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جشن مولود ڪعبه جي پروگرام ۾ مولوناغلام نبي شاهه ولادت حضرت علي عليه اسلام جي زندگي تي روشني وڌي ۽ قصيده خواني ڪئي وئي هنن چيو ته مولا ڪائنات علي ابن ابي طالب عليه السلام اسلام جي علم کي بلند ڪرڻ لاءِ پنهنجي آل جون قربانيون ڏنيون آهن ۽ دنيان ۾ اسلام کي ڦهلايو ويو

# ڏگهڙي پرسان ديهه 175 ۾ انب جي وڻ سان ٽنگيل هڪ عورت جو لاش هٿ

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي پرسان ديهه 175 ۾ انب جي وڻ سان ٽنگيل هڪ عورت جو مبينا طور ڦاهو کاڌل لاش مليواطلاع موجب ڳوٺ عارف رمداڻ جي رهواسڻ 85 ورهين جي تيجي زال ڪرشن ڪولهي جو لاش انب جي وڻ سان ٽنگيل حالت ۾ ڏٺو ويوواقعي جي اطلاع ملندي ئي ڏگهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو پوليس موجب لاش کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقا اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو ، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

# سوڀوديرو ۾ پٽ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ماءُ قرآن پاڪ کڻي پريس ڪلب پهتي

سوڀوديرو(ن ع) ڪجھ وقت اڳ قتل ٿيل ويهه سالا نوجوان راحيل شاهاڻي جي ماءُ مسمات شبانه شاهاڻي پاڪ ڪتاب قرآن مجيد هٿن ۾ کڻي پريس ڪلب راڻي پور پهتي، جتي هن صحافين اڳيان ڏڪن لڙڪ لڙهندي چيو ته ڪجھ وقت پهريان ظالمن منهنجو نوجوان پٽ راحيل شاهاڻي کي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو هو سندس قاتل بااثر ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث آهن پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ رشوت وٺي عيوض ڪين تحفظ ڏئي رهي آهي جڏهن ته قاتل اسان کي قتل سميت مختلف قسمن جا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان جي جانين کي خطرو پڻ آهي جڏهن ته سون مٿان پڻ مختلف نوعيت جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا، جن کي عدالت سڳوري ڪوڙو قرار ڏئي سون کي باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي هن وس وارن اعليٰ اختيارين، وزيراعليٰ سنڌ، صوبائي وزير داخلا، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور سختي سان نوٽيس وٺندي قرآن پاڪ جي واسطي قاتلن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري اسان کي جان ۽ مالي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿي ويندس

# مجبوري تحت گهٽ پريشر ۽ گئس لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي: منظور ميمڻ

هالا(ن ع) سوئي سدرن گئس ڪمپني جي ريجنل ڊي جي ايم منظور ميمڻ هالا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ کي هن وقت گئس جي ذخيرن مان رڳو 650 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملي رهي آهي جنهن سبب صوبي جي مختلف علائقن ۾ گئس گهٽ پريشر سان فراهم ڪئي پئي وڃي هن ٻڌايو ته اڳ سنڌ کي گئس ذخيرن مان 1300 ايم ايم سي ايف ڊي گئس فراهم ڪئي ويندي هئي، پر هاڻي ذخيرن ۾ گهٽتائي سبب صارفين کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي منظور ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ جا صارفين پريشان نه ٿين ڇو ته مجبوري تحت گهٽ پريشر ۽ گئس لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي ريجنل ڊي جي ايم سوئي سدرن گئس ڪمپني اميد ظاهر ڪئي ته جيئن ئي گئس جا ذخيرا وڌندا، تيئن گئس لوڊشيڊنگ ختم ڪئي ويندي هن چيو ته صارفين کي رليف فراهم ڪرڻ ڪمپني جي اولين ترجيح آهي منظور ميمڻ وڌيڪ چيو ته پراڻن گئس ميٽرن ۾ ڪاربان اچڻ سبب گئس سلو ٿي رهي ٿي اهڙي صورتحال ۾ صارفين جا گئس ميٽر تبديل ڪيا وڃن ٿا هن سوئي سدرن گئس ڪمپني جي ملازمن کي هدايت ڪئي ته سنڌ ۾ عوام جي جائز مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي ۽ پاڻ کي عوام جو خادم سمجهي خدمتون سرانجام ڏنيون وڃن منظور ميمڻ خبردار ڪيو ته شڪايت يا ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

# مٽياري ۾ ڊي سي پاران سوشل سيڪٽر سان لاڳاپيل معاملن جي جائزي ۽ هم آهنگي لاءِ گڏجاڻي

گڏجاڻي جو بنيادي مقصد ضلعي انتظاميا، ٽائون، ميونسپل ۽ مڪاني ادارن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙڻ هو

فيلڊ سطح تي اثرائتي نگراني سان عوامي مسئلن جو بروقت حل ممڪن ٿي سگهي ٿو: ڊي سي محمد يوسف شيخ

مٽياري ضلعي ۾ موجود سمورن مدرسن، مدرسن جي شاگردن ۽ استادن جي نادرا ۾ رجسٽريشن کي يقيني بڻايو ويندو

مٽياري: ڊي سي پاران سوشل سيڪٽر سان لاڳاپيل معاملن جي جائزي لاءِ اجلاس جي صدارت ڪئي پئي وڃي

مٽياري(ن ع) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ جي صدارت هيٺ سوشل سيڪٽر سان لاڳاپيل معاملن جي جائزي ۽ هم آهنگي لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اهم گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر آفيس مٽياري ۾ ٿي جنهن ۾ ايس ايس پي مٽياري ڊاڪٽر عارف اسلم سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي گڏجاڻي جو بنيادي مقصد ضلعي انتظاميا، ٽائون ميونسپل ۽ مڪاني ادارن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙڻ هو جيڪا سوشل سيڪٽر سان لاڳاپيل مسئلن جي نشاندهي ڪري گڏيل حڪمت عملي تحت انهن جي حل لاءِ قدم کڻي گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري هدايت ڪئي ته سوشل سيڪٽر سان لاڳاپيل رٿائن کي تيزي سان مڪمل ڪيو ويندو جنهن سان عوامي ڀلائي جي منصوبن ۾ شفافيت ۽ معيار کي يقيني بڻايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته فيلڊ سطح تي اثرائتي نگراني سان عوامي مسئلن جو بروقت حل ممڪن ٿي سگهي ٿو بعد ۾ ڊي سي ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (DICC)جي گڏجاڻي جي صدارت پڻ ڪئي گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ضلعي ۾ موجود سمورن مدرسن مدرسن جي شاگردن ۽ استادن جي نادرا ۾ رجسٽريشن کي يقيني بڻايو ويندو جنهن لاءِ لاڳاپيل سڀ کاتا گڏيل طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا،گڏجاڻي ۾ ضلعي ۾ امن امان جي حوالي سان مختلف معاملن جو جائزو پڻ ورتو ويو

# مسوپرڳڙي ۽ آسپاس ڪچي ۽ غير معياري ايراني تيل جو وڏي پيماني تي وڪرو ٿيڻ لڳو

ڪچي ۽ غير معياري ايراني تيل سبب گاڏين جون انجڻيون خراب ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويون

ضلع انتظاميا جي ملي ڀڳت سان بغير لائسنس جي پيٽرول ۽ ڊيزل ايجنسين جو ڪاروبار عروج تي پهتل

عام بازارن ۽ شاهراهن تي کلي عام ڪچو ۽ درآمد ٿيل غير قانوني تيل وڪرو ڪيو پيو وڃي، ڪارروائي ڪئي وڃي: شهري

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي ۽ آسپاس ڪچي ۽ غير معياري ايراني تيل سبب گاڏين جون انجڻيون خراب ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهي ۽ انتظاميا جي ملي ڀڳت سان بغير لائسنس جي پيٽرول ۽ ڊيزل ايجنسين جو ڪاروبار عروج تي پهتل آهي جڏهن ته شهري ۽ ٻرپاسي جا علائقا متاثر ضلعي انتظاميا جي خاموشي تي سوال اٿڻ لڳا شهر ۽ ٻرپاسي جي علائقن ۾ غير معياري، ڪچي ۽ ايراني تيل جي وڪري سبب سوين گاڏين جون انجڻيون خراب ٿيڻ لڳيون آهن تيل جي هن بي ضابطي وڪري سان نه صرف عوام کي مالي نقصان ٿيو آهي، پر ماحولياتي آلودگي جا خطرا پڻ وڌي ويا آهن.اطلاعن موجب ڪيترن ئي علائقن ۾ بغير لائسنس ۽ ريگيوليشن جي تيل جون ايجنسيون ڪم ڪري رهيون آهن جتي عام بازارن ۽ شاهراهن تي کلي عام ڪچو ۽ درآمد ٿيل غير قانوني تيل وڪرو ڪيو پيو وڃي. هن تيل جي معيار تي ڪنهن به سرڪاري اداري پاران ڪا جاچ يا تصديق نه ڪئي وئي آهي مقامي ميڪينڪ ۽ گاڏين جا مالڪ شڪايت ڪن ٿا ته اهڙو تيل گاڏين جي انجڻ لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي. "تيل پراڻن ڪانپون انجڻ گرم ٿيڻ آواز ڪرڻ ۽ ڪارجي مائيلج گهٽجڻ جا مسئلا عام ٿي ويا آهن" ٻئي پاسي، ضلعي انتظاميا حيدرآباد هن حساس معاملي تي اڃا تائين ڪا به واضح ڪارروائي نه ڪئي آهي. جنهن تي شهرين پاران سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو پيو وڃي. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته اهڙين غير قانوني تيل ايجنسين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي سرڪاري ادارن پاران تيل جي معيار جي جانچ پڙتال ڪئي وڃي. ان معاملي جي حوالي سان عوامي آگاهي مهم جو آغاز ڪيو وڃي. ۽ معياري تيل جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي.

# نصيرآباد جي المڪه هاسپيٽل تي هڪ روزه مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ

سوين غريب ۽ مستحق مريضن جو مفت معائنو ڪري ڪين دوائون فراهم ڪيون ويون

ٽي بي، شگر، معدي، زناني بيمارين ۽ ٻارڙن جي ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو چڪاس ڪيو

نصيرآباد (ن ع) زندگي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران انسانيت جي خدمت واري جذبي تحت مرحومه سائڻ رضيه سلطان ٿلهو جي ياد ۾ المڪه هاسپيٽل تي هڪ روزه مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ سوين غريب ۽ مستحق مريضن جو مفت معائنو ڪري ڪين دوائون فراهم ڪيون ويون ڪئمپ ۾ دل، ڇاتي، ٽي بي، شگر، معدي، زناني بيمارين ۽ ٻارڙن جي ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو چڪاس ڪيو مريضن لاءِ مفت الٽراسائونڊ، مختلف ليبارٽري ٽيسٽون ۽ ڇاتي جا ايڪسري پڻ ڪيا ويا. لڳ ڀڳ هڪ هزار مريضن لاءِ گهربل دوائون موجود هيون جيڪي معائني بعد ڪين مفت فراهم ڪيون ويون ڪئمپ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ ڊاڪٽر منير ٿلهو ڊاڪٽر جهانگير اعوان ڊاڪٽر مبشر ڪولاچي ڊاڪٽر ياسمين خالق شيخ ڊاڪٽر راهول راءِ ڊاڪٽر شام لعل ۽ ٻين ڊاڪٽرن ڪئي ميگا ميڊيڪل ڪئمپ جو باقاعده افتتاح دعا خير سان ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽرن ۽ ايسوسيئيشن جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته هن ڪئمپ جو مقصد علائقي جي انهن مريضن جي مدد ڪرڻ آهي جيڪي مهانگو علاج ڪرائڻ جي سگهه نٿا رکن علائقي واسين زندگي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي هن نيڪ عمل کي ساراهيندي چيو ته اهڙين ڪئمپون وقت جي اهم ضرورت آهن ته جيئن غريب عوام کي گهر ويلي علاج جي سهولت ملي سگهي

نصيرآباد: المڪه هاسپيٽل تي هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپ تي مريضن جي چڪاس ڪئي پئي وڃي

# ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير پاران اعليٰ سطحي ملاقات

ملاقات دوران ٽائون کي درپيش پاڻي جي پراڻن مسئلن تي جامع نموني روشني وڌي

پاڻي بنيادي انساني ضرورت آهي، منگهوپير ٽائون جا رهواسي پريشان آهن: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير پاران ٽائون ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ فراهمي سان لاڳاپيل مسئلن جي مستقل حل لاءِ هڪ اهم ۽ اعليٰ سطحي ملاقات منعقد ڪئي وئي. ملاقات دوران چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KW&SC)جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي (PAS)۽ چيف آپريٽنگ آفيسر اسدالله خان سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ملاقات دوران چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي منگهوپير ٽائون کي درپيش پاڻي جي پراڻن مسئلن تي جامع نموني روشني وڌي، خاص طور تي يونين ڪائونسل ون سميت منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ، گهٽ پريشر پراڻيون ۽ خراب ٿيل پائيپ لائينون ۽ پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ جهڙن سنگين مسئلن کان واٽر بورڊ جي عملدارن کي آگاهه ڪيو هن موقعي تي هن چيو ته پاڻي بنيادي انساني ضرورت آهي ۽ منگهوپير ٽائون جا رهواسي ڊگهي عرصي کان انهن مسئلن سبب سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن جن جي فوري ۽ پائيدار حل جي سخت ضرورت آهي. چيئرمين منگهوپير ٽائون وڌيڪ چيو ته پاڻي جي عدم فراهمي بابت عوام طرفان مسلسل شڪايتون ملي رهيون آهن جنهن سبب روزمره جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. هن مطالبو ڪيو ته منگهوپير ٽائون ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن نيون پائيپ لائينون لڳايون وڃن پراڻين لائينن جي مرمت ڪئي وڃي ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ واري نظام کي بهتر بڻايو وڃي ته جيئن عوام کي مستقل بنيادن تي رليف ملي سگهي. ملاقات ۾ ميونسپل ڪمشنر منگهوپير ٽائون احمد يار ۽ يونين ڪائونسل ون جو ڪائونسلر جاويد بروهي پڻ موجود هئا جن پنهنجي پنهنجي حدن اندر عوامي مسئلن ۽ زميني حقيقتن کان واٽر بورڊ جي عملدارن کي آگاهه ڪيو ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر احمد يار چيو ته ٽائون انتظاميه هر سطح تي مڪمل سهڪار لاءِ تيار آهي ۽ پاڻي سان لاڳاپيل منصوبن جي وقت سر تڪميل لاءِ واٽر بورڊ سان ويجهي هم آهنگي سان ڪم ڪيو ويندو ان موقعي تي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي (PAS)۽ چيف آپريٽنگ آفيسر اسدالله خان چيئرمين منگهوپير ٽائون ۽ ٽائون انتظاميه کي يقين ڏياريو ته منگهوپير ٽائون ۾ پاڻي جي فراهمي سان لاڳاپيل مسئلا سندن ترجيحن ۾ شامل آهن هنن چيو ته انشاالله پاڻي جي مسئلن جي حل لاءِ گهربل قدم جلد کان جلد کنيا ويندا ۽ ٽيڪنيڪل ٽيمن کي هدايتون ڏنيون وينديون ته جيئن جامع سروي کان پوءِ عملي ۽ ڊگهي مدي وارا حل يقيني بڻائي سگهجن. آخر ۾ چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي واٽر بورڊ جي عملدارن جو شڪريو ادا ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته گڏيل سهڪار ۽ سنجيده ڪوششن جي نتيجي ۾ منگهوپير ٽائون جا رهواسي جلد پاڻي جي پراڻن مسئلن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا. هن چيو ته ٽائون انتظاميه عوامي ڀلائي جي منصوبن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ پنهنجي جدوجهد مڪمل ذميواري سان جاري رکندي.

ڪراچي: ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير چيئرمين حاجي نواز علي بروهي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

# ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي وفد جي پريس ڪلب آمد

نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي مبارڪباد پيش ڪئي

سڪرنڊ پريس ڪلب کي هميشه مثبت صحافت ۾ اڳڀرو ڏٺو آهي: ڊاڪٽر محمد صادق سيال

سڪرنڊ (ن ع) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي وفد سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال جي اڳواڻيءَ ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب پهچي 2026 لاءِ نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي مبارڪباد پيش ڪئي وفد ۾ غلام نبي چنه انجنيئر دريش ڪنڀار ايڊووڪيٽ دانش شامل هئا ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد صادق سيال ڳالهائيندي چيو ته سڪرنڊ پريس ڪلب کي هميشه مثبت صحافت ۾ اڳڀرو ڏٺو آهي سندن ڪم ۽ ڪردار بي داغ آهي هن وڌيڪ چيو ته لڳ ڀڳ 20 سالن کان ٿيليسيميا سينٽر تي في سبيل الله ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي خدمت ڪري رهيا آهيون ۽ جڏهن کان سڪرنڊ پريس ڪلب سان رشتو جڙيو آهي تڏهن کان ٿيليسيميا جي بيماري ۽ ان کان بچاءُ جو پيغام صوبائي ۽ ملڪي سطح کان وڌي عالمي سطح تائين پهتو آهي ان ڪري اها حقيقت مڃڻي پوندي ته ان ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو اهم ڪردار آهي جن ٿيليسيميا سينٽر ۾ 27 سئو ٻارن کي ملندڙ رت ، دوا ۽ کاڌي جو پڻ ذڪر ڪري عوام تائين پيغام پهچايو آهي ان کان اڳ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي آيل مهمانن کي آجيائو پيش ڪندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي وفد جا جن هتي اچي محبتون ڏنيون آهن هن اهو به چيو ته سڪرنڊ پريس ڪلب ۽ ٿيليسيميا سينٽر ۾ ٻه ڳالهيون هڪ جهڙيون آهن هڪ بي لوث بنا معاوضي خدمت ڪرڻ ٻيو ڪنهن به قسم جي ڪرپشن کان پاڪ ماحول قائم ڪرڻ ۽ اهي سبب هوندا آهن جيڪي ادارن کي ڪامياب ڪندا آهن ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪاليجز عطا محمد سيال پڻ موجود هو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال

ABC CERTIFIED

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پٻلرز پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 10 جنوري 2026ع

# وزيراعظم پاران بلوچستان جون محروميون ختم ڪرڻ جو وچن!

وزيراعظم محمد شهباز شريف جو تازو بلوچستان جو دورو ۽ ان موقعي تي ڪيل اعلان رڳو ترقياتي منصوبن جي شروعات نه پر رياست جي اُن سياسي ۽ قومي سوچ جو اظهار پڻ آهي، جيڪا بلوچستان کي مرڪزي ڌارا کان پري نه پر ترقيءَ جي هڪجهڙي ڊوڙ ۾ شامل ڏسڻ چاهي ٿي. قومي شاهراهه N-25 آواران- جهلجهاؤ روڊ ۽ پنج دانش اسڪولن جي پيڙهه جو پٿر رکڻ سان گڏ وزيراعظم جا بيان ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته بلوچستان جي مسئلن کي هاڻي نظرانداز ڪرڻ سان نه پر گڏيل قومي حڪمت عملي سان حل ڪرڻو پوندو.

بلوچستان تاريخي طور محرومين، نظراندازي ۽ عدم تحفظ جو شڪار رهيو آهي. بنيادي ڍانچي جي کوٽ، تعليم جي اڻهوند، روزگار جا محدود موقعا ۽ سيڪيورٽيءَ جا سنگين مسئلا هن صوبي کي ٻين صوبن کان پوئتي ڌڪي آيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن وزيراعظم چوي ٿو ته "بلوچستان جي ترقي پاڪستان جي ترقي آهي" ته اهو بيان رڳو سياسي جملو نه هجڻ گهرجي، پر ان کي عملي شڪل ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جيستائين واقعي بلوچستان کي ٻين صوبن جي برابر آڻڻو آهي ته پوءِ رڳو پيڙهه جا پٿر ناهن رکڻا پر منصوبن جي وقت سر تڪميل، شفافيت ۽ مقامي ماڻهن جي شموليت به يقيني بڻائڻي پوندي. سيڪيورٽي جي حوالي سان وزيراعظم جو بيان به انتهائي اهم آهي. خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جي پٺيان پرڏيهي هٿن جو ذڪر نئون ناهي، پر هن ڀيري سرڪاري سطح تي کليل لفظن ۾ 'فتنہ الهندستان' جو حوالو ڏيڻ رياست جي سخت موقف کي ظاهر ڪري ٿو. حقيقت اها آهي ته بلوچستان ۾ امن ڪانسواءِ ڪا به ترقي ممڪن ناهي. فوج، پوليس، ايف سي، ليويز، رينجرز ۽ عام شهرين جون قربانيون ناقابلِ ترديد آهن پر سوال اهو به آهي ته ڇا رڳو فوجي آپريشن ئي مسئلي جو حل آهن؟ مستقل امن لاءِ سياسي مفاهمت، معاشي انصاف ۽ نوجوانن لاءِ اميد جا در کولڻ لازمي آهن. تعليم جي ميدان ۾ پنج دانش اسڪولن جو قيام هڪ مثبت قدم آهي. قلعه سيف الله کان تربت تائين غريب ۽ وسيلن کان محروم ٻارن ۽ ٻاالڪين کي معياري تعليم ڏيڻ جو واعدو، جيڪڏهن ايمانداريءَ سان پورو ٿيو ته مستقبل ۾ بلوچستان جي سماجي ڍانچي کي تبديل ڪري سگهي ٿو. تعليم ئي اهو هٿيار آهي، جيڪو محرومي، انتهاپسندي ۽ تشدد کي شڪست ڏئي سگهي ٿو. نوجوانن لاءِ اسڪيمز ۾ بلوچستان کي 10 سيڪڙو اضافي ڪوٽا ڏيڻ جو اعلان به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي پر ان تي عملدرآمد ئي اصل امتحان هوندو. سيلاب متاثرن لاءِ 57 هزار گهرن جي تڪميل ۽ عالمي بئنڪ جي 112 ارب رپين جي گرانٽ جو ذڪر پڻ اهم آهي. 2022ع واريون ٻوڏون بلوچستان لاءِ قيامت کان گهٽ نه هيون. لکين ماڻهو بي گهر ٿيا، زراعت تباهه ٿي ۽ معيشت کي وڏو ڌڪ رسيو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن بحاليءَ جا منصوبا ايمانداريءَ سان مڪمل ڪيا وڃن ته متاثر ماڻهن جو رياست تي اعتماد بحال ٿي سگهي ٿو جيڪو گذريل سالن ۾ سخت متاثر ٿيو آهي.

وزيراعظم جو اهو چوڻ ته "ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ گڏ هلنداسين ته پاڪستان پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪري وٺندو" هڪ قومي پيغام آهي. پاڪستان تڏهن ئي مضبوط ٿي سگهي ٿو جڏهن ان جا سڀ صوبا پاڻ کي برابر، محفوظ ۽ بااختيار محسوس ڪن. بلوچستان کي رڳو قدرتي وسيلن جو ذخيرو نه پر جيئري قوم، شعور يافته نوجوانن ۽ باوقار شهرين جو صوبو سمجهيو وڃي. جيڪڏهن رياست واقعي اخلاص سان اڳتي وڌي ته بلوچستان نه رڳو پاڪستان جو ڪمزور ڪڙو نه رهندو پر ان جي طاقت بڻجي سگهي ٿو.

## لطيفي لات ــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

پَڳَهہَ پاسي وِيهہَ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
تون ويسِري وِڪَ ڳَڻِين، هو پُورِيندا پَرڏيهہَ؛
سَمُنڊَ جِن ساٽيهہَ، ڪوهُ نه ويئِينءَ تِن سين؟

(سُر سامونڊي)

# دراوت ڊيم تي لياقتن 87 جي ڊاڪٽرن جي گڏجاڻي!



ڊاڪٽر رضا چانڊيو

(حصو ٻيو ۽ آخري)

**ريزروئير ۽ آبپاشي:** ڊيم 10 هزار هيڪٽر (تقريباً 25 هزار ايڪڙ) زمين کي پاڻي فراهم ڪرڻ جي قابل آهي. جڏهن ڊيم تي پهتاسين ته سامهون اسٽيج تيار ٿيل هئي ۽ ويهڻ لاءِ ڪرسيون رکيل هيون. اس ٿوري تکي هئي. ان لاءِ سڀني ڪرسيون سِيري جانو وارو پاسو ورتو. پروگرام باقاعدي شروع ٿي ويو. آجياڻي ڪانپوءِ موسيقي ۽ ٻيا مختلف آئٽم ۽ ناچ گانا وغيره. گهرايل پارٽين پيش ڪيا ۽ ڀرپور داد وصول ڪيو. وچ وچ تي مختلف دوستن، ڪن لطيف جا بيت پڙهي ٻڌايا ته ڪن پنهنجي پاران لطيفا ۽ ٻيو ڪجهه. جيڪي وڏيو سو ڳالهايو. ڊاڪٽر لڇمڻ، انڊيا جو پراڻو گانو ٻڌائي واهه واهه ڪرائي ڇڏي. مون کي به سڏ ٿيو مون به پنهنجي نڪور شاعري ۽ لطيف جا بيت ٻڌايا. جڏهن ته اسٽيج ڊاڪٽر خورشيد صديقي صاحب جي حوالي هئي. جنهن پنهنجي خوبصورت آواز ۽ انداز سان لطيف سائين جا بيت به ٻڌايا ته گنگنايو به پئي... گڏجاڻيءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڊاڪٽر صاحب بهترين مقرر هئڻ سان گڏوگڏ خوبصورت مٺڙي آواز جي به مالڪ آهي. سندس لهجو ۽ لفظن جي ادائگي اهڙي ته وڻندڙ ۽ پراثر هوندي آهي جو جڏهن ڳالهائيندي آهي ته ايئن لڳندو آهي جهڙوڪر لفظن ۾ ساهه پئجي ويو هجي! اسانجي گروپ جو هي سدا بهار آواز ۽ متحرڪ ڪردار آهي. صفا پنهنجائپ ۽ گهرواري ماحول هو. مون کي ان وقت حيرت ٿي، جڏهن ڊاڪٽر مُهن ۽ ڊاڪٽر ڊالو مل خوشيءَ ۾ پنهنجين گهر وارين سان گڏ اسٽيج تي اچي نچڻ لڳا. ان کان وڌيڪ دل سان دوستن جي آجيان آڌرڀاءُ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ميوزيڪل پروگرام ۽ انٽرٽيننگ پروگرام جي آخر ۾ سڀني کي اسپيشل گفت، يعني لونگيءَ جو تحفو ڏنو ويو. تقرير ڪندي مهن سڀني اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن کي اهو عرض ڪيو ته اسان جي زندگي هاڻ ڪافي گذري چڪي آهي. رهيل زندگي خير جي ڪمن ۾ گذاريو. چيريٽيبل هاسپيٽلن کي پنهنجو وقت ڏيو. اسان هتي مندر جي پر ۾ هاسپيٽل کولي آهي. ان لاءِ ٽائيم ڪڍو سڀ مذهب، ڌرم ۽ انسان ذات جي خدمت جو درس ڏين ٿا. ڊاڪٽر ڊالو وري اڪين جي ۽ ميڊيڪل ڪيمپ لاءِ سڀني کي عرض ڪيو.

ڊاڪٽر ڊالو مل ٻڌايو ته تعليم جي حوالي سان اسان جو هي علائقو ڪنهن به طرح سان پوئتي ڪونهي. هن وقت به 300 جي لڳ ڀڳ اسان جا ٻار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تعليم پرائين پيا. خاص ڪري ميڊيڪل جي شعبي ۾ سڀني کان اڳتي آهن. تازو ڄڻن ٻارن نيورو سرجري ۾ اعليٰ ڊگريون حاصل ڪيون آهن.

اتي جي معزز شخصيت (جنهن جو نالو ياد نٿو اچي) ٻڌايو ته ڊاڪٽر مهن، ڊاڪٽر ڊالومل ۽ ڊاڪٽر دريانو مل، هتان جا هيرا آهن. ميڊيڪل جون ڪيمپون لڳرائڻ ۽ خيرجي ڪمن ۾ سڀني کان اڳتي آهن. ايتري تائين جو تعلقه اسپتال ۾ امرجنسي ۽ آئي سي يو لاءِ ڪروڙ کان مٿي خرچ ڪيو اٿن.

ڊاڪٽر خورشيد صديقي صاحب مهمانن طرفان سڀني جا ٿورا مڃيا ۽ ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته توهان جهڙو شاندار پروگرام جوڙيو آهي. ان لاءِ اهڙا لفظ ڪونهن جن سان توهان جو شڪريو ادا ڪجي!

ان ڪانپوءِ چانهه جو دور هليو. اچان ڊاڪٽر مهن جي مرضي هئي ته مون 'ڪنڊي ۾ ڏور' جو به بندوبست ڪيو آهي. هلي مڇي ماريو جيڪي ماريو سو ڪٽي وڃو ۽ هڪ مڇي جي بدلي مان توهانکي 500 رپيه انعام به ڏيندس.

مهن کي مون ۽ ڊاڪٽر افتخار شيخ منت ڪئي، ته دير ٿي ويندي. وري پئي دفعي! ٻنپهرن جي نماز قضا ٿي ويندي. جنهن تي هن پنهنجي ذاتي گاڏي ۽ ڊرائيور ڏنو ته توهان پلي هلي اڳواٽ نماز پڙهو. اسان بس ۾ پوپان اچون ٿا. پوءِ گڏجي ماني ٿا کائون. اسان اچان نماز پڙهي مسجد مان ٻاهر مس نڪتاسين، ته ماني لڳي چڪي هئي. ماني ۾ نندو گوشت، مرغي، تريل مڇي، پلاءُ، گجرن جو حلوو ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه هو. مڇي سڀني کي ڏاڍي وڻي. ڪاڏو لذيذ ۽ گرم هو. دريانو مل جي کهڙي ڳالهه ڪجي قريو سريو منهنجي مٿان بيٺو هو. چمچا، پليٽون، ٽشو پيپر ۽ گرم ڪاڏي جا ڊش هٿن ۾ ڪنيو بيٺو هو!

ڪاڏو کائي مس بس ڪئي سين. ته عصر جي آذان جو آواز ڪنين پيو. افتخار سان گڏجي، نماز لاءِ مسجد ڏانهن روانا ٿياسين. نماز پڙهي واپس آياسين. ته ڊاڪٽر قيوم سڀني دوستن لاءِ دعا پئي گهري ۽ ميزبانن جا ٿورا پئي مڃيا!

آمريڪا جي فضائن مان

# بس ڊرائيور کان ڏنڊا ٻيڙين تائين: نڪولس مادورو جي جدوجهد، اقتدار ۽ زوال جي ڪهاڻي

راجا زاهد اختر خانزاده

ان ڏينهن مون سميت سڄي دنيا جون نظرون ٽي وي اسڪرينن تي اٽڪيل هيون. مان نيويارڪ جي ڪنهن عدالت جي بينچ تي موجود نه هئس پر ان جي باوجود سڄو منظر اکين آڏو هو ٽي وي، موبائل فون، سوشل ميڊيا جون لائيو وڊيوز ۽ نيوز چينلن جا بريڪنگ اسڪرول. هڪ ئي لمحي ڪيترين اسڪرينن تي هيلي ڪاپٽر جو شور، ٿڌي هوا ۾ لهندڙ قافلو ۽ اهي تصويرون جيڪي شايد سالن تائين وينزويلا جي سياست جو خلاصو بڻجي زنده رهنديون.

وينزويلا جو صدر نڪولس مادورو، جنهن جي پيرن ۾ ٻيڙيون هيون ۽ هٿن ۾ هٿڪڙيون. آمريڪا جي شهر نيو يارڪ ۾ ڊي اي جي اهلڪارن جي وچ ۾ هلندي نظر آيو هن سان گڏ سندس گهرواري سيليا فلورس پڻ هئي پنهي تيزي ۽ نارنگي رنگ جو لباس پاتو هو جيڪو آمريڪا ۾ قيدين جو لباس سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ته مادورو جي خاڪي پتلون نمايان هئي سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ وڊيوز ۾ هڪ لمحو اهڙو به آيو جڏهن مادورو اوچتو ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ حسرت ڀرين اکين سان آسمان ڏانهن ڏٺو، ڄڻ هو خدا کي ڪجهه چئي رهيو هجي مون اهو فريم بار بار روڪي ڏٺو اها رڳو هڪ نظر نه هئي پر شايد سندس پوري زندگيءَ جو هڪ وقفو هو.

مون سوچيو جنهن ماڻهوءَ سالن تائين پنهنجي ملڪ ۾ وردي وارن، ججن، ادارن ۽ قانون کي پنهنجي بيانيي جي تابع رکيو اڄ اهو پاڻ اهڙي ورديءَ ۾ بيٺو هو جنهن تي سندس ڪو به اختيار نه هو. تيزي ۽ نارنگي رنگن جي وچ ۾ بيٺل اهو شخص جيڪو ڪڏهن پاڻ کي بوليبار جو وارث سڏيندو هو هاڻي آمريڪي عدالتي نظام جي رنگ ڪوڊ ۾ رڳو هڪ فائل نمبر بڻجي چڪو هو شايد ان ئي ڪري، جڏهن هن هڪ لمحي لاءِ ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاريو، اها نظر سياست جي نه هئي طاقت جي نه هئي پر هڪ اهڙي انسان جي نظر هئي جنهن کي شايد پهريون ڀيرو اهو احساس ٿيو ته اقتدار لباس بدلائي سگهي ٿو پر نظام آخرڪار پنهنجي وردي ضرور پارائيندو آهي.

عدالت کان ٻاهر سندس حامي به هئا ۽ مخالف به عدالت جي اندر جو منظر سڌو اسڪرين تي نه هو پر جيڪي رپورٽر اتي موجود هئا انهن ٻڌايو ته اسپيني ترجمو ٻڌڻ لاءِ مڙس ۽ زال ٻنهي کي هيڊفون پاتل هئا وچ ۾ هڪ وڪيل ويٺو هو جيڪو ڪاغذ سنڀالي سرگوشين ۾ صلاحون ڏئي رهيو هو جڏهن مادورو کي ڪٽهڙي ڏانهن آندو ويو ته عدالت جي خاموشيءَ ۾ هڪ ٻيو آواز شامل ٿي ويو ٻيڙين جو آواز، اهو آواز، جيڪو اقتدار جي تعرن کان گهڻو وڌيڪ صاف ٻڌجي ٿو ان ئي لمحي مادورو صحافين ۽ حاضر ماڻهن ڏانهن ڏسي چيو ته کيس اغوا ڪيو ويو آهي.

ڪارروائيءَ جي شروعات تي جج ايلون هيلرسٽين سڃاڻپ جي تصديق گهري، مادورو اسپيني زبان ۾، ٿڌي ۽ سنجيده لهجي سان چيو: "سر مان نڪولس مادورو آهيان مان جمهوريه وينزويلا جو صدر آهيان ۽ مون کي ٽي جنوري تي اغوا ڪري هتي آندو ويو آهي."

سماعت جي پڄاڻيءَ تي حاضر ماڻهن مان هڪ شخص اوچتو رڙ ڪري چيو ته مادورو پنهنجن ڏوهن جي قيمت ادا ڪندو ان تي مادورو ساڳئي اسپيني زبان ۾ ان شخص ڏانهن مخاطب ٿي چيو: "مان هڪ صدر آهيان ۽ جنگي قيدي آهيان."

اهو جملو ٻڌندي ئي مون هڪ لمحي لاءِ اسڪرين تان نظر هٽائي ڇڏي، ڇو ته ان هڪ جملي ۾ پوري ڪهاڻي سميٽجي آئي هئي هڪ بس ڊرائيور کان صدر تائين ۽ صدر کان قيديءَ تائين ان ئي لمحي مون پاڻ کي چيو ته هن ماڻهوءَ جي ڪهاڻي رڳو گرفتاريءَ جي ڪهاڻي ناهي هي هڪ ڊگهو سفر آهي هڪ عام ماڻهو کان رياست تائين ۽ رياست کان عدالت تائين.

نڪولس مادورو جي زندگي ڪنهن شاهي محل کان شروع نه ٿي ٿي هو ڪاراڪاس جي هڪ محنت ڪش پاڙي ۾ ڄائو سندس پيءُ ٽريڊ يونين جو ڪارڪن هو، ماءُ سرحدي علائقي مان آيل هڪ سخت جان عورت هئي گهر ۾ سياست هئي پر آسائش نه هئي اهو ڇوڪرو اسڪول ويو، شاگرد يونين ۾ شامل ٿيو پر رسمي تعليم مڪمل نه ڪري سگهيو پوءِ هو بس ڊرائيور بڻيو ڪاراڪاس ميٽرو بس، روزانو جا مسافر، روزاني جي ٿڪاوٽ هي اهو مرحلو هو جتي مادورو عوام کي ويجهڙائيءَ سان ڏٺو ڇو ته بس هلائڻ رڳو سواري پهچائڻ ناهي هوندو پر روز ماڻهن جي چهرن مان گذرڻ هوندو آهي ڪنهن جي بي وسي، ڪنهن جي تڪڙ ڪنهن جي خاموشي ان دوران هن يونين ناهي آواز اٿاريو، ڳالهائڻ سکيو، سوديبازي سکيو يونين هن کي ڳالهائڻ سيکاريو، مجاڻڻ سيکاريو ۽ اهو به سيکاريو ته طاقت سان ڪيئن ڳالهائجي هتان ئي سندس سياست جي شروعات ٿي پوءِ هيوگو شاويز آيو هڪ انقلاب، هڪ نعرو، هڪ خواب مادورو ان خواب سان گڏ هليو وفاداري ڏيکاري، استقامت ڏيکاري ۽ آهستي آهستي اڳتي وڌندو ويو اسيمبليءَ تائين پهتو پوءِ اسيمبليءَ جو اسپيڪر بڻيو، پوءِ پرڏيهي وزير ٿيو هيوگو شاويز سان سندس ويجهڙائي رڳو نظرياتي نه هئي پر اعتماد جي هئي شاويز هن تي ڀروسو ڪيو، کيس نائب صدر بڻايو ۽ وڃڻ کان اڳ قوم کي ٻڌايو ته جيڪڏهن مان نه رهيس ته مادورو کي چونڊيو.

هيستائين مادورو جي ڪهاڻي هڪ ڪلاسڪ سياسي جدوجهد لڳي ٿي هڪ محنت ڪش ماڻهو جيڪو نظام اندر داخل ٿي سربراهه بڻجي ٿو اقتدار ملڻ کان پوءِ هن ڪجهه اهڙا فيصلا به ڪيا، جن کي سندس حامي اڄ به مثال طور پيش ڪن ٿا اهو چوڻ به ايمانداريءَ جي خلاف هوندو ته مادورو جي سڄي دور ۾ ڪجهه به مثبت نه هو هن لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن سان لاڳاپا مضبوط ڪيا فلسطين ڪيوبا ۽ انهن رياستن سان گڏ بيٺو جيڪي عالمي سياست ۾ پاڻ کي ڪمزور سمجهنديون هيون هن ڪلي عام آمريڪي بالادستيءَ کي للڪاريو ۽ پنهنجن حامين جي نظر ۾ هو هڪ خوددار اڳواڻ بڻجي سامهون آيو هيوگو شاويز کان پوءِ جڏهن رياست لوڏن ۾ هئي تڏهن به مادورو سماجي پروگرامن جو سلسلو مڪمل طور ختم نه ڪيو غريب طبقي لاءِ راشن سسٽم سبسڊي ۽ رياستي سهارو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ برقرار رهيو آمريڪا جي سخت پابندين باوجود، هن وينزويلا کي مڪمل طور ٽٽڻ کان بچايو 2019 کان پوءِ هن خاموشيءَ سان معاشي سختيون نرم ڪيون قيمتن تي ڪنٽرول ختم ڪيا، نجي واپار کي محدود آزادي ڏني ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هائپر انفليشن ۾ نمايان گهٽتائي آئي ۽ مارڪيٽن ۾ شيون ٻيهر نظر اچڻ لڳيون انهن سڀني قدمن جي باوجود، عوامي مقبوليت ڪڏهن به مستقل نه رهي 2013 ۾

شاويز جي وصيت ۽ همدرديءَ جي ڇانوَ هيٺ مادورو جي مقبوليت 45 کان 50 سيڪڙو تائين رهي پر 2014 کان پوءِ اها تيزيءَ سان گهٽجڻ لڳي ڪيترن معتبر سرويز موجب، 2018 کان 2023 جي وچ ۾ سندس مقبوليت اڪثر 15 کان 25 سيڪڙو جي وچ ۾ ڦرندي رهي دلچسپ ڳالهه اها آهي ته غريب طبقو جيڪو ڪڏهن شاويز ازم جو مضبوط قلعو هو، اهو ئي سڀ کان پهرين هٿ کان پري ٿيو اهڙي طرح مادورو هڪ اهڙو صدر بڻجي ويو، جنهن رياست ته سنڀالي رکي پر قوم آهستي آهستي هٿن مان سلپ ٿيندي رهي اها به حقيقت آهي ته ڪجهه وقت تائين هن وينزويلا کي مڪمل ٽٽڻ کان بچايو تيل جي آمدنيءَ سان رياستي مشينري هلندي رهي فوج کي ساڻ رکيو ويو ۽ اقتدار جو ڍانچو قائم رهيو ڪيترن ماڻهن جي نظر ۾ اها سندس سياسي مهارت هئي پر اقتدار جو هڪ سچ اهو به آهي ته جڏهن حالتون خراب ٿين ته رڳو سنڌا ارادا ڪافي نه هوندا آهن وينزويلا ۾ تيل جون قيمتون ڪريون، معيشت دٻاءَ ۾ آئي مهانگائي وڌي، قلت پيدا ٿي هتي مادورو اڳو اصل امتحان آيو هو سڌارن ڏانهن وڃي سگهي پيو ڳالهه ٻولهه ڏانهن وڃي سگهيو ٿي پر هن ڳٺتو ڪري طاقت جو رستو چونڊيو احتجاج ٿيا ته سختي ٿي اختلاف وڌيو ته ادارا متحرڪ ٿيا عدالتون اليڪشن ڪميشن سيڪيورٽي فورسز سڀ آهستي آهستي اقتدار جي تحفظ جو حصو بڻجندا ويا هيءَ ئي اهو موڙ هو جتان مادورو جي ڪهاڻي بدلجڻ شروع ٿي انساني حقن بابت الزام سامهون آيا ماوراءِ عدالت قتلن جون رپورٽون اچڻ لڳيون صحافين جو آواز دٻايو ويون لکين ماڻهو ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا اهو سڀ ڪجهه هڪ ڏينهن ۾ نه ٿيو اهو سالن ۾ ٿيو خاموشيءَ سان ۽ پوءِ ايتري شدت سان ٿيو جو دنيا به ان کي نظرانداز نه ڪري سگهي مون اهي رپورٽون به ڏٺيون آهن اهي تصويرون به، اهي وڊيوز به ماوراءِ عدالت قتلن جا الزام، زبردستي گرفتاريون، تشدد، صحافين تي دٻاءُ ۽ اها خاموش هجرت، جنهن ۾ لکين وينزويلا جا ماڻهو سرحدن ڏانهن هلڻ تي مجبور ٿيا. مادورو ان دوران هر الزام کي سازش سڏيندو رهيو آمريڪا کي دشمن چيو، عالمي نظام کي سامراج قرار ڏنو شايد ڪجهه حد تائين اهي ڳالهيون سندس حامين کي مطمئن به ڪنديون رهيون پر وقت سان گڏ اقتدار جو لهجو سخت ٿيندو ويو ۽ رياست جو پاڇو ڊگهو ٿيندو ويو اهڙي طرح مادورو هر الزام کي سازش قرار ڏيندو رهيو آمريڪا، يورپ، عالمي ادارا سڀ سندس بيانيي ۾ هن جا دشمن بڻجي ويا.

جڏهن مان ان ڏينهن نيو يارڪ جي عدالت جو منظر ڏسي رهيو هئس ته مون کي بار بار اهو سوال ستائي رهيو هو ته آخر هڪ انسان جي گرفتاريءَ ۾ پوري قوم جي ڪهاڻي ڪيئن سمائجي ٿي؟ وينزويلا جنهن جي آبادي ڪڏهن لڳ ڀڳ ٽي ڪروڙ هئي اڄ پنهنجي روح جو چوٿون حصو وڃائي چڪي آهي گڏيل قومن موجب، مادورو جي دور ۾ ستر ڏهائي تو ملين کان وڌيڪ وينزويلا جا شهري پنهنجو وطن ڇڏي چڪا آهن اها رڳو لڏپلاڻ نه هئي اها اجتماعي پسپائي هئي اهي ماڻهو جيڪي سرحدن تي قطارن ۾ بيٺل نظر آيا، جن پنهنجن ٻارن کي ڪلهن تي کڻي پيادل سفر ڪيا جن سڃاڻپ ڪارڊ نه پر پنهنجون ساڻ ڪنيون وينزويلا جي هر ڇهين ماڻهن مان هڪ ملڪ کان ٻاهر آهي ۽ باقي تن جي اندر خوف، بک ۽ خاموشيءَ جو اهڙو بار آهي جيڪو ڪنهن به مردمشماريءَ ۾ ڳڻي نٿو سگهجي.

عدالت ۾ ماڻهن ٻيڙين جو آواز ٻڌو مون به ڏٺو پر ان وقت مون کي ڪولمبيا، پيرو ۽ برازيل جي ڪئمپن ۾ پکڙيل اهي آواز به صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا، جيڪي سالن کان هڪ ئي سوال پڇي رهيا آهن جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه درست هو ته پوءِ اسان کي ملڪ ڇو ڇڏڻو پيو؟ ان بيانيي ۾ سچ جا ڪجهه عنصر به هئا، پر جڏهن رياست هر سوال کي دشمني سڏڻ لڳي، تڏهن سچ ۽ ڪوڙ جو فرق متجڻ لڳي ٿو پوءِ تاريخ اهو موڙ وٺي ٿي جنهن کي هر طاقتور هميشه ناممڪن سمجهي ٿو.

جنوري 2026 ۾ گرفتاري، نيويارڪ جي عدالت ۽ اهو ئي مادورو، جيڪو ڪڏهن عالمي فورمن تي تقريرون ڪندو هو، اڄ عدالت ۾ پنهنجي سڃاڻپ ٻڌائي رهيو هو اهو ئي مادورو، جيڪو پاڻ کي انقلاب جو وارث سڏيندو هو، اڄ ٻيڙين سان گڏ هلي رهيو هو هن عدالت ۾ چيو ته کيس اغوا ڪيو ويو آهي شايد هو واقعي پاڻ کي مظلوم سمجهندو هجي شايد اقتدار جي اندر رهندي انسان حقيقت کان ايترو پري ٿي وڃي ٿو جو پنهنجو انجام به سازش لڳڻ لڳي.

مان اهو منظر ڏسندي سوچيندو رهيس ته مادورو نه مڪمل هيرو آهي نه مڪمل ولين هو هڪ انسان آهي اهڙو انسان، جنهن هيٺان مٿي تائين جو سفر ڪيو، جنهن ڪجهه ماڻهن لاءِ اميد بڻجڻ جي ڪوشش به ڪئي پر اقتدار جي خوف ۾ هن ڪيترائي غلط فيصلا به ڪيا. سندس زندگي اسان کي اهو سيکاري ٿي ته جدوجهد انسان کي مٿي کڻي وڃي ٿي پر اقتدار انسان کي بي تقاب ڪري ڇڏي ٿو.

اڄ نيويارڪ جي عدالت ۾ بيٺل مادورو منهنجي لاءِ رڳو هڪ ملزم نه رهيو هو هڪ پوري دور جي هلندڙ ڦرندڙ علامت بڻجي چڪو هو اهڙو دور، جنهن ۾ نعرا به هئا، واعدا به، خواب به ۽ پوءِ آهستي آهستي اهو خوف به، جنهن خوابن جي جاءِ والاري ورتي تاريخ شايد ڪڏهن سندس ڪجهه فيصلن کي حالتن جي تناظر ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري پر ڪجهه فيصلا اهڙا هوندا آهن، جن تي وقت به پردو نٿو وجهي سگهي سياست هميشه توان بيانيه گهڙي وٺندي آهي پر انسان جي اندر جيڪا خاموش عدالت هوندي آهي اها سڀ ڪجهه ياد رکندي آهي مان اهو سڀ ڪجهه اسڪرين تي ڏسي رهيو هئس پر ان منظر مون کي اهو سبق ڏئي ڇڏيو ته اقتدار ۾ اچڻ شايد ڏکيو هوندو آهي پر اقتدار ۾ رهندي انسان رهڻ ان کان به وڌيڪ سخت امتحان آهي مادورو هن امتحان ۾ ڪٿي بيٺو، ڪٿي ٿڪيو ۽ ڪٿي شايد پاڻ کي ئي وڃائي ويٺو جدوجهد انسان کي مٿي کڻي وڃي سگهي ٿي پر طاقت انسان کي ضرور بي تقاب ڪري ٿي ۽ جيڪو ان بي تقابيءَ ۾ پاڻ کي وساري ويهي ٿو ان کي هڪ ڏينهن ٻيڙين جي آواز ۾ پنهنجي پوري ڪهاڻي ٻڌائجي ٿي.

مون نيويارڪ جي عدالت جو منظر ختم ٿيڻ تي اسڪرين بند ڪري ڇڏي پر اهو آواز بند نه ٿيو اهو ٻيڙين جو آواز شايد اهو ئي آواز هن ڪالم جو اصل عنوان آهي ۽ شايد اهو ئي هر طاقتور لاءِ آخري انتباهه به آهي.

# مقصد ۽ هدف زندگيءَ جي اهميت کان آگاهي ڏين ٿا!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان ته سوچ مان خيال، خيالن مان نظريا، نظرين مان مقصد، مقصدن مان تحريڪ، تحريڪن مان جستجو، جستجن مان ڪاميابي جنم وٺي ٿي منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ياد رکو دنيا ۾ هڪڙي ئي خوبي آهي ۽ اها خوبي آهي آگاهي ۽ انهيءَ جي مقابلي ۾ دنيا ۾ هڪڙو ئي گناهه آهي ۽ اهو گناهه آهي جهالت. آئون عرض ڪريان ته انساني معاشري ۾ علم جي بجاآوري هزارين سال پراڻو عمل آهي ۽ اهو علم ئي آهي جيڪو هزارين سالن کان معاشري ۾ مختلف سطحن تي پنهنجو اثر رکندو اچي پر ياد رکو هر دور ۾ علم مختلف سطحن تي پنهنجو اثر مختلف رکندو آيو آهي پر هر دور ۾ علم جو پنهنجو اثر رهيو ضرور آهي انهيءَ ڪري هر دور ۾ علم جي اهميت تمام گهڻي رهي آهي آئون عرض ڪريان ته شروعاتي تعليم بنيادي طور تي وڏي حد تائين مختلف رهي آهي اسان جي عام سطحي معاشري ۾ علم آگاهي ڏيڻ تائين محدود هوندو آهي ۽ انهيءَ سطح تي معاشري کي صرف تنقيدي نقطه نگاهه سان سوچڻ جي لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي پر ترقي يافته معاشري ۾ نوجوانن مان نه صرف اها توقع ڪئي وڃي ٿي ته هُو تنقيدي نقطه نظر سان معاشري جي صورتحال جو جائزو وٺندا بلڪ هُو تئين علم جي تخليق ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪندا انهيءَ مقصد جي اصول ۾ سڀ کان اهم ڪم تحقيق جو هوندو آهي يعني ترقي يافته معاشري ۾ نوجوان تحقيق جي ذريعي پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا پر مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي سطحن جي تعليم جي لاءِ بنيادي ضرورت معاشري ۾ فڪري آزاديءَ جي هوندي آهي جيڪڏهن اسان جي معاشري جي اندر فڪري آزادي نه هوندي ته اهڙي معاشري ۾ نوجوانن کا خاص يا بين لفظن ۾ ائين چوان ته ڪو خاطر خواهه تحقيقي ڪم انجام نٿا ڏئي سگهن چاڪاڻ ته اهڙي معاشري ۾ فڪري آزادي بن معاملن سان ڳنڍيل هوندي آهي، پهريون سوچ جي آزادي ۽ ٻيو ڳالهائڻ جي آزادي، جن معاشرن ۾ سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جي آزاديءَ تي پهرو هوندو آهي انهن معاشرن جا نوجوان شعوري طرح ايترو ته هيٺ هوندا آهن جو هنن جي پنهنجي ڪا به سوچ ناهي هوندي، ايستائين جو معاشري جي ترقي ۾ هنن جو ڪو به عمل دخل ناهي هوندو هنن جو ڪو به تخليقي ڪم معاشري جي ڀلائي ۾ شامل ناهي هوندو ياد رکو انهيءَ مرحلي تي سقراط کي ڪٿين ٿو وساري سگهجي، جنهن زهر جو پيالو ته پيئڻ پسند ڪيو پر سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جي آزاديءَ تي پابندي قبول نه ڪئي يورپ جي تاريخ جي آغاز ۾ سقوط روم 410-476 کان وٺي تسخير قسطنطنيه 1453ع تائين جي زماني ۾ تعليم ابتدائي نوعيت جي هئي انهيءَ دور ۾ تعليم جي عمل ۾ ڪنهن حد تائين آزادي موجود هئي پر پوءِ علم چڱي طرح پنهنجا پير ڄمائڻ شروع ڪيا ۽ اٽليءَ ۾ بلوگنا يونيورسٽي جو بنياد پيو، هن يونيورسٽيءَ جديد يونيورسٽي جو تصور ڏنو، هيءَ يونيورسٽي 1088ع ۾ قائم ٿي ۽ هن اداري حقيقت ۾ فڪري آزاديءَ جي ڳالهه ڪئي، جنهن جي ڪري معاشري ۾ موجود ڏاڍ کي پنهنجي جڳ مڙسي خطري ۾ محسوس ٿي اهو ڏسي پوءِ هنن اهڙن ادارن ۾ پڙهندڙ تصاب کي پڻ پنهنجي نظر ۾ رکڻ شروع ڪيو ۽ ان کي پڙهائڻ کان روڪڻ لڳا جيڪو انهن جي مفادن سان ٽڪرائيندو هو ان سبيان، 13هين صدي تائين ظلم پنهنجو اثر ڪافي حد تائين مضبوط ڪري چڪو هو يورپ ۾ روشن فڪري جي اچڻ واري لهر جتي معاشري جي ٻين امور کي متاثر ڪيو اُتي ئي علم تي به انهيءَ جا اثر پيا. فڪر جي آزادي ۽ آزاديءَ جي اظهار ڏاڍ سان گڏوگڏ ماضيءَ جي جنت جي خريد و فروخت جي تصورات کي پڻ چئلينج ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ سياسي ۽ مذهبي خيالن جي ٽٽ ڀڄ فڪري آزادي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو انهيءَ وقت ۾ سائنسي ايجادن سوچن جا نوان دروازا کولي ڇڏيا، جڏهن ته جرمني ۾ مارٽن لوٿر جي تحريڪ ڪافي اثر وجهي سوچن کي پختو ۽ تشدد پسندانه روين کي چئلينج ڪري چڪي هئي انهيءَ عرصي ۾ ڪيترين ئي نيون يونيورسٽيون به جرمنيءَ ۾ ٺهي چڪيون هيون جن ۾ 1575ع ۾ ليڊن يونيورسٽي ۽ 1652ع ۾ هيڊل برگ يونيورسٽي شامل هيون ۽ انهن يونيورسٽين پنهنجي تعليمي ۽ تحقيقي فڪر جون بنيادون آزاد فلسفي تي رکيون، يعني بنيادي اصول اهو هو ته هر مسئلي کي فلسفي جي ذريعي سمجهو وڃي ۽ انهيءَ تي کولي بحث ڪئي ويندي، انهيءَ دوران مشهور فلسفي ۽ اديب فرنڪس بيڪن جي تحرير 1605ع ۾ ڇپي، هن تحقيقي تحرير جي ذريعي سائنسي بنيادن تي اڳيان وڌڻ جي عمل کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملي فرنڪس بيڪن جو خيال هو ته تحقيق ڪنهن تعصب ۽ اثر رسوخ جي بغير ئي ٿيڻ گهرجي، يعني مفروضن جي بنياد تي تحقيق جو آغاز ڪريو ۽ انهيءَ عمل جي دوران ۾ جيڪي به نتيجا سامهون اچن انهن کي بنا ڪنهن خوف و خطر جي ظاهر ڪريو. انهيءَ سوچ کي تقويت ملي جنهن جي ڪري يورپ ۽ آمريڪا ۾ مختلف انجمنون بڻجڻ شروع ٿي ويون، انهن انجمنن جو اصل ڪم تحقيق ڪرڻ هو، سڀ کان پهرين انجمن برطانيه ۾ 1660ع ۾ سامهون آئي ۽ انهيءَ جو نالو رائل سوسائٽي هو جڏهن ته 1700ع ۾ جرمني ۾ اڪيڊمي آف سائنسز قائم ٿي ۽ 1743ع ۾ آمريڪن فلاسفڪ سوسائٽي جو قيام عمل ۾ آندو ويو، انهيءَ سان گڏوگڏ انهن انجمنن تحقيقي جنرل شايع ڪرڻ جو آغاز ڪيو ۽ يونيورسٽين نه صرف پاڻ انهن تحقيقي ڪمن مان فائدو ڪنيو بلڪ انهن پاڻ به تحقيقي جنرل ڪڍڻ شروع ڪري ڇڏيا، انهيءَ تائين تحقيق سوين سال پراڻي توهمات کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ معاشري ۾ موجود قديم رسومات، روايات کي چئلينج ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو اهڙي طرح معاشري ۾ آخرڪار فڪري آزادي ۽ ڳالهائڻ جي آزادي کي اڳيان وڌائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي انهي ڪانپوءِ 1811ع ۾ برلن يونيورسٽيءَ جي قيام تعليمي ادارن ۾ فڪري آزاديءَ کي تمام تيزيءَ سان اڳيان وڌايو ۽ معاشري ۾ انهيءَ سوچ کي تقويت ڏئي هڪ پڙهائڻ جي آزادي، ٻيو پڙهڻ جي آزادي، يعني معاشري ۾ انهيءَ ڳالهه جي مڪمل آزادي هوندي ته هُو پنهنجي ماحول جي مطابق نصاب پاڻ مرتب ڪن ۽ انهيءَ نصاب ۾ هر اها شيءِ شامل ڪن جيڪا هُو پنهنجي شاگردن تائين پهچائڻ چاهين جڏهن ته ٻئي پاسي شاگردن کي به انهيءَ ڳالهه جي آزادي ڏني وڃي ته هو پنهنجا مضمون پنهنجي مرضيءَ سان چونڊي سگهن انهيءَ جو معاشري تي اثر اهو پيو ته پوءِ هر سطح تي معاشري ۾ سوال ڪرڻ عام بڻجي ويو، جيڪو پهرين عيب تصور ڪيو ويندو هو، يعني آسان لفظن ۾ آئون ائين چوان ته جرمن جي برلن يونيورسٽيءَ ۾ سامهون اچڻ وارا اهي نظريا دنيا جي ٻين يونيورسٽين جي لاءِ هڪ ماڊل جي طور تي سامهون آيا ۽ جلد ئي ٻين يونيورسٽين ته صرف انهن اصولن کي پاڻ تي لاڳو ڪيو پر ايستائين جو اهي نظريا ٻين يونيورسٽين ۾ آزاد فڪر کي جانچڻ جو پيمانو پڻ بڻجي ويا، برلن يونيورسٽيءَ جي انهي روشن خيال ماحول سڀني شاگردن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪيو ۽ ڪيترائي نامور سائنسدان ۽ محقق ۽ فلسفي انهي يونيورسٽيءَ مان فارغ تحصيل ٿيا، جن ۾ آئن سٽائن پلنڪ، هيگل، ڪارل مارڪس وليم ڊي بوءِ وغيره شامل هئا ۽ جن جي ڏنل تعليم جو اثر اڄ به معاشري ۾ عام نظر اچي ٿو.

آئون عرض ڪريان ته اسان جي ذهن جي سوچڻ جو انداز ٻن طرحن جو هوندو آهي هڪ منفي ۽ ٻيو مثبت، مثبت سوچ هميشه انسان کي ڪاميابيءَ ڏانهن وٺي ويندي آهي جڏهن ته منفي سوچ انسان کي ناڪاميءَ ڏانهن ڌڪيو ڇڏي، جنهن جي ڪري زندگيءَ جي چمڪ اونداهيءَ ۾ تبديل ٿيو وڃي تنسيلات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته مثبت سوچ ڪاميابي جي ضمانت هوندي آهي اسان جهڙو سوچون ٿا اسان جي شخصيت به اوهڙي ئي ٿي ويندي آهي جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي پُراعتماد، ڪامياب، ذهين ۽ پُرڪشش تصور ڪنداسين ته اسان جي شخصيت ۾ اهي ئي خصوصيات شامل ٿي وينديون ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي ڪمتر، ضعيف، ڪمزور ۽ حقير محسوس ڪنداسين ته پوءِ اسان اهي ئي بڻجي وينداسين. ياد رکو سٺي ۽ بهتر زندگيءَ جي لاءِ زندگي جو بامقصد ۽ بامعنيٰ هجڻ تمام ضروري آهي ڇو ته مقصد ۽ هدف اسان کي زندگيءَ جي قدر و قيمت کان آگاهي ڏئي ٿو چاڪاڻ ته زندگيءَ ۾ ڪاميابي جي لاءِ تخليقي سوچ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي اسان جو نوجوان به ٿورڙي ڪوشش ۽ توجهه سان پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي بهتر بڻائي سگهي ٿو. بهترين تخليقي صلاحيتون اسان جي زندگي ۾، اسان جي تعلقات ۾، اسان جي اٿڻ ويهڻ جي ماحول ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهن ٿيون ۽ ياد رکو جيڪڏهن اوهان به زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان به نامور سائنسدانن، محققن اڳواڻن ۽ فلسفين آئن سٽائن پلنڪ، هيگل، ڪارل مارڪس، وليم ڊي بوءِ، اينگل، نيلسن منڊيلا جيان مايوسين ۽ ناڪامين کان بي پرواهه ٿي پنهنجو ڪم جاري رکو.

# اڄوڪو ڏينهن 10 جنوري

### شاهه مردان شاهه ثاني پير پاڳارو

اڄوڪو ڏينهن حُرن جي روحاني پيشوا ۽ سنڌ جي انتهائي معتبر سياستدان شاهه مردان شاهه ثانيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سيد سڪندر علي شاهه سندن عرفي نالو هو ۽ پاڻ 7 جمادي الا ثاني 1347هه مطابق 22 نومبر 1928ع تي خيرپورميرس رياست جي مشهور شهر پير جي ڳوٺ ۾ تولد ٿيا. سندن مريد کين "ڇٽ ڌڻي" ڪوٺين ٿا. ابتدائي تعليم ميان احمد فقير مهر گهوٽڪيءَ واري ۽ استاد امام بخش ٻاڪرائيءَ واري کان حاصل ڪيائون. 1943ع ۾ سندن والد سيد صبغت الله شاهه اول (سورهيه بادشاهه) کي انگريز سرڪار شهيد ڪري ڇڏيو ۽ شاهه مردان شاهه کي پنهنجي ڀاءُ نادر علي شاهه سان گڏ ٻهريائين علي ڳڙهه ۽ پوءِ انگلينڊ جي شهر لورپل موڪليو ويو. 1948ع ۾ پاڻ واپس سنڌ ۾ آيا ۽ 4 فيبروري 1952ع تي سنئين پاڳاري طور گادي نشين ٿيا. پير پاڳاري سياست جي شروعات مسلم ليگ ۾ شموليت سان ڪئي ڪجهه عرصو شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ جو پڻ حصو رهيا. 1965ع ۽ 1971ع وارين پاڪ ڀارت جنگين ۾ هن حُرن کي حڪم ڏنو ته فوج سان گڏ وطن جي سرحدن جي حفاظت ڪن 1990ع ۾ مسلم ليگ فنڪشنل جو بنياد رکيائون ۽ انهيءَ پارٽيءَ جا تاحيات سربراهه رهيا. 10 جنوري 2012ع تي لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ دم ڏنائون جي حوالي ڪيائون.



مختيار انڙ

پيپلز پارٽي ڇڏڻ لاءِ گهڻو زور ڀريو پر شاهه صاحب انڪار ڪيو انهيءَ انڪار جي پاداش ۾ مٿس ڪوڙا ڪيس مڙهي جيل موڪليو ويو. 1994ع ۾ ماهيگيريءَ واري کاتي جو صوبائي وزير مقرر ٿيو پاڻ مختلف وقتن تي سنڌ ۽ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو هن 19 جنوري 2020ع تي هي جهان ڇڏيو.

### سسئي پليجو

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور سياستدان سسئي پليجو جي جنم جو ڏينهن آهي. سنڌ جي هن نياڻيءَ جو جنم 10 جنوري 1976ع تي مشهور سماجي ۽ سياسي اڳواڻ غلام قادر پليجو جي گهر ۾ ٿيو سسئيءَ جي والده اختر بلوچ جو نالو سنڌ جي قومي تحريڪن ۽ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ انتهائي عزت سان ورتو وڃي ٿو. سنڌ جو مهان سياستدان رسول بخش پليجو سندس چاچو هو. سسئي پليجو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڊگري ۽ لنڊن يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي ڪرڻ کان پوءِ سياست ۾ پير پاتو. پهريون ڀيرو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سيٽ تان 2002ع وارين عام چونڊن ۾ سوڀ ماڻي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر بڻي 2008ع واريون عام چونڊون به کٽيائين 2008ع کان 2013ع تائين سنڌ جي ثقافت وارو قلمدان سندس هٿ ۾ رهيو. 2013ع واريون عام چونڊون فقط چند سو ووٽن تان هارائي وئي. 2015ع کان 2021ع تائين عورتن جي مخصوص سيٽن تي سينيٽ جي ميمبر رهي.

### رشيد صابر

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور ليکڪ، اداڪار، صداڪار ۽ تعليمي ماهر رشيد صابر جي جنم جو ڏينهن آهي. رشيد صابر جو جنم 10 جنوري 1945ع ۾ جاتي تعلقي جي هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو سندس اصل نالو عبدالرشيد ولد عبدالله ميندرو هو هو مولوي فاضل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ 1960ع ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ عربي ٻوليءَ جو استاد مقرر ٿيو. 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بئچلر آف آرٽس جي سند پڻ حاصل ڪيائين 1986ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ ورتائين 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين سندس پهرين ڪهاڻي 1962ع ۾ ٻلال رسالي ۾ ڇپجي پڌري ٿي هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ لڳ ڀڳ 3 سئو ڊراما لکيا. هن ريڊيو جي ڪيترن ئي پروگرامن خاص طور تي مذهبي پروگرامن جي ميزباني ڪئي هن 12 سنڌي فلمن جا ڊائيلاگ لکيا، جن ۾ قُل ماڇي، طوفان، گهاتو گهر نه آيا، تي قيدي، هو جملو برسات ۽ آخري گولي شامل آهن هن امرجليل جي ڪهاڻين جا اردوءَ ۾ ترجما پڻ ڪيا. رشيد صابر پاڪستان ٽيليويزن تي 1975ع ۾ هڪ اداڪار طور متعارف ٿيو هڪ اداڪار طور "اونهه ۾ لاٽ" سندس پهريون ٽي وي ڊرامو هو جنهن ۾ هن اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن پاڪستان ٽيليويزن لاءِ 35 ڊراما لکيا. هڪ اردو فلم "سهارا" ۾ پڻ اداڪاري ڪيائين هن ڪجهه خانگي ٽيليويزن چينلن لاءِ به ڊراما لکيا. هو هڪ سٺو شاعر هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص صابر هو. هن "تاريخ اسلام" ۽ "جديد عربي گرامر" نالي ڪتاب لکيا. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران کيس 2000ع ۽ 2001ع ۾ هڪ ليکڪ طور ايوارڊ ڏنا ويا. 7 ڊسمبر 2012ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين.

### ساقي سجاولي

ساقي سجاوليءَ جو شمار سنڌ جي برک ڪهاڻيڪارن، سنڌيڪارن ۽ ناٽڪ نويسن ۾ ٿئي ٿو سندس اصل نالو غلام احمد هو ۽ سندس جنم 10 جنوري 1914ع تي سجاول ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ محمد عارب داروغي جي گهر ۾ ٿيو تعليم حاصل ڪرڻ بعد پهريائين داروغو، پوءِ ڪلارڪ ۽ بعد ۾ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ٻاليڪپڻ کان ئي لکڻ جو شوق هئس سندس پهرين ڪهاڻي "آهه غريبي تو مون کي تمنائن کان روڪيو" الوحيد اخبار ۾ 1936ع ۾ ڇپي ان بعد سندس ڪهاڻيون ۽ افسانا مختلف ادبي رسالن جي زينت بڻجندا رهيا. هن 1948ع ۾ "اهل قلم" نالي سان هڪ رسالو جاري ڪيو، جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر هو اهو رسالو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڇپجندڙ اوائلي سنڌي ادبي رسالن مان هڪ هو هن خليل جبران جي مشهور ناول The Prophet جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هن "ساقي آرٽ سرڪل" قائم ڪري سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا. هن ڪيترائي ناٽڪ لکيا ۽ انهن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر به ڏيکاريائين ساقي سجاوليءَ جا 22 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترائي ڪتاب ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن هن 16 سيپٽمبر 1960ع تي وفات ڪئي.

### جلال چانڊيو

اڄ سنڌ جي مقبول عوامي ڳائڻي جلال چانڊيئي جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي جيڙيءَ ۽ يڪتاري تي ڳائيندڙ هن فنڪار کي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي ۽ هن جون سوين آڊيو ڪيسٽون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿيون جيتوڻيڪ اسان جي ادبي حلقن ۾ ڪيسٽ ڪلچر کي سٺي نگاهه سان نٿو ڏٺو وڃي پر جلال چانڊيئي کي اهو ڪريڊٽ ضرور ڏيڻ کپي ته هن سنڌ مان پنجابي اردوءَ ٻين ڏارين ٻولين جي آڊيو ڪيسٽن جو تقريبن خاتمو ڪري ڇڏيو ۽ عوام ۾ سنڌي موسيقيءَ ٻڌڻ جو شوق پيدا ڪيو جلال چانڊيو 1944ع ڌاري نوشهروفيروز ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ هڙيال جي هٽ ۾ جنم ورتو سندس والد حاجي فيض محمد چانڊيئي هن کي نوان جتوئيءَ ۾ هڪ درزيءَ جي دڪان تي موڪليو ته جيئن هيءُ به هڪ سٺو درزي

### آپا شمس عباسي

آپا شمس عباسي سنڌ جي هڪ مشهور تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه هئي سندس جنم 10 جنوري 1924ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو سندس والد قاضي عبدالقيوم سنڌ جو مشهور صحافي هو اڃا پنجن سالن جي مس هئي جو پنهنجي والد جي شفقت کان محروم ٿي وئي مئٽرڪ جو امتحان 1939ع ۾ ۽ انٽرميڊيئيٽ 1941ع ۾ پاس ڪيائين بئچلر آف آرٽس جي سند 1943ع ۾ حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات مدرسته البنات هاءِ اسڪول ۾ هڪ استاد جي حيثيت سان ڪيائين 1948ع ۾ ميران هاءِ اسڪول حيدرآباد جي هيڊماسترياڻي ۽ 1955ع ۾ زبيده گرلس ڪاليج جي پهرين پرنسپال مقرر ٿي 1971ع ۾ ڪاليجي تعليم جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ 1974ع ۾ بيورو آف ڪريڪيولم جي پهرين ڊائريڪٽر مقرر ٿي نوڪريءَ دوران ماسٽر ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون به حاصل ڪيائين پنهنجي اڪيلي پٽ عقيل جي وفات کان پوءِ ان جي ياد ۾ "عقيل برائيٽ اڪيڊمي" نالي

### نها پيسوائي

نها پيسوائي هندستان جي هڪ سنڌي اداڪاره ۽ پروڊيوسر آهي سندس اصل نالو آشا روهڙا آهي ۽ هوءَ هندستان جي رياست مهاراشٽر جي شهر ٺاڻي ۾ رهي ٿي اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي هن 1985ع ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامن ۾ حصو وٺڻ شروع

### سيد علي مردان شاهه

سنڌ جي هن مشهور سياستدان 10 جنوري 1957ع تي عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ ڪارڙو سيد ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس ولد جو نالو سيد حاجي ميان شاهه هو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

# ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 614 سال 2025

مسمات شهناز ڌيءَ عزيز الرحمان دائوديوٽو رهندڙ جمشيد ڪالوني ...پلينٽف...خلاف- مومن پٽ ملهار جام رهندڙ ڳوٺ دودو جام اڙ وارڊ نمبر04 بچل راهو تعلقو سڪرنڊ . سيل نمبر: 0304-2386098....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

# ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب علي احمد جان)
سول اپيل نمبر36 سال 2025

سافڪو مائڪرو فنانس ڪمپني سنڌس آفيس هائوس نمبر C-415/416 پويان بائيڪو پيٽرول پمپ فيز-I قاسم آباد حيدرآباد معرفت ان جو اٿورائيزڊ پرسن جناب ذيشان علي پٽ محمد جمن برانچ ڄامشورو.... اپيليڪينٽ...خلاف: مسمات مختيار خاتون سوڍڙ زال توفيق احمد سوڍڙ رهندڙ ڳوٺ پير بخش سوڍڙ پي.او قاضي عارف تعلقو ميهڙ ضلعو دادو، توفيق احمد سوڍڙ پٽ غلام رضا سوڍڙ رهندڙ ڳوٺ پير بخش سوڍڙ پي.او قاضي عارف تعلقو ميهڙ ضلعو دادو....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سول اپيل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڄامشورو

# ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب علي احمد جان)
سول اپيل نمبر37 سال 2025

سافڪو مائڪرو فنانس ڪمپني سنڌس آفيس هائوس نمبر C-415/416 پويان بائيڪو پيٽرول پمپ فيز-I قاسم آباد حيدرآباد معرفت ان جو اٿورائيزڊ پرسن جناب ذيشان علي پٽ محمد جمن برانچ ڄامشورو....اپيليڪينٽ...خلاف: مسمات رضوانه سوڍڙ زال محمد ياسين رهندڙ ڳوٺ پير بخش سوڍڙ پي.او قاضي عارف لاڙن تعلقو ميهڙ ضلعو دادو،محمد ياسين پٽ غلام رضا سوڍڙ بالغ مسلم رهندڙ ڳوٺ پير بخش سوڍڙ پي.او قاضي عارف لاڙن تعلقو ميهڙ ضلعو دادو...ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سول اپيل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڄامشورو

# ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب علي احمد جان)
سول اپيل نمبر35 سال 2025

سافڪو مائڪرو فنانس ڪمپني سنڌس آفيس هائوس نمبر C-415/416 پويان بائيڪو پيٽرول پمپ فيز-I قاسم آباد حيدرآباد معرفت ان جو اٿورائيزڊ پرسن جناب ذيشان علي پٽ محمد جمن برانچ ڄامشورو....اپيليڪينٽ...خلاف: مسمات ليلان سوڍر زال امجد علي سوڍڙ رهندڙ ڳوٺ ڪمال پور پي.او خيرپور ناٿن شاهه تعلقو خيرپورناٿن ضلعو دادو، امجد علي پٽ قربان علي بالغ مسلم رهندڙ ڳوٺ Hanowal Sadoo حاڪم پي.او خيرپور ناٿن شاهه تعلقو خيرپور ناٿن ضلعو دادو....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سول اپيل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڄامشورو

# ڪورٽ نوٽيس

ڪورٽ ۾ جناب سول ۽ فيملي جج 1 ٽنڊو محمد خان
فيملي دعويٰ نمبر...... آف 2026

مسمات پيرزادي ڌي مرحوم نور احمد پٽي بالغ مسلم رهندڙ پيپلز ڪالوني تعلقو ٽنڊو محمد خان - مدعيءَ - خلاف - وسيم ولد عبدالڪريم بالغ مسلم پٽي رهندڙ نزد اقصيٰ مسجد گولاڙچي شهر تعلقو شهيد فاضل راهو ضلعو بدين - مدعاليه.نوٽس مٿين نالي واري مدعاليه ڏانهن: جيئن ته مٿين نالي واري مدعيءَ اوهان جي خلاف ڏاج جي سامان ۽ خرچ جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي جنهن جي ٻڌائي 12-01-2026 تي صبح جو 08-30 وڳي رکي وئي آهي اوهان کي عام رواجي طور نوٽس تعميل ڪرڻ ممڪن ناهي تنهنڪري هن اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ٻڌائي جي تاريخ ۽ مقرر وقت تي پاڻ يا پنهنجي وڪيل يا بااختيار ايجنٽ معرفت پيش ٿي جواب/ اعتراض داخل ڪندا ناڪامي جي صورت ۾ قانون مطابق فيصلو ڪيو ويندو . .

سول/ فيملي جج 1 ٽنڊو محمد خان .

# ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج I ڄامشورو
سيشن ڪيس نمبر350 آف 2025

محمد وسيم ۽ ٻيا - اڪيوزڊ ڪرائم نمبر 33/2025 پي ايس ڄامشورو زير قلم 332،G-427،320،279،337 پي پي سي جيئن ته شڪايت ڪندڙ نالي (1) اسلم راڄا گل ولد راڄا گل (فوتي جو پيءُ) (2) سيما زال اسلم راڄا گل (3) Benson اسلم ولد اسلم راڄا گل (ڀيڻ فوتي جي ) (4)Arson ولد اسلم راڄا گل (ڀاءُ فوتي جو) (6) مسمات پلوشا ڌيءِ اسلم راڄا گل (ڀيڻ فوتي جي ) معرفت پنهنجي وڪيل 02 عدد درخواستون داخل ڪيون آهن زير قلم (2)345 سي آر پي سي ۽ (6)345 سي آر پي سي تحت داخل ڪيون آهن ٻئي پارٽيون صلح ڪرڻ چاهين ٿيون جنهن جي ٻڌائي 26-01-2026 تي صبح جو 30-08 وڳي رکي وئي آهي تنهنڪري هن اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ٻڌائي جي تاريخ ۽ مقرر وقت تي پاڻ يا پنهنجي وڪيل يا بااختيار ايجنٽ معرفت پيش ٿي جواب/ اعتراض داخل ڪندا ناڪامي جي صورت ۾ قانون مطابق فيصلو ڪيو ويندو . .

ايڊيشنل سيشن جج I ڄامشورو

# ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سول / فيملي جج ٽنڊومحمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات ZARTAB ڌيءَ عبدالڪريم ذات پاتولي رهندڙ ميمڻ محلا قبا مسجد ٽنڊو محمد خان ...پلينٽف...خلاف: نجيب احمد ولد خامون ذات پاتول رهندڙ پٺاڻ ڪالوني ماتلي ضلعو بدين ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول / فيملي جج ٽنڊومحمد خان

# عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي نور حسين ولد محمد جمن ڪتياڻ ڳوٺ عارف ڪتياڻ تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد جمن ولد اپايو ڪتياڻ جيڪو تاريخ 15-09-2005 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪي رعيتي تپو شاهپور تعلقو متياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) نور حسين (پٽ) (2) مسمات راحيلا (ڌيءُ)، (3) مسمات محنت (فوتي) (ڌيءُ)، درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، گهرواري فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) شمشاد علي ولد امير علي ڪتياڻ (2) امتياز علي ولد مختيار علي جن ڳوٺ عارف ڪتياڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڌ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

# لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو ننڍو پٽ نالي ولي محمد ولد علي محمد ذات پٽ غلط صحبت ۽ خراب سنگت ۾ رهي خراب ۽ نافرمان ٿي ويو آهي سندس خلاف ايندڙ شڪايتن سبب آئون تنگ ٿي چڪو آهيان مون ڪيترائي دفعا کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر منهنجي هڪ به نه ٿو ٻڌي الٽو مون سان وڙهڻ ٿو اچي تنهنڪري آئون سائس لاتعلقي ٿو ڪريان اڄ کان پوءِ منهنجو هن سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو ۽ تعلق نه رهندو جيڪڏهن ڪو به شخص هن سان ڪا ڏيتي ليتي يا ڪو سودو وغيره ڪندو ته نفعي نقصان جي صورت ۾ هو پاڻ زميوار رهندو آئون ڪنهن به معاملي ۾ ٻڌل نه رهندس . منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي.

پارن : محبوب ولد علي محمد ذات پٽ رهندڙ لڳ عيد گاهه نزد ريلوي اسٽشن ماتلي شهر ضلعو بدين

# عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالشڪور ولد سردار علي ذات آرائين رهندڙ ڳوٺ عمر ساند ديهه ساهوڪي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي سنڌس والدين والد: سردار علي ولد رڪن الدين ۽ سنڌس والده تاريخ 13-06-1998 تي فوت ٿي ويو آهي شاهدن هر هڪ نالي: سڪينه زال سردار علي آرائين وفات تاريخ:2000-08-27 وفات ڪري ويا آهن جن جي گواهي (1) محمد نذير ولد مبارڪ علي تاريخ وفات: 1998-06-13 (2) محمد سرفراز ولد محمد حنيف تاريخ 1998-06-13 ٻئي رهندڙ ڳوٺ عمر ساند گواهي ڏني آهي ته (1) سردار علي ولد رڪن الدين ۽ (2) سڪينه زال سردار علي ولد رڪن الدين سند سورايان هيليان وارث: (1) عبدالغفار ولد سردار علي (2) عبدالغني ولد سردار علي (3) عبدالشڪور ولد سردار علي ( 4) زبيده بيگم ڌيءَ سردار علي ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به جن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ

سيڪريٽري يونين ڪائونسل ڄاموٽ

بقايا | 1 | کهڙا

مارڪر ڪان پوءِ مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا | 2 | مٺي

اڳ ڳوٺ مالڦهور ويٺا ۾ ديهانت ڪري ويئي. چمن لال ۽ سنڌس پاڻرن ڊاڪٽر هوت ۽ وينجهو عرف راجا سان تعزيتي سلسلو جاري آهي ۽ جن سنڌس تنڌي تي پهچي تعزيت ڪئي تن ۾ پ پ پ اڳواڻ انجنيئر گيان چند ڏاراڻي، پ پ پ تعلقي ڊيپلو جو صدر سمير ڏاراڻي، پريس ڪلب مٺي جو صدر ڪاڪاڻو جاني، نندلال لوهاڻو نانڪرام ميگهواڙ آسن داس ميگهواڙ خميسو هيراڻي، پورجي چاڳلاڻي، ڊاڪٽر هرچند راءِ، ڊاڪٽر تيرٿ، سترام داس، پيرو مل ڌارومل ترڪيو ڊاڪٽر ڪيول، مولچند پهاڻ، ڪانجي مل ۽ ٻيا به شامل آهن ۽ تعزيتي سلسلو جاري آهي. انجنيئر گيان چند ڏاياڻ ڪالوني مٺي ۾ گنيش عاقلاڻي جي گهر واري جي ديهانت تي پڻ تعزيت ڪئي.

بقايا | 3 | اسپتال منتقل

جيل ۾ قيد هڪ نوجوان قيدي اياز سومرو تي سخت تشدد سبب ويل چيئر تي سول اسپتال ٽنڊو جي ايمرجنسي شعبي ۾ منتقل ڪيو ويو جتان طبي امداد ڏيارڻ بعد ڪيس پيهر واپس جيل منتقل ڪيو ويو سول اسپتال ٽنڊو مان طبي امداد ڪرائيندڙ ٻين قيدين ۾ سڪندر ڪرناٽي امين ملاح ڪيمچند گجراتي يارمحمد ملاح صديق جت حيف ملاح ۽ پيارو پالاري شامل آهن سول اسپتال ٽنڊو آندل هڪ قيدي اياز جي حالت انتهائي خراب هئي هو هلڻ ڦرڻ جي به لائق نه هو کيس ويل چيئر تي آندو ويو هو اسپتال عملو واضع رهي ته هفتو اڳ ڊسٽرڪٽ جيل ٽنڊو ۾ هڪ قيدي علي بخش ملاح جو پراسرار نموني موت ٿيو جنهن خلاف سنڌس وارث مسلسل سراپا احتجاج بڻيل آهن ۽ وارثن جو الزام آهي ته قيدي علي بخش ملاح کي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو آهي ٽنڊو جيل ۾ قيدين تي ٿيندڙ مسلسل تشدد تي سجاڳ ڌرين ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڊوڙي وئي آهي.

بقايا | 4 | منعقد

جنهن ۾ ناميارو سياسي ۽ پورهيت اڳواڻ وشنو مل لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوست ۽ مظلوم دوست ڪردار تي ليڪچر ڏنو جنهن ۾ لائبريري انچارج زبير جعفراڻي آيل مهمانن کي پليڪارڊ ڪٽي ليڪچر پروگرام ۾ جبار حبيباڻي، اياز اسر شيخ،اسلم ميربحر بلقيس ڪنڀي ڏائود امر ميمڻ حسين آزاد سميت سوين باشعور ماڻهن شرڪت ڪئي پروگرام ۾ لاڙ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو صدر عاشق حسين جمالي پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا | 5 | تعزيت

چاچي مرحوم نورل جوڻيجو جي وفات تي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڪراچي ۾ جوڻيجو هائوس پهچي تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو هن چيو ته روشن دين جوڻيجو پ پ جو قيمتي سرمايو هو پ پ جي سينيئر قيادت ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي سنڌس وڃڻ تي گهرو صدمو رسيو آهي هن ڪٺي ته مرحوم جا درجات بلند ٿين ۽ سنڌس واٽ تي سنڌس پوئيترن ثابت قدميءَ سان اڳتي هلن ان موقعي تي پ پ ايم اين اي اعجاز جکراڻي، ايم اين اي عبدالقادر گيلاني، غياث الدين جوڻيجو ۽ حسنين قادر جوڻيجو پڻ موجود هئا.

بقايا | 6 | ڪامياب

وٽ جمع ڪرايا ويا، مقرر وقت تائين جيئي لطيف پينل ڪانسواءِ ڪنهن به ٻئي پينل پاران فارم جمع نه ڪرايا ويا جنهن بعد لڪاڏنو خاصخيلي صدر محمد ناصر سينيئر نائب صدر فرزانه انور چيما فيميل نائب صدر اعجاز علي ڏيرو جنرل سيڪريٽري، اياز علي بروهي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، فهميده رانجهاڻي جوائنٽ سيڪريٽري، ظهير الدين نظاماڻي ماليات سيڪريٽري، عبد الجبار شيخ انفارميشن سيڪريٽري ۽ اسلم پٺاڻ آفيس سيڪريٽري بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪندي گلن جا هار پارايا ويا. چونڊيل عهديدارن جو چوڻ هو ته ايسوسيئيشن جو مقصد استادن جي حقن ۽ تعليم کي هٿي وٺرائڻ آهي هنن چيو ته استادن جي مسئلن جي حل لاءِ اڳ کان وڌيڪ ڪوششون ڪيون وينديون ان موقعي تي ٽي اي او ( فيمل ) ٽنڊوآدم عبدالخالق ڪوسو . محمد هاشم ڏيرو . منير احمد چنا، ممتاز علي ڏاليو. سليم احمد مري. روشن علي خاصخيلي. غلام رسول ٻجورو. نور محمد ڪوسو ظهور احمد نظاماڻي . شاهنواز نظاماڻي ۽ ٻين نئين چونڊيل صدر لڪاڏنو خاصخيلي ۽ ٻين عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون ۽ گلن جا هار پارايا .

بقايا | 7 | احتجاج جلوس

شريڪ ٿيا. ان موقعي تي اي ايم اي پي اڳواڻن دلمراد لاشاري، ڪاشف شيخ، معشوق لاشاري، منير سيال ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اندر هلندڙ قبيلائي تڪرارن جي آڙ ۾ سوين ڪونڌر نوجوان ماريا ويا آهن سنڌ جو مستقبل تباهه ٿيو آهي اسڪول توڙي شهر ويران ٿيا آهن هنن چيو ته سنڌ سرڪار توڙي سنڌ پوليس ڪي قبيلائي تڪرارن جي خاتمي لاءِ ٺڪڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن. هنن مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ اندر هلندڙ قبيلائي تڪرارن جو نوٽيس وٺي فوري طور امن امان بحال ڪرايو وڃي.

بقايا | 8 | خلاف ڪانفرنس

نمائش ڳڻتي جوڳي آهي، ناقص سيڪورٽي ۾ ملوث آفيسرن کي پڌرو ڪري ادارتي ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪيا وڃن تعليمي ادارن کي هٿيارن کان پاڪ صاف بڻايو وڃي. يونيورسٽين جون فيون گهٽايو وڃن سمورن شاگردن کي هاسٽل ۽ پوائنٽ بس جي سهولت فراهم ڪئي وڃي ڪانفرنس کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ساجد حسين مهيسر سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي نويد عباس ڪلهوڙي سنڌ سنڌياڻي تحريڪ مرڪزي صدر ادي عمراءِ سمون سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي آرگنائزر سرمد سائينداد خاصخيلي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ليگل ايڊوائيزر ايڊووڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر ناسور ليڪڪ ۽ سينيئر صحافي دستگير ڀٽي پي آر ايس ايف جي مرڪزي اڳواڻ اسلم چانڊيو حيدرآباد هائي ڪورٽ بار اڳواڻ ايڊووڪيٽ نويد جروار سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري علي رضا جلباڻي ضلعي حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اشوڪ ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪيو عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ساجد حسين مهيسر چيو ته هڪ منظم

سازش ذريعي سنڌ جي تعليم هٿ وٺي تباهه ڪئي پئي وڃي ڪافي علائقن ۾ سرڪاري اسڪولن جو وجود ئي نه آهي ۽ اڪثر ڪري سرڪاري اسڪول هڪ ڪمري وارا آهن جيڪي وڏيرن جون اوطاقون بڻيل آهن. باقي بچيل اسڪولن ۾ استادن، اسٽاف ۽ فرنيچر جي کوٽ آهي ۽ اڪثر اسڪول ته واشروم جهڙي ضروري شي کان به وانجهيل آهن انهن ادارن کي بهتر بڻائڻ بجاءِ سرڪار عالمي سامراجي پاليسي تي عمل ڪندي انهن سرڪاري اسڪولن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي هلائڻ جي رٿابندي ڪري، حڪومت مفت معياري تعليم ڏيڻ جي پنهنجي بنيادي ذميواري کان آجي ٿي رهي آهي جنهن سبب سنڌ جو پورهيت طبقو تعليم جهڙي زيور کان محروم ٿي ويندو سنڌ جي تعليمي صورتحال پنجاب ۽ ڪي پي ڪي کان به پٺتي پيل آهي سنڌ ۾ فقط 10 اسڪولن ۾ هٿ ڌوئڻ جي سهولت موجود آهي 68 سيڪڙو اسڪول بنياد سهولت بجلي کان محروم آهن 46 سيڪڙو ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن جڏهن ته انهن مان به 60 سيڪڙو کان وڌيڪ نياڻيون آهن پاڪستان اڪنامڪ سروي جي 2024 جي رپورٽ موجب صرف 10 سالن عمر کان مٿي وارو لٽريسي ريٽ 57 سيڪڙو آهي ۽ 60 سيڪڙو پرائمري اسڪولن ۾ واشرومن جي سهولت موجود نه آهي سنڌ حڪومت 2018 ۾ ٽوٽل بجيٽ مان تعليم لاءِ فقط 2.1 جي ڊي رکي جيڪا هاڻي 2023 ۾ گهٽجي 1.5 ڪئي وئي سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر نويد عباس ڪلهوڙو سنڌ جي يونيورسٽين ۾ به هٿ وٺي دهشتگردي جو ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي. آئي ڏينهن يونيورسٽين اندر فائرنگ جهڙا واقعا پيش اچن ٿا. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته يونيورسٽين جي انتظاميا ان اهڙي سنگين صورتحال کان به اڻواقف بڻيل آهي ڪرپشن جي باهه سنڌ جي اعلي تعليمي ادارن کي تباهي جي ڪناري تي بيهاري ڇڏيو آهي ۽ ميگا اسڪينڊل ڪري سنڌ جي يونيورسٽين جي گرانٽ ذاتي کيسن ۾ اماڻي وئي آهي. فقط سنڌ يونيورسٽي ۾ 2020 جي سال ۾ 80 ڪروڙ جي ڪرپشن ظاهر ٿي جنهن جو وڌيڪ جاچ جي گهر لاءِ سنڌ جي وزير اعلي اجازت نه ڏني جنهن کي 2021 ۾ 71 ڪروڙ جي ڪرپشن ڪري پيش ڪيو ويو جنهن ۾ اڳوڻي وي سي ۽ رجسٽرار 50 هزارن ۾ ڪورٽ سڱوري مان ضمانتون منظور ڪرايون سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمرءِ سمون چيو ته پيپلز پارٽي ايس پي ايس سي کي نوڪرين جي وڪري جي منڊي بڻائي ڇڏيو آهي.

بقايا | 9 | منتخب

سيڪريٽري نواز احمداڻي سوشل سيڪريٽري محمد اشرف شورو خزانچي شوڪت راڄپوت ۽ آفيس سيڪريٽري عبدالرزاق يونٽريو چونڊيا ويا جڏهن ته ورڪنگ ڪميٽي تي بشير احمد ڪوسو ( ڪنٽري)سجاد ڪوسو نورمحمد ڪٽي فلڪ نور يونٽريو بابر ڪوسو ملڪ وڪيل ۽ تنزيل رحمان چونڊيا ويا

بقايا | 10 | راڄوير سنگهه

آهي ۽ جلد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويندو هن چيو ته ڪيلاش ڪولهي قتل ڪيس ۾ ملزم جي حق ۾ ڪنهن به طرح جي سياسي اثر رسوخ اثر انداز ٿيڻ نه ڏنو ويندي ۽ مقتول سان انصاف ڪيو ويندو هن چيو ته ڪيلاش ڪولهي قتل ڪيس جي سلسلي ۾ منهنجي ۽ خاص معاون ويرجي ڪولهي جي صوبائي گهرو وزير ضياءِ لنجار سان ميٽنگ به رٿيل آهي

بقايا | 11 | هڙتال جاري

ڪارونجهر رينج انٽرنيشنل معاهدي تحت رامسر سائيٽ ڊڪليئر ٿيل آهي، جنهن ۾ کابه مائننگ نٿي ڪري سگهجي ،پر حڪمران انٽرنيشنل قانون کي به نٿا مڃين ۽ ڪارونجهر کي ڪٽڻ لاءِ تياريون پيا ڪن ڪارونجهر جو پهاڙي سلسلو سياحتي ثقافتي تاريخي ماڳ سان گڏ هتان جي لکين انساني جي زندگي توڙي جهنگلي جيوت جو به وڏو پناهه گاهه آهي. اسان ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان سراپا احتجاج آهيون اسان ڪارونجهر کي بچائڻ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا سين

بقايا | 12 | قادر مگسي

پڻ سخت مطالبو ڪيو ويواجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته هن ملڪ ۾ "ڏاڍي جو گابو وارو قانون" هلي رهيو آهي، جتي بدين ۾ هڪ پورهيت نوجوان کي قتل ڪيو وڃي ٿو پر قاتل صرف ان ڪري گرفتار نٿا ٿين جو اهي معاشهين طبقي سان تعلق رکن ٿا. هن چيو ته عوام ۾ 24 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت کان روڊن تي احتجاج ڪري رهيو آهي جڏهن ته قانون لاچار بڻيل نظر اچي ٿو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي هميشه مظلومن جو ساٿ ڏنو آهي ۽ بدين ضلعي جا ايس ٽي پي ساٿي ڌرڻي ۾ موجود آهن ۽ وارثن کي انصاف ملڻ تائين موجود رهندا. هن وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ جاگيردارن ۽ وڏيرن وٽ يرغمال بڻيل آهي. جڏهن ته وفاقي پارٽين جاگيردار طبقي کي نه صرف مضبوط ڪيو پر اقتدار ۾ شامل ڪري ڪين وڌيڪ اختيار به ڏنا آهن هن چيو ته ملڪ اندر قانون جاگيردارن ۽ پوترن اڳيان بيوس بڻيل آهي سي آيس ايس پاس آفيسر به انهن پوڙهيل پوترن اڳيان هٿ ٻڌي بيٺل آهن معاشي وسيلن سان مالا مال سنڌ جا اصل وارث انتهائي مفلسي واري زندگي گذاري رهيا آهن سنڌ جي مفادن خلاف مسلسل سازشون ٿي رهيون آهن جن ۾ پيپلز پارٽي سميت سمورون وفاقي پارٽيون شامل آهن

بقايا | 13 | احتجاج

پارڻ بنا جواز گرفتار ڪرڻ بابت اجلاس ٿيو اجلاس ۾ گڏيل طور اهو طئي ٿيو ته پهرين مرحلي ۾ دوڪانن جا ڪاغذات ڪٽي 10 جنوري تي ڊي ايس ريلوي سکر وٽ ريلوي انتظاميا راڻڻ ۽ ريلوي پوليس لاڙڪاڻو خلاف دانهين ڦيداسين ٻئي مرحلي ۾ ريلوي انتظاميه خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن فائل ڪنداسين ۽ گڏو گڏ ريلوي انتظاميه ۽ ريلوي پوليس خلاف عوامي احتجاجي تحريڪ پڻ هلائينداسين ان موقعي تي شهر جي معزز شخصيتن پير بچل الدين سرهندي، مظهر علي چانڊيو،جاويد علي لاڪير سميت ڪمار راڄاڻي ڊاڪٽر محمد سليمان بروهي، عبدالرحيم چانڊيو علي حسن جوڻيجو رياض علي جانوري ارشاد علي جانوري آصف علي آرائين طارق علي اعواڻ ، شفقت حسين پٺاڻ محمد ايوب سومرو سميت ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا | 14 | ٻڌائي ڇڏي

صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 6 مهينا قيد ڪاٽيندو

بقايا | 15 | ڇڏهڙتال

ڪمپني اهو واضح ڪري چڪي آهي ته WPPFجو فنڊ ملازمن ۽ ڊمپر ڊرائيورن کي ئي ملڻ گهرجي ان جي باوجود ڪجهه غير ضروري ۽ غيرقانوني مداخلتن سبب هي فنڊ ڊگهي عرصي کان روڪيل آهي،جنهن سان مزدورن جي معاشي حقن جي کلي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي،بغير ڊرائيورن ملازمن يا لاڳاپيل ڌرين سان باضابطه مشاورت جي مداخلت ڪئي پئي وڃي

بقايا | 16 | 60لک روپيه ڏنڊ

شاهه چيو ته اڄ مون سان انصاف ٿيو آهي مون تي تشدد ڪندڙن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو آهي هن اکين مان لڙڪ ڳاڙيندي چيو ته منهنجي والد ۽ چاچن مون سان وڏو ظلم ڪيو هو مون کي تشدد ڪري معذور بڻايو ويو هو.واقعو نوشهروفيروز جي گل ڪالون جي علائقي ۾ تاريخ 24 جولائي 2024 ع تي پيش آيو هو جنهن جو ڪيس سيده ثوبيه بتول شاهه پاران نوشهروفيروز ٿاڻي تي ڪرايو ويو هو جنهن ۾ هن تشدد جو الزام پنهنجي والد غلام مصطفيٰ شاهه ، چاچو محمد علي شاهه ، سٿوڻ قربان شاهه ، شهنشاهه ، عرفان شاهه ، مشتاق شاهه تي لڳايو هو تشدد بعد هن جون ٽنگون ضايع ٿي ويون هيون جنهن جو ڪيس نوشهروفيروز جي عدالت ۾ هلندڙ آهي

بقايا | 17 | ملتوي

نياڻي جي شادي تقريب ۾ ايم پي اي پاڻر ويل آهن وڪيل جي عدالت کي درخواست پيش ڪئي الزام هيٺ آيل اڳوڻو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا آهن. عدالت ڪيس ٻڌڻي 16 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا | 18 | زخمي

موجب ايس ايس پي گهوٽڪي جي نااهلي سبب بيلو ميرپور ٿاڻي جي حد ۽ ميرپور ماٿيلو ٿاڻي جي حد ۾ بد امني جي باهه تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي جنهن سبب چوريون ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن ڏينهن ڏٺي جو ايس ايس پي آفيس کان سڌ پنڌ تي ٻاءِ پاس تي هٿيارٻندن چڙهائي ڪري هٿيارن جي زور تي ڳوٺ جهان خان انڙ جي رهواسي

تنوير انڙ کي جنگهه ۾ گوليون هڻي موٽر سائيڪل ڦر ڪري باسائي فرار ٿي ويا جنهن بعد انڙ برادري ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران قوم پرست اڳواڻ اڪرم ميتلو شرف دين انڙ،جبار انڙ،فضل دين انڙ جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي پوليس جي نااهلي خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڪرم ميتلو ۽ ٻين جو چوڻ هو ته نوجوان تنوير انڙ صبح جو ڊيوٽي تان واپس ايندي هٿياربند موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا هن آهن هنن چيو ته ضلعي اندر هر ڦرون ۽ ڌاڙا روز جو معمول بڻجي ويا آهن.مگر گهوٽڪي ضلعي جي پوليس اگهور ننڊ ستل آهي جنهن سبب شهري گهرن ۾ غير محفوظ بڻجي ويا آهن هنن ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته ڦرليل موٽرسائيڪل واپس ڏيارجوابدار پڻ گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا | 19 | راڄپر

جو اظهار ايس ايس پي سجاول ميڊم عليمه راڄپر جاتي پريس ڪلب جي صدر سڪندر علي ترڪ سان گڏ وفد سان ملاقات دوران ڪيو هن چيو ته عوام کي گهرجي ته پوليس سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ ڦر چوري سميت ٻين ڏوهاري وارداتن بابت فورا 15 تي يا ويجهي ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائين ته جيئن ڏوهاري عنصرن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي عبرتناڪ سزا ڏيارائي سگهجي. ايس ايس پي سجاول جو وڌيڪ چوڻ هو ته عوام جو پوليس تي اعتماد نه هئڻ سبب ڪيترائي ڏوهه رپورٽ نٿا ٿين جنهن جي ڪري ڏوهاري پنهنجي انجام تائين نٿا پهچن جيڪڏهن عوام پوليس تي ڀروسو ڪري ته معاشري مان ڏوهن جي خاتمي ۾ مدد ملي سگهي ٿي ان موقعي تي جاتي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شڪيل رزاق لوهار انفارميشن سيڪريٽري عبدالستار ٿهيم چوهڙجمالي جي صحافي محمد علي جتوئي سجاول جي سينيئر صحافي ساگر سليم ڪوسو سميت ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا | 20 | ڪاروايون

جکراڻي جو پيٽرول پمپ، لاشاري سروس وٽ موجود مير گل محمد جکراڻي جو پيٽرول پمپ ۽ ڳوٺ گلاب ماڇي ۾ موجود محمد صديق بروهي جي پيٽرول پمپ سميت ٽوٽل 3 پيٽرول پمپ سيل ڪيا ۽ اهڙي ئي طرح تعلقي ٺل ۾ به اسسٽنٽ ڪمشنر غلام عباس سڌايو ڪاروائي ڪندي ٺل جي ميرپور برڙو ۾ الذوالفقار خالد ياسين جاڙا راهه شڪارپور روڊ تي موجود المدينه خالد، مرزا اسٽاپ ٺل روڊ تي الواجد، الرحمان، همايون روڊ تي موجود الفتح ۽ جيڪب آباد ٺل روڊ تي موجود نودهان سميت 9 پيٽرول پمپ سيل ڪري ڇڏيا مجموعي طور تي جيڪب آباد ضلعي اندر 12 پيٽرول پمپن کي سيل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته سيل ڪيل پيٽرول پمپ اسٽيشنن وٽ فارم ڪي موجود نه هئا جيڪي پمپ غير قانوني طور هلي رهيا هئا جنهن ڪري کين سيل ڪيو ويو آهي

بقايا | 21 | ڪيس داخل

جي جاچ ڪئي وئي ۽ ڪراچي جي علائقي سان ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن کان ڪار متعلق پڇا ڪئي جن ٻڌايو ته اسان ڪار چوري ڪئي جيڪا حادثي جو شڪار ٿي جنهن سبب اها مڪمل ختم ٿي چڪي آهي هنن پنهنجو نالو عامر علي ولد محمد رحيم ۽ اصغر علي ولد محمد مستوئي ريڪل جيڪل شاهه ڪالوني جيڪب آباد آهي وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي

بقايا | 22 | مان هٿ

رشيدارن ڏانهن لاڙڪاڻو ويل هين نوجوان جو لاش لاڙڪاڻو پرسان دادو ڪئنال مان هٿ آيو 16 ورهين جي نوجوان جو لاش ڳوٺ پهچڻ بعد ماحول سوڳوار ٿي وين جڏهن ته گهر ۾ کهرام مچيل آهي وارثن ۽ پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪارڻ معلوم ڪون ٿي سگهيو آهي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا

بقايا | 23 | تعزيت

صدر مير مسرت جعفري - مبشر جعفري ۽ ٻين عزيزن سان العباس علمدار امام بارگاهه ۾ تعزيت ڪئي - سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان مرحوم فقير حسين علي جعفري جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته مرحوم هڪ ڏهاڪي کان مخدوم هائوس سان وفادار رهيو پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم آر تحريڪ سميت مختلف وقتن تي پيپلز پارٽي لاءِ قربانيون ڏنائين مخدوم جميل الزمان وڌيڪ چيو ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلا مقام عطا فرمائي ۽ لواحقين کي صبر عطا ڪري - ٻئي طرف متياري ضلعي جي سياسي سماجي شخصيتن ضلع ڪائونسل متياري چيئرمين متياري مخدوم احمد الزمان - مخدوم غلام الحي الدين - سيد محمد علي شاهه اجناڻي - رئيس عزيز احمد راهو - پ پ اڳواڻ نواب مدثر ڪالير - ڪامريڊ شير محمد ڏاهري - حاجي ذوالفقار جوڻيجو - سيٺ نند ڪمار - ادا انور ارباب - وڏيرو ابراهيم ماڇي - رئيس نبي بخش سنگراسي - حاجي عباس ميمڻ - ڪاشف پتو - ڊاڪٽر محمد ميمڻ - جاويد هالو ارباب - پروفيسر احمد ملو ميمڻ - ڊاڪٽر مير عبدالستار ميمڻ - دلبر شورو - ملڪ محمد يونس - اختر ملڪ - ايس ايڇ او محمد حنيف مهر - رئيس اسرار جمالي - پيپلز پارٽي ضلع متياري صدر سيد امير علي شاهه - سيد شمس الدين شاهه - شوڪت انڙ - سجاد علي ملاح - سيٺ رضوان راڄپوت - رئيس منو نظاماڻي - رئيس صديق ڪوسو - رئيس مختيار نظاماڻي - سيٺ محمد اعظم ميمڻ سميت وڏي انگ ۾ سياسي سماجي شخصيتن مرحوم فقير حسين علي جعفري جي تڏي تي پهچي پ پ تعلقا هالا صدر مير مسرت جعفري - مبشر جعفري ۽ ٻين عزيزن سان هٿ فاتحا ڪئي -

بقايا | 24 | جو دورو

لاڙڪاڻو ۽ سکر ناصر آفتاب پٺاڻ جون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن مفت اکين جي ڪيمپ کي ڏسڻ جي خواهش هئي جيڪا اڄ پوري ٿي هن ڪيمپ جي جيتري تعريف ڪجي گهٽ آهي هن چيو ته هن مهانگائي جي دور ۾ هي مفت اکين جي ڪيمپ غريب مسڪين ماڻهن جي لاءِ وڏو رليف آهي ناصر آفتاب چيو ته مرڪزي تنظيم آرائيان جي ڪيمپ جي ماڻهو اکين جهڙي نور جهڙي ڀلائي واري ڪم جي ساراهه ڪيان ٿو جڏهن ته امن امان جي صورتحال تي ڊي آءِ جي چيو ته سکر ريجن ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري آهي اسان جي ريجن ۾ ڪو به اغوا جو واقعو ناهي باقي ڪجهه عورتاڻي آواز تي هرڪجي اغوا ٿي ٿا رجن ڪجهه ڏينهن ۾ اجاڻ وڌيڪ بهتري ايندي اوهان کي نظر ايندي سنڌ حڪومت اسان کي ڌاڙيلن کي آپريشن ۾ ڀرپور مدد ڪري رهي آهي ڌاڙيلن خلاف هر صورت ۾ آپريشن جاري رهندو رياست ۽ آئيني حق جي حساب سان هر ماڻهون جي حفاظت ڪي پوليس يقيني بڻائيندي . هن چيو ته سکر لاڙڪاڻو ريجن ۾ عام ماڻهن جي جان مال جي حفاظت ڪي يقيني بڻايو پيو وڃي پوليس پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي ڌاڙيلن کي ڪنهن به قسم جي رياعت نه ڏني ويندي .

بقايا | 25 | ڇڏيو

ڪيا ويا جيڪي ايمبولينس ذريعي لاش کڻائي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا. لاش گهرن ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو جنهن بعد ٻنهي ڄڻن جي لاشن کي الگ الگ قبرستانن ۾ مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي هوڏانهن ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون مختلف ٽيمون جوڙيون آهن جن پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا | 26 | منتقل

شديد زخمي ٿي پيو ڳڻتيءَ جوڳي حالت هجڻ ڪري کيس نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا | 27 | ٻه ڄڻا زخمي

ٽڪراءِجي ويو حادثي جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين جي سڃاڻپ ڪاهي واسي زوهيب دايو ۽ ٻڌ ڳوٺ واسي عبدالرحيم مهر طور ڪئي وئي آهي اطلاع ملندي ئي مقامي ماڻهو ۽ پوليس موقع تي پهچي ويا، جن زخمين کي فوري طور ضياءالدين اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن موجب ٻنهي زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي ۽ سندن علاج جاري آهي پوليس موجب حادثو شديد ڪوهيڙي سبب پيش آيو جنهن ڪري روڊ تي ڏسڻ جي صلاحيت تمام گهٽجي وئي هئي. پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ ڊرائيور کان پڇا ڳاڇا شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته واقعي

بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي مقامي رهواسين انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪوهيڙي وارن ڏينهن ۾ روڊن تي حفاظتي اپاءُ وڌايا وڃن اسپيڊ ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ ڊرائيورن کي احتياط ڪرڻ بابت آگاهي ڏني وڃي، ته جيئن اهڙن قيمتي انساني جانين جي نقصانن کان بچي سگهجي

بقايا | 28 | 2ڄڻا زخمي

کان ٻاهر آهي هوڏانهن دل ڳوٺ واسي مهر برادريءَ پاران اهڙي واقعي جي ترديد ڪندي چيو ته اسان پرڻ معان ڪابه فائرنگ ناهي ڪئي اسان پنهنجي گهرن ۾ آهيون سوشل ميڊيا تي غلط خبرون هلي رهيون آهن اسان جي طرفان فائرنگ ناهي ڪئي وئي خبر ناهي واپاري شفيق آرائين ۽ راهگير اشفاق جوڳي ڪيئن زخمي ٿيا آهن ٿي سگهي ٿو پرڙ جتوئين جو واپاري سان ڪو ڏيتي ليتي جو معاملو هجي باقي اسان جي دشمني ضرور آهي پر ذڪر ڪيل واقعي سان اسان جو ڪو تعلق ڪونهي. چڪ جتوئي ۽ مهر ڌرين وچ ۾ هي تڪرار ڪيترن سالن کان جاري آهي

بقايا | 29 | مقابلي ڪامياب

پاران فارم جمع نه ڪرايو ويو جنهن سبب پينل بنا مقابلي چونڊجي ويو.فارم جمع ڪرائڻ جي تقريب ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي صدر محترم غلام رسول مهر خاص شرڪت ڪئي سندن موجودگي استاد برادري لاءِ حوصلا افزا ثابت ٿي جنهن تي تعلقي لکي غلام شاهه جي استادن طرفان سندن ٿورا مڃيا ويا. اليڪشن نتيجي طور تعلقي لکي غلام شاهه پ ٽ الف استاد اتحاد جا هيٺيان عهديدار بنا مقابلي چونڊجي ويا: صدر: محمد قاسم مهر سينئر نائب صدر: امان الله مهر نائب صدر (فيميل): — جنرل سيڪريٽري: امتياز علي عباسي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري: صدورو خان مهر جوائنٽ سيڪريٽري (فيميل): — ماليات سيڪريٽري: اشفاق احمد مهر انفارميشن سيڪريٽري: عبدالوڪيل انڙ آفيس سيڪريٽري: مسرور احمد مهر ان موقعي تي ڳالهائيندي مرڪزي صدر غلام رسول مهر چيو ته پ ٽ الف هميشه استادن جي حقن عزت ۽ وقار لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ مستقبل ۾ به استادن جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي نون چونڊيل عهديدارن به عزم ظاهر ڪيو ته هو استاد برادري جي ڀلائي، تعليمي بهتري ۽ تنظيمي مضبوطي لاءِ گڏجي ڪم ڪندا. تقريب جي پڇاڙي دعائن ۽ استادن جي اتحاد جي اظهار سان ڪئي وئي.

بقايا | 30 | گرفتار

جي گهر مان هڪ پلوڙ مينهن چوري ڪري ويا. جنهن بعد گهر ڌڻي سڄاڳ ٿي پيو جيڪو چورن جي پويان ڪيد لڳو جتي فائرنگ جي ڏي وٺ پڻ ٿي. واقعي جي اطلاع تي ڏادلو پوليس پڻ واقعي واري هنڌ پهتي جنهن چورن جو تعاقب ڪيس مگر چور ڪوهيڙي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. جنهن بعد اڄ گهر ڌڻي پوليس ۽ ڪوجو کٽن جي مدد سان چورن جو پيرو ڪنيون جيڪو بجاءِ بند چونڪي نمبر پنج جيڪا سدوجا ٿاڻي جي چونڪي آهي اها ڪراس ڪري طاهر ڳوٺ چاچڙ پهتي جتان پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

بقايا | 31 | هيريٽيج واڪ

سوسائٽي جا نمائندا ۽ شاگرد شاگرديائيون موجود هئا.هيريٽيج واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن بسنت هال کان پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ شهر جي مختلف تاريخي ماڳن جو دورو ڪيو جن ۾ سيٺ مٺارام هاسٽل ڪي بي عظيم خان لائبريري، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ديال داس ڪلب ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس (سٽي) شامل هئا. قافلي هيرآنند پيرو مل مينشن ۽ سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس جو به جائزو ورتو. بعد ۾ واڪ ۾ شرڪت ڪندڙ حيدر چوڪ جي تاريخي عمارتن، ڪوهنور چوڪ، ريشم گلي، مکي هائوس ۽ جهمت مل قيمت راءِ جي عمارت ڏانهن پهتا. واڪ جي روٽ ۾ حسرت موهاني لائبريري، ٽالپور ميرن جو حرم، پڪو قلعو قديم شاهي بازار ۽ ڪندن بائي واٽر ٽاور پڻ شامل هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي چيو ته هن هيريٽيج واڪ هڪ مثبت ۽ ساراهه جوڳو قدم آهي. هن چيو ته حيدرآباد هڪ قديم ۽ تاريخي شهر آهي جتي تعليمي ادارا ۽ ثقافتي مرڪز اسان جي سڃاڻپ آهن.

بقايا | 32 | سکديو هيمناڻي

ڪئي. هن چيو ته هن قتل سان پوري هندو برادري ۾ سخت ڏک، رنج ۽ خوف جي لهر پيدا ٿي آهي "سنڌ حڪومت ڏک جي هن گهڙي ۾ وارثن سان گڏ بيٺل آهي ۽ مرحوم جي مائٽن سان مسلسل رابطي ۾ آهي" هن يقين ڏيارايو ته سنڌ حڪومت هن واقعي جو سنجيده نوٽيس ورتو آهي ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته شفاف ۽ ترت جاچ ڪئي وڃي ۽ جوابدار کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي. هيمناڻي ضمانت ڏني ته جوابدار کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي سنڌ حڪومت جي ترجمان سکديو هيمناڻي وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن جي ميمبر جي حيثيت سان پڻ هن واقعي جو نوٽيس ورتو آهي سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن ايس ايس پي بدين کي 13 جنوري 2026 تائين پوليس ڪارروائي جي رپورٽ جمع ڪرائڻ ۽ مرحوم جي گهر وارن لاءِ انصاف يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي

بقايا | 33 | منعقد

بخش عبيدالله قادر بخش بلاول روشن علي ملاڻو ۽ حافظ مور سنجراڻي سميت مدرسي جي شاگردن ۽ محلي واسين شرڪت ڪئي محفل ۾ شريڪ دوستن ۽ عزيزن پاران حفظ مڪمل ڪندڙ حافظ محمد اويس وينس کي گلن ۽ نوٽن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون جڏهن ته نعت خوان خدا بخش ڪوڪر بارگاهه رسالت ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيا .

بقايا | 34 | ڪميٽي جو اجلاس

مختلف سرڪاري کاتن جي نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪنسلٽنٽ ٽيم پاران ڪوسٽل ريزيليئنس پلان (ساحلي مضبوطي جي منصوبي) بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ۽ شرڪت ڪندڙن کان تجويزون ۽ راءِ پڻ طلب ڪيا ويا ته جيئن منصوبي کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي. اجلاس دوران شرڪت ڪندڙن ساحلي علائقن جي ترقي ۽ آفتن کان بچاءَ بابت اهم تجويزون پڻ پيش ڪيون ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ساحلي علائقن ۾ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ مربوط ۽ پائيدار منصوبابندي ضروري آهي هن چيو ته سمورن لاڳاپيل کاتن ۽ اسٽيڪ هولڊرن جي صلاح مشوري سان تيار ڪيل منصوبو ئي اثرائتو ٿي سگهي ٿو هن ڪنسلٽنٽ ٽيم کي هدايت ڪئي ته اجلاس ۾ پيش ڪيل راين ۽ تجويزن کي منصوبي ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن ان کي وڌيڪ بهتر ممڪن بڻائي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته گڏيل ڪوششن سان ئي ساحلي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگين کي محفوظ ۽ بهتر بڻائي سگهجي ٿو

بقايا | 35 | صحيحون

باضابطه تعليمي تعاون قائم ڪيو ويندو هن عمل جي قيادت ڊاڪٽر محمد شعيب خان چيئرمين شعبو اقتصاديات ڪئي معاهدي جو مقصد گڏيل تحقيقي سرگرمين کي فروغ ڏيڻ بين الاقوامي تحقيقي فنڊنگ تائين رسائي، تعليمي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ استادن ۽ شاگردن جي مٽاسٽا جا پروگرام شامل آهي يونيورسٽي آف لنڊن جي دوري دوران ڊاڪٽر محمد شعيب خان ڏهين بين الاقوامي ڪانفرنس براءِ عالميڪاريت، انٽرپرينيورشپ ۽ ايمرجنگ معيشتن ۾ اهم تقرير پڻ ڪئي.ان عمل سان گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد جي عالمي تعليمي سڃاڻپ وڌيڪ مستحڪم ٿي

بقايا | 36 | احتجاج

گرفتاري جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي خطاب ڪندي سماجي اڳواڻ گيان راڄ عبدالرزاق خاصخيلي ۽ ڊاڪٽر ميوارام مهاراج چيو ته پنج ڏينهن اڳ بدين پرسان ڳوٺ ڏاهو ڪولهي ۾ پورهيت ڪيلاش ڪولهي کي هڪ باثر وڏيري پستل جا سڌا فائر ڪري بي رحمي سان قتل ڪيو. هنن ٻڌايو ته واقعي بعد وارثن ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ بدين پيرو لاشاري ۾ اٺ ڪلاڪ ڌرڻو هڻيو جنهن دوران ايس ايس پي بدين ڌرڻي واري هنڌ پهچي خاطري ڪرائي ته جوابدار کي 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪيو ويندو.اڳواڻن چيو ته ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود 24 ڪلاڪ گذرڻ بعد به پوليس جوابدار کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. ڪالهه به وارثن، سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران پيرو چوڪ بدين تي پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ۽ پر پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بدران مظاهرين تي ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهي آهي. احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن قاتلن کي فوري طور گرفتار نه ڪيو ويو ته پوري سنڌ ۾ پرامن احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا | 37 | جي دعوي

جڏهن ته گرفتارڏوهارين جي سڃاڻپ خادم حسين ناريجو معشوق ناريجو شڪيل خاصخيلي ۽ راشد خاصخيلي طور ٿي آهي انهن کي زخمي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو آهي ته گرفتار ڏوهاري روڊن تي وارداتون ڪرڻ لاءِ آيا هئا، جتي پوليس فورس سان انهن جو مقابلو ٿيو.آيس ايس پي چيو ته امن دشمن ڏوهارين خلاف بناڪنهن وقفي جي ڪارروائيون جاري رکيون وينديون ۽ ضلعي کي امن جو ضلعي بڻايو ويندو

بقايا | 38 | احتجاج

ڪيلاش ڪولهي جي قتل واقعي کي 36 ڪلاڪ گذرڻ باوجود بدين پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل آهي ڪيلاش ڪولهي جو قاتل سرفراز نظاماڻي قانون کان ڏاڍو آهي جنهن کي پوليس گرفتار ڪرڻ بجاءِ انهي کي بچائي رهي آهي هنن چيو ته ووٽ وٺڻ محل وڏيرا اقليتن جي درن تي ايلاز ڪندا آهن مگر هيئنر وڏيرا اقليتن کي ٽڏڪو ڇڏي ڪر ٿي ويا آهن اقليتن جا دعويدار نمائندا بلڪل خاموش آهن اقليتن جا نوجوان گوليون جو ڪاچ بڻجي رهيا آهن نياڻين کي اغوا ڪري جبري مذهب تبديل ڪرايا پيا وڃن ڪير نه ٻڌڻ وارو نه آهي ڪيلاش ڪولهي جا قاتل گرفتار ڪري خون سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سموري سنڌ ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

بقايا | 39 | احتجاج

موجب ٻه ڏينهن اڳ ٻيو ميرپور ٿاڻي جي حد محمد پور لنڪ روڊ تان ڪرياڻ جي دوڪان ڦر واقعي بعد گزريل ڏينهن مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ جمال ڪورائي تي چڙهائي ڪري پورهيت ثناء الله ڪورائي جو گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي

پوليس موجب ثناء الله ڪورائي ساٿي سان گڏجي دوڪاندار شاهه لعل کان ڦر ڪري ڪيس پٽ سميت زخمي ڪيو آهي جڏهن ته الزام هيٺ آيل ثناء الله جي والده سلمه ۽ ٻين جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته بيو ميرپور ماٿيلو پوليس پٽ تي ڪوڙو ڦر جو الزام هڻي سندن گهر مان ڦر لٽ ڪرڻ بعد گهر ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي جيڪو ظلم آهي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 40 | ڪري ويو

جمن ڪنڀر ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد اڪيل 56 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچي جي اسپتال ۾ لاڏائو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ڪيرو جي گلشن ڪالوني ۾ ادا ڪرڻ بعد قديمي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ ٽاليواري اديبن شبير ڪنڀر استاد لغاري محمد جمن گجو امام بخش منگريو سياسي سماجي اڳواڻن محمد اسماعيل درس قلندر بخش درس . جسقم جي مرڪزي اڳواڻ آزاد ڪنڀر آسڪا اڳواڻ ڊاڪٽر ولي محمد ڪنڀر ارباب ڪنڀر . پ ٽ الف اڳواڻ پير بخش راڄڙ ايم حيات درس سروري . غلام رسول مگريو صحافي راجا رشيد ڪنڀر آزاد راڄڙ ممتاز بوزدار نور بخاري سميت مختلف سياسي سماجي ماڻهن شرڪت ڪئي مرحوم جي آخري سفر دوران "ڪڙي پوندا ڪارين گل جڏهن ڳاڙها گل" " ولي جنم هر هر ورو ملا مهراڻ ۾ ملبو گيت ڳائي الوداع ڪيو ويو .پوئيرن سان ڀاءِ الله بخش ڪنڀرا پڻن منصور ڪنڀر مصطفي ڪنڀر سان پ پ اڳواڻ عمر گل هنگورجو سماجي اڳواڻ سيد جمال شاهه . چوڌري محمد علي راڄپوت مير حسن راڄڙ ف ليگ اڳواڻ محمد خان منگريو ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي

بقايا | 41 | سيڪريٽري منتخب

صدر تي به ڊي لائرس پينل جي انيس احمد پيو 105 ووٽ کڻي ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن ته مقابلي اعوان پينل جي در محمد سبزوئي 97 ووٽ ۽ آزاد اميدوار مير راز علي بجاراڻي کي 45 ووٽ ملي سگهيا جنرل سيڪريٽري تي آزاد اميدوار ذوالفقار چاچڙ 87 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته مقابلي ۾ ڊي لائرس پينل جي فياض احمد بجاراڻي 84 ووٽ کنيا اعوان پينل جي منور علي پنهو 56 ووٽ ۽ آزاد اميدوار سيد ارباب علي شاهه 22 ووٽ حاصل ڪيا جوائنٽ سيڪريٽري تي اعوان پينل جي شوڪت علي گولو 157 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته مقابلي ۾ امتياز علي اوڳاهي 87 ووٽ ورتا لائبريري سيڪريٽري تي 122 ووٽ کڻي فاروق سومرو ڪامياب خزانچي تي محمد اسد سبزوئي 128 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو ڊي لائرس پينل جي سربراهه سنڌ بار جي ميمبر مشهور وڪيل عبدالغني بجاراڻي کي نتيجن بعد حامين ڪلهن تي کڻي جشن ملهايو ڪاميابي ماڻيندڙن کي مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو انهي دوران وڪيل عبدالغني بجاراڻي - ڪامياب ٿيل صدر آفتاب احمد چنا وڪيلن ۽ ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ته اسان جي ڪوشش هوندي ته ڪنڌ ڪوٽ جي عوام ۽ وڪيل برادري جا ڪم ڪيون قانون جي بالادستي قائم رهي مظلومن سان انصاف ڏياريون وڪيل دوستن سان ملي ڪري سنڌ دشمن منصوبن خلاف ڀرپور آوازاٿاريون

بقايا | 42 | جوابدار فرار

عرصي کان هلندڙ ڪارخاني تي پوليس ڇاپو هڻي وڏي مقدار ۾ مين پڙي ۽ استعمال ٿيندڙ چورو تماڪ سوپاريون مين پڙيون هٿ ڪري ٿاڻي تي آنديون مين پڙي جو ٺيڪيدار منشيات فروش عامر پڳواڻ ۽ ٻيا فرار ٿي ويا پوليس ڇاپي جو ڪيس داخل نه ڪيو مذڪوره مين پڙي جو ٺيڪيدار منشيات فروش مين پڙي ۽ گٽڪي ٺاهڻ جي فيڪٽري قائم ڪري پوري شهر ۾ سرعام ڪيبنن ۽ دڪانن تي پهچائي پوليس جي سرپرستي ۾ سرعام وڪرو ڪرائيندڙ اهم مهرو هو جنهن کي پوليس اڳواٽ اطلاع ڪري فرسر ڪرائي ڇاپو هنيو اهڙي جو پوليس ڪيس داخل نه ڪيو آهي

بقايا | 43 | شٽرڊائون هڙتال

ميهڙ تعلقي جي مزاحمتي جدوجهد جي علامت ۽ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ڦرڙي ڌرڻي ۾ پهچي ڌرڻي کي خطاب ڪندي نياز علي برڙي چيو ته عيد گاهه ۾ جنازي جي نماز ۽ عيد جي نماز عيد گاهه جي وڻن جي ڇانون ۾ ٿئي ٿي اهي وڻ ڪٽڻ وڏو ظلم زيادتي آهي ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻ محمد ايوب ڪوڪر پاران وڻ ڪٽيندڙ سردار شاهد حسين سهول ۽ سنڌس واڻي باڊي گارڊ آصف سومري کي وڻ ڪٽڻ کان منع ڪيي ته شاهد حسين سهول ۽ آصف سومري پاران محمد ايوب ڪوڪر تي حملو ڪيو ان دوران ڪيترا شهري گڏ ٿي ويا اسان ان عمل جي مذمت ڪيون ٿا اسان ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ۽ ڊي آيس پي ميهڙ کان مطالبو ڪيون ٿا ته چيئرمين شاهد سهول ۽ سنڌس واڻي ڊاڊي گارڊ آصف سومري خلاف حملي ۽ وڻ ڪٽڻ جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سندن احتجاج جاري رهندو نياز برڙي وڌيڪ چيو ته افسوس ته ايس ايڇ او ڪيس داخل ڪرڻ بدران ٽالوٽڪڻي پيو ڪري ڪير پوليس کي ڏهه ويهه هزار ڏي ٿو ته ان جي ايف آءِ آر داخل ٿئي ٿي اڳ ٻه اسان ميهڙ ۾ بدامني خلاف احتجاج ڪيو هيو تهه ڪيس اسان خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا هي پر اڄ اسان جو ڪيس داخل نه ٿيو ڪيو وڃي اسان جو هي پر امن احتجاجي ڌرڻو جاري

رهندو اهڙو اطلاع ملڻ بعد چيئرمين سردار شاهد سهول جي چوڻ تي راڻڻ جو مزاحمتي ۽ سياسي سماجي اڳواڻ پيپلز يوٿ ضلع دادوجي صدر مير مرتضيٰ گوڙ ۽ چيئرمين شاهد خان سهول جو ڀاءِ ماجد خان سهول جي اچڻ تي محمد ايوب ڪوڪر کي چيئرمين پاران شهري اتحاد ڦرڙي محبت جي ڌرڻي ۾ پهچي معزرت ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو ۽ رهن ڪيوته مستقبل ۾ اهڙي غلطي ڪا نه ٿيندي

بقايا | 44 | لاش هٿ

موجب ٻه ڏينهن اڳ بيو ميرپور ٿاڻي جي حد محمد پور لنڪ روڊ تان ڪرياڻ جي دوڪان ڦر واقعي بعد گزريل ڏينهن مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ جمال ڪورائي تي چڙهائي ڪري پورهيت ثناء الله ڪورائي جو گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي پوليس موجب ثناء الله ڪورائي ساٿي سان گڏجي دوڪاندار شاهه لعل کان ڦر ڪري ڪيس پٽ سميت زخمي ڪيو آهي جڏهن ته الزام هيٺ آيل ثناء الله جي والده سلمه ۽ ٻين جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته بيو ميرپور ماٿيلو پوليس پٽ تي ڪوڙو ڦر جو الزام هڻي سندن گهر مان ڦر لٽ ڪرڻ بعد گهر ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي جيڪو ظلم آهي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 45 | پهچندو

حوالي سان پروگرام کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سينيئر نائب صدر روشن علي برڙو جي صدارت هيٺ سائين جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو ۾ ضلعي ڄامشورو جي سينيئر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو اهم اجلاس منعقد ڪيو ويواجلاس دوران پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي الڳ الڳ ذميواريون سونپيون ويون اجلاس کي خطاب ڪندي مرڪزي سينيئر نائب صدر روشن علي برڙو اڳواڻن کي هدايتون جاري ڪيون ته سڀ دوست پنهنجون ڏنل ذميواريون ڀرپور نموني سان نڀائڻ ۽ پارٽي ڪارڪنن جي وڌ کان وڌ شرڪت کي يقيني بڻائين ته جيئن پروگرام مڪمل طور ڪامياب ٿي سگهي.

بقايا | 46 | قتل

بي سينٽرل جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهن ۽ پوليس ڪرائم سين واري هنڌ پهچي وئي آهي مقتول جي ڌيءَ پوليس کي ٻڌايو ته هن پنهنجي ماءُ لاءِ آن لائن ٽيڪسي بڪ ڪرائي هئي هوءِ ٽيڪسي ۾ ويٺي هئي جڏهن پوليس آفيسر پڇيو ته هوءَ مون سان گڏ وڃي رهي آهي يا نه. جڏهن ماءُ انڪار ڪيو ته ڪيس گوليون هڻي ماريو ويو ڌيءَ جي مطابق مون کي به مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سان آندر ڀڄي ويس ملزم پوليس آفيسر تبسم احمد ايس آءِ يو جي جاچ ونگ ۾ مقرر آهي، جنهن کي پوليس اڃا تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي بئي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ۽ وڌيڪ جاچ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي.

بقايا | 47 | ڊي سي

ٿيس اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو ته ڪوٽڙي علي بابا ڪاليج جي عمارت کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن تعليمي ماحول ۾ بهتري آڻي سگهجي. هن چيو ته ڪاليج ۾ ڊرينيج جو پاڻي داخل ٿيڻ سبب انتظاميا ۽ شاگردن کي ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن جو فوري حل ضروري آهي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل کاتن جن ۾ رورل ميونسپل پبلڪ هيلٿ ۽ سائيٽ جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون ته هو گڏيل طور تي ڪوٽڙي علي بابا ڪاليج جو دورو ڪري ڪاليج ۾ ايندڙ ڊرينيج جي پاڻي کي فوري طور بند ڪرائين جڏهن ته ڪاليج ۽ ان جي آسپاس صفائي ستٿرائي، نالن جي صفائي ۽ جهنگ جي ڪٽائي پڻ يقيني بڻائي وڃي. ڊپٽي ڪمشنر جاري ترقياتي ڪمن بابت ٺيڪيدار کي سختي سان هدايتون ڏيندي چيو ته سمورا ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ڪاليج جو تفصيلي دورو ڪري هڪ جامع رپورٽ پيش ڪئي وڃي جيئن ڪاليج جي عمارت کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ۽ تعليمي معيار ۾ واڌ آڻي سگهجي ڇاڪاڻ ته اهو سڌو سنئون شاگردن جي مستقبل سان لاڳاپيل معاملو آهي

بقايا | 48 | روپيا ڦر

آساني سان فرار ٿي ويا جنهن واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيجز منظر عام تي اچي ويا آهن جنهن ۾ پوليس جي ڪيپ پاتل هٿيارٻندن کي هٿيارن جي زور تي دڪان مان ڦرلٽ ڪندي ڏسي سگهجي ٿو ان حوالي سان متاثر دڪان مالڪ سوهن جو چوڻ هو ته اسان گذريل رات معمول موجب دڪان تي ويٺا هئاسين ته پوليس ڪيپ پاتل ٻن هٿيارٻندن دڪان ۾ گهڙي سوڙ سميت گراهڪن کي يرغمال بڻائي لکين روپيه ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن هن ڊي آءِ جي ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ڦرليل روڪ رقم واپس ڏياري تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي طرف حد جي مارڪيٽ پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته هٿيارٻند فوري بندرين جي دڪاندار کان هڪ لک روپيه ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن ڏوهارين جو سي سي ٽي وي فوٽيجز جي مدد سان جاچ ڪئي پئي وڃي جلد گرفتار ڪيو ويندو

# ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

## تعليمي سيشن 28-2027/27-2026 لاءِ کليل مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيندڙ درسي ڪتابن لاءِ سيڪيورٽي ليبلز جي خريداري هڪ ٽئي مرحلي جي ٻن لفافي جي عمل تحت قومي مقابلي واري واڪ عمل تحت پروڪيورمينٽ

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ اندازن 14,000,000 خود چپڪائيندڙ سيڪيورٽي ليبل خريد ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو جيڪي کليل مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيندڙ درسي ڪتابن جي ٽائيٽل ڪَور تي لڳل هوندا (مثال طور سنگل ٽيڪسٽ بڪ/ عملي نوٽ بڪ وغيره) ته جيئن انهن جي درسي ڪتابن کي پائريسي/ جعلسازي کان بچائي سگهجي. دلچسپي رکندڙ فرمون جيڪي خود چپڪائيندڙ سيڪيورٽي ليبل ڇپائڻ جي لاڳاپيل شعبي ۾ مناسب تجربو رکن ٿيون ۽ مضبوط مالي حيثيت رکن ٿيون، مقامي ۽ پرڏيهي فرمون/ ڪمپنيون، جن جو پاڪستان ۾ پيداواري يونٽ آهي، انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس کاتي سان رجسٽرڊ آهن، قومي مقابلي واري واڪ جي عمل تي ٽينڊرنگ جي لاءِ حصو وٺي سگهن ٿيون. ان ڪانسواءِ درخواست ڏيندڙ فرم/ڪمپني کي هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

1. آڇ جي صحيح ٽيڪنيڪل واڪ جي افتتاح جي تاريخ کان 45 ڏينهن تائين هوندي.
2. وضاحتون:
   - i. سيڪيورٽي ليبل پيپر تي ٻڌل هجڻ گهرجي، STBB جي منظور ٿيل ڊزائن مطابق، 80 GSM خود چپڪائيندڙ واري پيپر تي رليز لائنر سان چپيل هجي.
   - ii. سيلاءِ ون-اپ ريلز ۾ ڪٽي ويندي.
   - iii. سيڪيورٽي ليبل ۾ اندروني ڊائي ڪٽ جا نشان هجڻ گهرجن ته جيئن ڇلڻ کان بچاءُ ملي سگهي.
   - iv. تعليمي سال 28-2027/27-2026 ۽ STBB واضح طور تي نظر ايندڙ فونٽ سائيز ۾ ڇپجڻ گهرجن.
   - v. ليبلن جو مقدار ٻن سرن/ ڊزائن/ رنگن ۾ هوندو.
   - vi. سيڪيورٽي ليبل تي QR ڪوڊ (ڊزائن جي تصديق ۽ سيڪيورٽي ليبل جي هدايتن جو URL لنڪ) پرنٽ ڪيو ويندو.
   - vii. ڇهري جي مواد لاءِ سفيد ڇهري سان وچولي چمڪدار ڪوٽيڊ پيپر استعمال ڪيو ويندو.
   - viii. درآمد ٿيل شيشي جو پيپر رليز بيڪنگ لاءِ استعمال ڪيو ويندو.
   - ix. اضافي سيڪيورٽي خاصيتون (مائڪرو ٽيڪسٽ، ريڊ فلوروسينٽ / يو وي لائيٽ، رنگ شفٽ، رگ، خاص ليزر لائيٽ جو جواب روشني پولرائيزيشن، ڪوئن رگ سان نظر ايندڙ لڪيل متن وغيره) واڪ ڏيندڙ پاران مهيا ڪيون وڃن.
3. پاڪستان جي لاڳاپيل ٽيڪس اختيارين جهڙوڪ ايف بي آر/ايس آر بي وغيره سان صحيح رجسٽريشن.
4. لاڳاپيل شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 03 سالن جو تجربو.
5. گذريل 3 سالن ۾ 30 ملين رپين جو ساليانو مالي ٽرن اوور.
6. معياري واڪ دستاويز ۾ ذڪر ڪيل واڪ سيڪيورٽي (جيئن ايس پي پي آر اي رولز 2010 ۾ ترميم ٿيل معياري واڪ دستاويز ۾ ذڪر ڪيل آهي) جي ٽيڪنيڪل واڪ سان گڏ پي آرڊر/ڊمانڊ ڊرافٽ/سي ڊي آر جي صورت ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي حق ۾ شامل ڪيو وڃي.
7. فرم کي ڪنهن به حڪومت(ن)، کاتي، نيم سرڪاري کاتي، منسلڪ کاتي، خودمختيار اداري، خاص اداري، ڪمپني، ايجنسي ۽ تنظيم وغيره طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو هجي.
8. ڪامياب واڪ ڏيندڙ ايس ٽي بي بي آفيس ڄامشورو ۾ اصل سيڪيورٽي ليبلز جي سڃاڻپ ۾ گيجٽس جي استعمال بابت ايس ٽي بي بي عملي لاءِ هڪ تربيتي سيشن جو بندوبست ڪندو.
9. سنگل اسٽيج ون اينوليپ واڪ طريقيڪار) جي تحت واڪ لاءِ آن لائن درخواست ڏيڻ جي تاريخ 07/01/2026 کان 22/01/2026 آهي، واڪ 22/01/2026 تائين SPPRA جي E-PADS پورٽل ذريعي صبح 11.30 وڳي تائين جمع ڪرايا ويندا، واڪ ساڳئي تاريخ تي منجهند 12.30 وڳي آن لائن پورٽل تي کوليا ويندا.
10. ايس ٽي بي بي واڪ ڏيندڙن پاران واڪ جي تياري يا ترسيل جي سلسلي ۾ ڪيل ڪنهن به قيمت يا خرچ جو ذميوار نه هوندو. جمع ڪرائڻ واري ڏينهن تي سرڪاري موڪل جي صورت ۾ ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن کي بند ٿيڻ / کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو.
11. مشروط يا نامڪمل واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
12. خريداري ڪندڙ ايجنسي کي حق آهي ته هو عمل کي منسوخ ڪري ۽ سڀني تجويزن کي رد ڪري، ٺيڪي جي ايوارڊ کان اڳ ڪنهن به مرحلي تي، ان حوالي سان ڪا به ذميواري کڻڻ کانسواءِ رد ڪري سگهي ٿي.
13. هن اشتهار جي اشاعت کانپوءِ ٽينڊر دستاويز ويب سائيٽ تي فوري طور تي دستياب هوندو.
14. دلچسپي رکندڙ اميدوار ويب سائيٽ يعني ./http://www.sindh.eprocure.gov.pk تان ايس بي ڊي حاصل ڪري سگهن ٿا.

سيڪريٽري
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ،
ڄامشورو

INF/KRY No.0063/2026

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

# خيرپور لڳ نامعلوم هٿيارٿبندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل، گهر ۾ ڪهرام

گاڙهي پل ويجهو ڌوهارين فائرنگ ڪري نوجوان رسالت علي راجپوت کي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

واقعو پراڻي دشمني جي ڪري ٿي سگهي ٿو، ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپا هڻي پئي:ايس ايڇ او

خيرپور(ٻ ر) خيرپورلڳ گاڙهي پل جي ويجهو نامعلوم ڌوهارين جي فائرنگ ۾ نوجوان رسالت علي راجپوت قتل ٿي ويو تفصيل موجب خيرپور شهر ۾ گاڙهي پل جي ويجهو نامعلوم ڌوهارين فائرنگ ڪري نوجوان رسالت علي راجپوت کي قتل ڪري فرار ٿي ويا. ايس ايڇ او اي سيڪشن اقبال احمد ٽُنون موجب، قتل جو واقعو پراڻي دشمني جي ڪري ٿي سگهي ٿو واردات ڪانپوءِ پوليس فوري طور تي ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا مُنيا جڏهن ته پوسٽ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ملي: انجنيئر گيانچند چمن لال سان والده جي تعزيت ڪري رهيو آهي

## ملي رٽائرڊ تعليمدان انجنيئر چمن لال ميگهواڙ جي امڙ ديهانت ڪري وئي

ملي (ڊ-ر) ٿر جي ميگهواڙ برادري جي اهم شخصيت ۽ رٽائرڊ تعليمدان انجنيئر چمن لال ميگهواڙ جي امڙ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 85 سالن جي ڄمار ۾ ٻه ڏينهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

## ڪپرو جو ناليرارو ليکڪ ۽ سماجي شخصيت محمد چمن ڪنڀر لاڏاڻو ڪري ويو



ڪپرو (ٽ ر) ڪپرو جو ناليرارو استاد ليکڪ ۽ سماجي شخصيت محمد چمن ڪنڀر لاڏاڻو ڪري ويو آخري سفر دوران گيت جهونگاري الوداع ڪيو ويو ايم چمن ڪنڀر جون تعليمي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. شبير ڪنڀر رپورٽ موجب ناليرارو استاد ليکڪ ۽ سماجي شخصيت مڊل اسڪول فيض محمد هنگورجو جو هيڊ ماسٽر محمد

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

## جيڪب آباد ۾ قبيلائي تڪرار جي خاتمي لاءِ علي محمد عوامي پارٽي جو احتجاجي جلوس

جيڪب آباد (ڊ ر) سنڌ اندر هلندڙ قبيلائي تڪرارن جي خاتمي لاءِ علي محمد عوامي پارٽي پاران سبزي منڊي کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

## ٺٽو جيل ۾ قيدين تي تشدد، وڌيڪ 8 قيدي سول اسپتال منتقل

تشدد جي نتيجي ۾ 8 قيدين جي حالت خراب، طبي چڪاس لاءِ سول اسپتال اماڻيا ويا

ٺٽو (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ۾ قيدين تي تشدد وارو عمل رڪجي نه سگهيو وڌيڪ 8 قيدي سول اسپتال ٺٽو طبي چڪاس لاءِ اماڻيا ويا هڪ قيدي جي حالت ڳڻتي جوڳي ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ۾ قيدين تي قيدين مسلسل تشدد سبب 8 قيدين جي طبيعت خراب ٿيڻ تي ڪين جيل سپرنٽينڊنٽ جي ليٽر تي سول اسپتال ٺٽو اماڻي سندن طبي معائنو ڪرايو ويو ٺٽو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

## سردار اياز صادق جي پ پ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو سان تعزيت

روشن دين جوڻيجو پ پ جو قيمتي سرمايو هو: سردار اياز صادق

اعجاز جکراڻي، عبدالقادر گيلاني، غياث الدين جوڻيجو ۽ حسنين قادر جوڻيجو پڻ تعزيت ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) اسپيڪر قومي اسيمبلي سردار اياز صادق جي سانگهڙ پ پ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو سان تعزيت، ايم اين اي اعجاز جکراڻي ايم اين اي عبدالقادر گيلاني، غياث الدين جوڻيجو ۽ حسنين قادر جوڻيجو پڻ موجود. رپورٽ موجب سانگهڙ جي ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ۽ غياث الدين جوڻيجو سان سندن والد ۽ ايم اين اي مرحوم روشن دين جوڻيجو ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوآدم ۾ پ ٽ الف جي چونڊن ۾ جيئي لطيف پينل بنا مقابلي ڪامياب

پ ٽ الف جي چونڊن ۾ لڪاڏنو خاصخيلي صدر، اعجاز علي ڏيرو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) پ ٽ الف ٽنڊو آدم جون چونڊون جيئي لطيف پينل بنا مقابلي ڪامياب صدر لڪاڏنو خاصخيلي .جنرل سيڪريٽري اعجاز علي ڏيرو سميت سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب رپورٽ موجب پ ٽي الف جي چونڊن جي سلسلي ۾ نامزدگي فارم اليڪشن چيئرمين اڪبر خاصخيلي، وائيس چيئرمين حسين بخش جدگال ۽ سيڪريٽري عبد المالڪ عباسي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

# حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي تعليمي ادارن ۾ امن امان، مفت تعليم ۽ فيس ۾ واڌ خلاف ڪانفرنس

سازش ذريعي سنڌ جي تعليم هٿ وٺي تباهه ڪئي پئي وڃي، ڪافي علائقن ۾ سرڪاري اسڪولن جو وجود ئي ناهي: ساجد حسين مهيسر

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ هٿ وٺي دهشتگردي ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي، آئي ڏينهن فائرنگ جهڙا واقعا پيش اچن ٿا: نويد عباس ڪلهوڙو

يونيورسٽين جي ڊي سي ۽ ايس پي ايس سي ۾ بورڊ چيئرمين جي سيٽ لاءِ حڪمران جماعت وٽ باقائده نيلامي ٿيندي آهي: عمره سمون ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن ۾ ميرٽ جي لتاڙ تعليمي ادارن کي خانگائڻ فيس ۾ واڌ خلاف ۽ تعليمي ادارن ۾ امن امان جي بحالي لاءِ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي ڪانفرنس ۾ شاگردن تعليمي ماهرن اديبن صحافين وڪيلن هارين ۽ مزدور اڳواڻن سميت مختلف ماڻهن جي شرڪت ڪانفرنس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ هٿيارن جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌي شاگرد تحريڪ پاران ڪرايل ڪانفرنس ۾ مهمان ويٺل آهن

## پريس ڪلب پنگريو جون چونڊون، نور حسن صدر منتخب

پنگريو (ن ع) پريس ڪلب پنگريو جون ٻه سالا چونڊون سرپرست اعلا حاجي لياقت قائم خاني جي اڳواڻي ۾ ٿي گذريون جن ۾ اتفاق راءِ سان هڪ سال لاءِ عهديدار چونڊيا ويا جنهن ۾ صدر نور حسن پونٿريو سينئر نائب صدر بشير ڪوسو نائب صدر فيصل رحمان آرائين جنرل سيڪريٽري علي مراد شاهه .ڊپٽي جنرل سيڪريٽري رمضان درس اطلاعات

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

## ننگرپارڪر ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي خلاف 45هين ڏينهن به بک هڙتال جاري

ننگرپارڪر(ن ع) ڪارونجهر سڄاڳ فورم پاران الهرکيو ڪوسو غلام مصطفيٰ دل جي اڳواڻي ۾ 45 هين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو ويو احتجاجي ڪئمپ تي مصري شيخ ڪامريڊ راشديو ميگهواڙ سلطان ڪوسو جوهر ڪوسو سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪري ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف نعري بازي ڪئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪارونجهر رينج انٽرنيشنل معاهدي تحت رامسر سائيٽ ڊڪليئر ٿيل آهي، جنهن ۾

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

## جوابدار جو والد پوليس تحويل ۾ آهي، جوابدار پنجاب طرف مفرور آهي:راجوير سنگهه

ڪيلاش ڪولهي قتل معاملي بابت سنڌس ڳالهه ٻولهه ايس ايس پي بدين سان ٿي آهي

لاءِ پوليس سنڌس پيڇو ڪري رهي آهي ۽ جلد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويندو

ملي (ڊ-ر) وزيراعليٰ سنڌ جي انساني حقن بابت خاص معاون راجوير سنگهه سوڍي چيو آهي ته ڪيلاش ڪولهي قتل معاملي بابت سنڌس ڳالهه ٻولهه ايس ايس پي بدين ۽ پوليس جي بالا آفيسرن سان ٿي آهي ۽ ايس ايس پي ٻڌايو آهي ته جوابدار جو والد پوليس تحويل ۾ آهي، جڏهن ته مُک جوابدار پنجاب طرف مفرور آهي جنهن جي ڳولها لاءِ پوليس سنڌس پيڇو ڪري رهي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

## ڪنڌ ڪوٽ ڊسٽرڪٽ بار جي سالياني چونڊ، آفتاب چنا صدر ۽ ذوالفقار علي چاچڙ جنرل سيڪريٽري منتخب

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ ڊسٽرڪٽ بار جي سالياني چونڊ ۾ ٽي گروپ ميدان ۾ لٿا جنهن ۾ ڊي لائرس پينل جي صدر آفتاب چنا 105 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو سندس مقابلي ۾ آزاد اميدوار محسن خان پٺاڻ 84 اعوان پينل جي منير احمد ٻجاراڻي 59 ووٽ حاصل ڪري سگهيا جڏهن ته نائب

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

# بدين ۾ پورهيت نوجوان کي قتل ڪيو وڃي ۽ قاتل گرفتار نه ٿي سگهي: قادر مگسي

ايس ٽي پي هميشه مظلومن جو ساٿ ڏنو آهي ۽ بدين ضلعي جا ايس ٽي پي ساٿي ڌرڻي ۾ موجود آهن

وفاقي پارٽين جاگيردار طبقي کي نه صرف مضبوط ڪيو آهي ۽ اقتدار ۾ شامل ڪري ڪين وڌيڪ اختيار به ڏنا آهن

سي ايس ايس ڊاس آفيسر به اڻ پڙهيل پوڙارن اڳيان هٿ ٻڌي بيٺل آهن. سنڌ جا اصل وارث انتهائي مفلسي واري زندگي گذاري رهيا آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) 14 فيبروري تي حيدرآباد ۾ "يوم مادرِ وطن" جي سلسلي ۾ رٿيل عوامي جلسي جي تيارين بابت ڪراچي ڊويزن جي مختلف ضلعن جي اڳواڻن جو اهم اجلاس پارٽي چيئرمين جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ يوم مادر وطن جي جلسي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون ۽ ذميواريون سونپيون ويون اجلاس دوران بدين ۾ قتل ٿيل پورهيت نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي فوري گرفتاري جو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

زيبيسٽ گهارو ڪئمپس ۾ ثقافتي تقريب جي ورتل تصويرون

## راڌڻ ٽائون ڪاميٽي ۾ دوڪاندارن جو ريلوي انتظاميا ۽ پوليس احتجاج

پيپلز يوٿ ۽ ٽائون ڪاميٽي راڌڻ جي اڳواڻن جي طرفان دوڪاندارن سان ڳنڍجاڻي

10جنوري تي ريلوي انتظاميه ۽ پوليس خلاف ڊي ايس ريلوي سکر ۾ ڌرڻي جو فيصلو

راڌڻ (ن ع) ٽائون ڪاميٽي راڌڻ ۾ پيپلز يوٿ ضلع دادو جي صدر مير مرتضيٰ گورڙ ۽ وائيس چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڌڻ وڏيري سڪندر علي جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ راڌڻ شاهي بازار ۾ ريلوي انتظاميا ۽ پوليس پاران متاثر ٿيل دوڪاندارن جي ڳنڍجاڻي ٿي جنهن ۾ ڪالهه ريلوي انتظاميه پاران انڪروچمنٽ چاڻي دوڪان سيل ڪرڻ ۽ ڪجهه دوڪاندارن کي ريلوي پوليس

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

## اسلام ڪوٽ ڊمپر ڊرائيورن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج، ڪم ڇڏ هڙتال

ٿرڪول بلاڪ ٽو تي ڪم ڪندڙ ڪمپني خلاف ڊمپر ڊرائيورن احتجاجي مظاهرو ڪيو

WPPFجهڙو قانوني فنڊ ڪنهن سياسي يا ذاتي اثر هيٺ روڪيو يا غلط رخ ڏنو پيو وڃي:مظاهرين

اسلام ڪوٽ(ن ع) ٿرڪول بلاڪ ٽو تي ڪم ڪندڙ هونڊا ڪمپني خلاف ڊمپر ڊرائيورن پاران احتجاج شروع ڪيو ويو آهي،ڊمپر ڊرائيورن پاران الائونس سميت ڊرائيورن بدران ليبر جي ڪاٽي ۾ پگهارن ڏيڻ خلاف احتجاجن ڪم ڇڏهڙتال ڪئي وئي آهي جنهن سبب مائيننگ سائيٽ هلندڙ ڪم سخت متاثر ٿي ويو آهي.انهي سلسلي ۾ ڊرائيورن جو چوڻ آهي ته

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

## سڪرنڊ ۾ ثوبيه بتول شاهه تي تشدد جو جرڳو والد ۽ چاچي تي 60 لک روپيه ڏنڊ

جرڳو سڪرنڊ چانڊيا هائوس تي حاجي علي نواز چانڊيو جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو

ثوبيه بتول شاهه جي والد ۽ چاچي کي تشدد جو ذميوار قرار ڏئي ڏنڊ عائد ڪيو ويو

اڄ مون سان انصاف ٿيو آهي، تشدد سبب منهنجون ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون: ثوبيه بتول

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ ۾ سيده ثوبيه بتول شاهه جي تشدد جو جرڳو سڪرنڊ چانڊيا هائوس تي حاجي علي نواز چانڊيو جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو جنهن ڌرين جي اميتن پاران ڳالهيون ٻڌڻ بعد ثوبيه بتول شاهه جي والد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ چاچي محمد علي شاهه کي ڏوهي قرار ڏيندي مٿن 60 لک روپيه ڏنڊ وڌو ويو جيڪو ڌرين قبول ڪيو فيصلي بعد سيده ثوبيه بتول

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

## شهدادپور نورآباد ڪالوني ۾ پوليس جو ڪارخاني تي ڇاپو مين پڙي ۽ گٽڪو جو سامان هٿ، جوابدار فرار

شهدادپور(ن ع) شهدادپورجي نورآباد ڪالوني ۾ عامر پڪوان جي ٽالي سان مشهور نشي آور مين پڙي گٽڪو جي ڪارخاني تي پوليس جو ڇاپو وڏي مقدار ۾ چورو تماڪ مين پڙيون هٿ ٺيڪيدار عامر پڪوان ٿي ٻيا فرار شهدادپورشهر جي نورآباد ڪالوني ۾ انساني موتمار نشي آور مين پڙي جي ٺيڪيدار منشيات فروش عامر پڪوان جي مين پڙي گٽڪو جي ڪيٽري

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

دادو: امر رباب ڪيس جا جوابدار عدالت ٻاهر ويٺل آهن

## دادو عدالت پوليس مقابلي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 7 سال قيد ۽ 50 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

دادو(ڊ ر) دادو جي عدالت پوليس مقابلي ۽ 13 ڊي جي ڪيس ۾ جوابدار کي 7 سال قيد ۽ 50 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي سيشن جج دادو جي عدالت جوابدار عباس ولد مير علي ملاح کي پوليس مقابلي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا ٻڌائي آهي. جوهي پوليس سزا ٻڌايل جوابدار کي سال 2025 ۾ مقابلي ۾ پسٽل سميت گرفتار ڪيو هو 50 هزار ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: نوجوان موٽرسائيڪل تي کٽ وڃي رهيو آهي

## دادو: امر رباب چانڊيو جي ڳهريائين جي قتل ڪيس ٻڌڻي 16 جنوري تائين ملتوي

دادو(ڊ ر) سنڌ جي نياڻي امر رباب چانڊيو جي ٽن ڳهريائين ڏاڏي چاچي ۽ والد جي ٽيڻي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ ۾ ٿي، ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو امر رباب چانڊيو ته شديد ڪوهيڙي ۽ برسات سبب عدالت نه پهچي سگهيا، ڪيس ۾ نامزد پ پ ايم پي اي پائر سردار خان چانڊيو برهان خان چانڊيو ڊر پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

هالا:مخدوم جميل الزمان مرحوم فقير حسين علي جعفري جي وارثن سان تعزيت ڪندي

## مخدوم جميل الزمان جي مرحوم فقير حسين علي جعفري جي وارثن سان تعزيت

مرحوم پ پ جي ايم آر ڊي تحريڪ سميت مختلف وقتن تي پارٽي لاءِ قربانيون ڏنائين: مخدوم جميل

هر هڪ ڏاڍو ڪاڻ مخدوم هائوس سان وفادار رهيو، الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلا مقام عطا فرمائي

هالا (ٽ ر) اڳوڻي ڪهڙو وزير ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان جي مئنيجر مرحوم زوار فقير حسين علي جعفري جي فوتگيءَ تي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري - سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان جي مخدوم هائوس جي خدمتگار مرحوم فقير حسين علي جعفري جي وارثن سان تڏي تي پهچي مرحوم جي پوٽڻين پيپلز پارٽي تعلقا هالا

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

## ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي جو خيرپور ۾ مفت اکين جي ڪيمپ جو دورو

مفت اکين جي ڪيمپ ۾ شرڪت ڪندڙ مريضن جي عيادت ڪئي

مهانگائي جي دور ۾ غريبن لاءِ مفت علاج اهميت جوڳو عمل آهي: ناصر

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ سکر ناصر آفتاب پٺاڻ خيرپور ۾ مرڪزي تنظيم آرائيان پاران قائم ڪيل ٽن ڏينهن واري 19 مفت احمد اکين جي ڪيمپ جو ٻئي ڏينهن دورو ڪيو ويوان موقعي تي ڊي آءِ جي ناصر آفتاب پٺاڻ اکين جي آپريشن ڪرائيندڙ مريضن جي عيادت ڪري صحت بابت ڄاڻ ورتي ڪيمپ جي دوري بعد ڊي آءِ جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

## ڳڙهي ياسين: نوجوان جو گولين لڳل لاش دادو ڪئنال مان هٿ

ڳوٺ دودو ڏيٿو واري فراز احمد ڏيٿو جو لاڙڪاڻو پرسان دادو ڪئنال مان لاش مليو

واقعي جو ڪارڻ اڃا تائين معلوم ناهي ٿي سگهيو، وڌيڪ جاچ جاري آهي: پوليس

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ لاڙڪاڻي لڳ دادو ڪئنال مان هٿ، واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو ڳڙهي ياسين پرسان ڳوٺ دودو ڏيٿو جي رهواسي نوجوان فراز احمد ڏيٿو جو گولين لڳل لاش لاڙڪاڻو پرسان دادو ڪئنال مان هٿ آيو پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

راڌڻ:سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

## مورو: چوري ڪيل ڪرولا ڪار جا جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ عامر علي ۽ اصغر علي شامل، پوليس جانچ شروع ڪري ڇڏي

مورو (ن ع) مورو ٿاڻي تي ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر ٻه هفتا اڳ مورو شهر جي دستگير ڪالوني مان محمد انور قريشي جي چوري ڪيل ڪرولا ڪار جا جوابدار سوڳها ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر ٻڌايو ته ٻه هفتا اڳ مورو شهر جي دستگير ڪالوني مان ڪرولا ڪار چوري ڪئي وئي هئي جنهن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

## جاتي ٿاڻي کي ماڊل ٿاڻو بڻايو ويندو، عوام پوليس سان سهڪار ڪري: عليشه راڄپر

ڊيوٽي انجام ڏيندڙ پوليس جوانن لاءِ سڀني بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو

عورت اهلڪارن لاءِ ڌار الڳ ۽ سهولتن سان ليس ڪمرا تعمير ڪيا ويندا: ايس ايس پي

جاتي؛ (ن ع) جاتي ٿاڻي کي ماڊل ٿاڻو بڻايو ويندو ڊيوٽي انجام ڏيندڙ پوليس جوانن لاءِ سڀني بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو، جڏهن ته عورت اهلڪارن لاءِ ڌار الڳ ۽ سهولتن سان ليس ڪمرا تعمير ڪيا ويندا اهڙي قدمن سان پوليس اهلڪارن جون پريشانيون گهٽ ٿينديون ۽ هو وڌيڪ ايمانداري سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي سگهندا اهڙن خيالن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

## جيڪب آباد ۽ ٿل ۾ بغير لائيسنس جي هلندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروايون

اي سي نويد احمد سامرو ۽ اي سي غلام عباس سڌايو جي اڳواڻي ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

جيڪب آباد جي 3 ۽ ٿل جي 9 پيٽرول پمپن سميت 12 پيٽرول پمپ سيل ڪيا ويا

جيڪب آباد (ڊ ر) اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سامر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام عباس سڌايو جي نگراني ۾ جيڪب آباد ۽ ٿل ۾ بغير لائيسنس جي هلندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروايون جيڪب آباد جي 3 ۽ ٿل جي 9 پيٽرول پمپن سميت 12 پيٽرول پمپ سيل ڪيا ويا، پنهنجي ٽيم ۽ پوليس سان گڏجي جيڪب آباد جي پٽرموڙ وٽ موجود مير آزاد خان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد: ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

## ماٿيلي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ڦر دوران نوجوان زخمي

ٻاءِ پاس لڳ هٿيارٿبندن تنوير انڙ کي يرغمال بڻائي ڦر جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿيارٿبندن ڏنگ ۾ گولين هڻي موٽرسائيڪل کاهي فرار، زخمي اسپتال منتقل

ميرپورماٿيلو(ن ع) ميرپور ۾ بد امني جي باهه تي ضابطو نه اچي سگهيو ميرپور ماٿيلو باءِ پاس ٽان ڏينهن ڏٺي جو هٿيارٿبندن پاران هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ڦر نوجوان گولين لڳڻ سبب زخمي اسپتال منتقل سول سوسائٽي پاران ڦر واقعي خلاف ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو هيلو ميرپور پوليس خلاف نعريبازي تفصيل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

## خيبرپختونخواه جو وڏي وزير اڄ ڄامشورو پهچندو

سهيل آفريدي ايس يو پي اڳواڻ زين شاهه سان ملاقات ڪندو

پروگرام کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

ڪوٽڙي (ن ع) وڏي وزير خيبر پختونخواهه جي ايس.يو.پي اڳواڻ سائين زين شاهه سان ملاقات جو شيڊيول ڄامشورو ۾ تياريون عروج تي. خيبرپختونخواهه جو وڏي وزير محمد سهيل آفريدي 10 جنوري (اڄ) صبح 10 وڳي سائين جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو پهچندو جتي هو سائين زين شاهه سان ملاقات ڪري موجوده سياسي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا ان

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

## لاڙڪاڻي ۾ پوليس ڪيپ پاتل هٿيارٿبندن جي دڪان مان لکين روپيا ڦر

هٿيارٿبندن بئنڊري جي دڪان مالڪ موهن ۽ گراهڪن کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي

متاثر دڪاندار جو احتجاج، ڦر ٿيل رقم واپس ڏيارڻ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مظاهرين

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ بدامني، پوليس ڪيپ پاتل هٿيارٿبندن جي بئنڊري جي دڪان مان لکين روپيا ڦر پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي، ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد ۾ مصروف ترين روڊ قائم شاهه بخاري پرسان اڄحاٽل پوليس ڪيپ پاتل هٿيارٿبندن بئنڊري جي دڪان ۾ گهڙي دڪان مالڪ ۽ گراهڪن کي يرغمال بڻائي لکين روپيا ڦر ڪري

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: زخمي شخص ۽ سندس وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

## ڪوٽڙي علي بابا ڪاليج جي عمارت وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن: ڊي سي

ڪاليج ۾ ڊرينيج، جاري ترقياتي ڪمن ۽ صفائي سٿرائي جي حوالي سان اجلاس منعقد ٿيو

مختلف کاتن جي عملدارن کي ڪاليج جو تفصيلي دورو ڪري جامع رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع )ڪوٽڙي گورنمينٽ علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج جي عمارت ۾ ڊرينيج جي پاڻي جي نيڪال جاري ترقياتي ڪمن ۽ صفائي سٿرائي جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

# ٽرڙي محبت ۾ عيد گاهه جا وڻ ڪٽڻ تي چيئرمين خلاف احتجاجي ڌرڻو، شٽربند هڙتال

چيئرمين شاهد سهول عيد گاهه جا وڻ وڍڻ جي ڪوشش ڪئي، روڪڻ تي شهرين مٿان تشدد ڪرايو ويو

شهري اتحاد ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن شٽربند هڙتال ڪري احتجاجي جلوس ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

اسان جو ڪيس داخل نه ڪيو ويو ته اسان جو هي پر امن احتجاجي ڌرڻو جاري رکيو ويندو: اڳواڻ

راڌڻ (ن ع) ٽرڙي محبت ۾ ٽائون چيئرمين شاهد سهول ڏنڊي جي زور تي عيد گاهه جا وڻ وڍڻ جي ڪوشش دوران شهرين جي منع ڪرڻ تي آپي مان نڪري پنهنجي گارڊن هٿان شهرين تي تشدد ڪرائڻ خلاف ٽرڙي محبت سمورو شهر بند ڪري شٽربند هڙتال ڪري احتجاجي جلوس ڪڍي شهري اتحاد ٽرڙي محبت جي چيئرمين ممتاز مينگل فيروز ناريجو دڪاندار ايسوسيئيشن جي متاثر صدر محمد ايوب ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو ويو اطلاع ملڻ تي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

# ڳڙهي خيرو لڳ جوابدار ڪارنهن الزام ۾ ڀيڻ ۽ نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ عارب جکراڻي ۾ جوابدار صدام جکراڻي فائرنگ ڪري پاڙيسري خادم جکراڻي ۽ ڀيڻ مسمات اقبال بيبي کي قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي عورت ۽ نوجان جو لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، جوابدار فرار ٿيل، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

جيڪب آباد (ڊ ر) ڳڙهي خيرو جي محمدپور اوڊو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عارب جکراڻي ۾ جوابدار صدام جکراڻي فائرنگ ڪري ڪارنهن الزام هيٺ پاڙيسري خادم جکراڻي ۽ ڀيڻ مسمات اقبال بيبي قتل ڪري فرار ٿي ويو واقعي کان پوءِ حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي عورت سميت ٻنهي جا لاش تحويل ۾ وٺي تعلقه اسپتال ڳڙهي خيرو پهچايا جتي ڊاڪٽرن پاران ٻنهي ڄڻن جي لاشن جا الڳ الڳ پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: اسپيڪر اياز صادق روشن جوڻيجو جي تعزيت ڪري رهيو آهي

## شاهپورچاڪر پرسان حادثي ۾ 10 ورهين جو نينگر زخمي، اسپتال منتقل

شاهپورچاڪر (ن ع) شاهپورچاڪر ڳڙ اسٽيشن جي پرسان حادثو 10ورهين جو معصوم چوڪرو عبدالرحمان ولد محمد خان پٺاڻ ڪامل شاهه ڪالوني جو رهاڪو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: زخمي جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

## لکي غلام شاهه ويجهو ڪوهيڙي سبب روڊ حادثو، ٻه ڄڻا زخمي

سکر-شڪارپور قومي شاهراهه روڊ تي ڪوهيڙي سبب ڪار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر ٿيو

حادثي سبب زوهيب دايو ۽ عبدالرحيم مهر زخمي ٿي پيا، پوليس ٽرالر کي تحويل ورتو

لکي غلام شاهه (ن ع) لکي غلام شاهه ويجهو سکر-شڪارپور قومي شاهراهه روڊ تي شديد ڪوهيڙي سبب هڪ افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو آهي جنهن ۾ ڪار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو حادثو ٺماچاڻي ٿاڻي جي حد اندر پيش آيو جتي محدود نظر اچڻ سبب ٽرالر ڊرائيور موٽر سائيڪل کي نه ڏسي سگهيو ۽ سامهون کان ايندڙ موٽر سائيڪل سان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

## چڪ لڳ مهر-جتوئي تڪرار، هٿيارٿبندن جي فائرنگ ۾ 2 ڄڻا زخمي

مهر برادري جي هٿيارٿبندن ڳوٺ ٻاجهي پرڙ جتوئي تي ڪاهه ڪري فائرنگ ڪئي

فائرنگ جي نتيجي ۾ شفيق راجپوت ۽ اشفاق پنجابي زخمي ٿي پيا، ڳوٺ ۾ خوف ڇانيل

لکي غلام شاهه/چڪ (نمائندن وٽان) ڳوٺ ارباب پرڙ جتوئي ۾ جتوئي ۽ مهر ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر خوني رخ اختيار ڪري ويو آهي جنهن ۾ مهر ڌرين وچ ۾ ٿيل مبينا فائرنگ جي نتيجي ۾ مهمان ٿي آيل واپاري شفيق راجپوت ۽ راهگير اشفاق جوڳي زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن موجب سندن حالت خطري

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

## پنوعاقل پرسان رات جي وقت مينهن چوري، ٻه ڄڻا گرفتار

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان دادلو ٿاڻي جي حد مان گذريل رات مينهن چوري ، ٻه ڄڻا گرفتار پنوعاقل پرسان دادلو ٿاڻي جي حد ڳوٺ پير بخش ملڪ مان گذريل رات نامعلوم هٿيارٿبند چور جلال الدين ملڪ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

## لکي غلام شاهه ۾ پ.ٽ.الف استاد اتحاد پينل بنا مقابلي ڪامياب

چونڊيل عهديدارن ۾ صدر محمد قاسم مهر، جنرل سيڪريٽري امتياز علي عباسي شامل

لکي غلام شاهه(ن ع) پ.ٽ.الف استاد اتحاد جو پينل بنا مقابلي چونڊجي ويو پ.ٽ.الف (پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن) جي مرڪزي اليڪشن ڪاميٽي، هاءِ ڪورٽ حيدرآباد جي ڊٻل فيصلي ۽ غازي خان جمالي جي جاري ڪيل شيڊول تحت، اڄ تعلقه لکي غلام شاهه ۾ استاد اتحاد پينل جي فارم جمع ڪرائڻ واري مرحلي دوران هميشه جيان هن ڀيري به ڪنهن به اميدوار پاران فارم جمع نه ڪرايو ويو جنهن سبب پينل بنا مقابلي چونڊجي ويو.فارم جمع

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوآدم ۾ نامعلوم ڦورو شهري کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد قيصر گهوٽ وٽ نامعلوم ڦورو شاهجهان خاصخيلي کان هٿيارن جي زور تي نئين سي ڊي 70 موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا .

# حيدرآباد ۾ تاريخي ورثي کي بچائڻ ۽ نئين نسل کي آگاهي ڏيڻ لاءِ هيريٽيج واڪ

هيريٽيج واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن حيدرآباد جي اهم تاريخي ماڳن بسنت هال، سيٺ مٺارام هاسٽل ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو جائزو ورتو

حيدرآباد هڪ قديم ۽ ثقافتي لحاظ سان اهم آهي، تاريخي ماڳن کي محفوظ رکڻ لاءِ انتظاميا سرگرم آهي: فياض حسين عباسي

هن واڪ جو مقصد نوجوانن ۾ حيدرآباد جي تاريخي ورثي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ آهي: سيد نور حسين

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ اعجاز لغاري) حيدرآباد جي ضلعي انتظاميا پاران شهر جي شاندار تاريخي ورثي کي اجاگر ڪرڻ ، ورثي جي بچائڻ ۽ نئين نسل کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪالهه هڪ هيريٽيج واڪ جو اهتمام ڪيو ويو. واڪ جو باقاعده افتتاح ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي تاريخي بسنت هال کان ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سيد نور حسين سميت سول

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

# ڪراچي ۾ وحشي پوليس آفيسر پنهنجي رنل زال کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

علائقي شادمان ٽائون ۾ پوليس آفيسر تبسم گهر ٻاهران پنهنجي ٻي زال نازيه مٿان فائرنگ ڪئي

مقتولا گهرو جهيڙي بعد گهر ڇڏي ٽيڪسي ۾ سوار ٿيڻ لاءِ ٻاهر آئي ته جوابدار هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

ايس آءِ يو جي جاچ ونگ ۾ مقرر آفيسر واقعي بعد فرار ٿي ويو، پوليس پاران جاچ عمل شروع ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي شادمان ٽائون ۾ پوليس آفيسر تبسم گهر ٻاهران پنهنجي زال کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو ڪراچي جي شاهراهه نورجهان ٿاڻي جي علائقي شادمان ٽائون ۾ پوليس آفيسر تبسم جي گهر ٻاهران فائرنگ ڪرڻ جي هڪ وڊيو منظر عام تي آئي آهي، جنهن ۾ هوءَ واضح طور تي فائرنگ ڪندي ڏسي سگهجي ٿي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار جي مقتوله نازيه ڏي اخلاق احمد سان ٻئي شادي هئي پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ جي مطابق عورت کي سندس مڙس گهريلو جهيڙي ۽ شڪ جي بنياد تي فائرنگ جو نشانو بڻايو ايس ايس

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

## ڊپٽي ڪمشنر سڄاول جي پراجيڪٽ ڊسٽرڪٽ ايڊوائزري ڪميٽي جو اجلاس

سڄاول ۾ ساحلي مضبوطي منصوبي لاءِ اجلاس، موسمياتي تبديلي کان بچاءُ لاءِ تجويزون طلب

ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند جو منصوبن ۾ گڏيل ڪوششن سان موسمياتي تبديلي جي اثرن کان بچاءُ لاءِ اهم خطاب

سڄاول (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد حسين رند جي صدارت هيٺ آغا خان ايجنسي فار هيبيٽيٽ پاران پراجيڪٽ ڊسٽرڪٽ ايڊوائزري ڪميٽي جو اجلاس دربار هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد پيرل چانڊيو کان علاوه سوشل ويلفيئر زراعت، بيلو کاتي فشرين تعليم لائيو اسٽاڪ ۽ غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) سميت

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

## باڊهه جي مدرسہ نورالهديٰ جي شاگرد محمد اويس وينس پاران حفظ قرآن مجيد مڪمل ڪرڻ تي پروقار تقريب منعقد

باڊهه (ن ع) باڊهه جي مدرسہ نورالهديٰ جي شاگرد ڳوٺ دائود ديرو واسي حافظ محمد اويس وينس پاران حفظ قرآن مجيد مڪمل ڪرڻ تي مدرسي ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مدرسي جي مدرس استاذالحفاظ حافظ قاري عبدالرحيم چنڊ حسيني ۽ حافظ محمد طاهر چنڊ کان علاوه حفظ مڪمل ڪندڙ حافظ جي والد محمد بڊل وينس ۽ ٻين عزيزن محمد

حيدرآباد:جي سي يونيورسٽي ۽يونيورسٽي آف لنڊن وچ ۾ ڏاهه تي صحيح وقت ورتل تصوير

## سڄاول ۾ سڄاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري ۾ ڪتاب ڪچهري منعقد

سڄاول (ڊ ر) ڊائريڪٽر جنرل لائبريريز سنڌ هدايت الله راڄڙ جي خاص هدايتن تي سرويچ سڄاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري سڄاول ۾ ڪتاب ڪچهري رکي وئي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

# جي سي يونيورسٽي حيدرآباد ۽ يونيورسٽي آف لنڊن وچ ۾ تعليمي تعاون لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد ۽ يونيورسٽي آف لنڊن جي سينٽر فار بزنس اينڊ ايڪنامڪ ريسرچ جي وچ ۾ باضابطہ معاهدو ڪيو ويو

معاهدو گڏيل تحقيقي سرگرمين، تعليمي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ استاد-شاگردن جي مٽاسٽا پروگرامز لاءِ اهم قدم قرار

ڊاڪٽر محمد شعيب خان ڏهين بين الاقوامي ڪانفرنس براءِ عالميڪاريت، انٽرپرينيورشپ ۽ اڀرندڙ معيشتن ۾ اهم تقرير پڻ ڪئي

حيدرآباد(پ ر) گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان جي قيادت هيٺ بين الاقوامي تعليمي تعلقات کي فروغ ڏيڻ جي هڪ اهم ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. يونيورسٽي سينٽر فار بزنس اينڊ ايڪنامڪ ريسرچ، يونيورسٽي آف لنڊن سان هڪ مفاهمتي يادداشت (MoU)تي صحيحون ڪيون آهن جنهن تحت برطانيا جي هن اداري ۽ شعبو اقتصاديات، گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد جي وچ ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

## سڄاول ۾ پورهيت ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

سول سوسائٽي ۽ سماجي اڳواڻن قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب ٽائون ريلي ڪڍي

ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود پوليس جوابدار کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي: مظاهرين

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر) بدين ويجهو ڳوٺ ڏاهو ڪولهي ۾ پنج ڏينهن اڳ باثر وڏيري هٿان بيدردي سان مبينا قتل ٿيل پورهيت ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪوٽ غلام محمد سوسائٽي، سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شهرين پاران شاهه لطيف چوڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري قاتلن جي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

## خيرپور پوليس جا مقابلن ۾ چار ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب گرفتار ڪيل ڌوهاري قتل، چوري ،اغوا براءِ تاوان ۽ ٻين سنگين وارداتن ۾ ملوث هئا.تفصيل موجب، پوليس فورس خيرپور جي گمبٽ راڻي پور ڪنگري ۽ ماچو وڏا جي علائقن ۾ ڌوهارين سان مقابلا ڪندي انهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيوويو گرفتارڌوهارين جي قبضي مان 4 پسٽول ۽ گوليون پڻ برآمد ڪيون ويون ڏهن ته گرفتارڌوهارين جي سڃاڻپ خادم حسين ناريجو معشوق ناريجو شڪيل خاصخيلي ۽ راشد خاصخيلي طور ٿي آهي انهن کي زخمي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو آهي ته گرفتار ڌوهاري روڊن تي وارداتون ڪرڻ لاءِ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

## نئون ڪوٽ ۾ ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

شيڊيول ڪاسٽ ڪائونسل پاران مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ويئي

ڪيلاش ڪولهي جي قتل کي 36 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس قاتل گرفتار ناهي

نئون ڪوٽ (ن ع) بدين ضلعي جي شهر پيرو اسٽيشن ۾ قتل ٿيل ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نئون ڪوٽ ۾ شيڊيول ڪاسٽ ڪائونسل پاڪستان نئون ڪوٽ پاران ملوڪ ڪولهي ،نانجي مل ڪولهي مڪيش محبتي ميگهواڙ ڪامريڊ ڪانجي مل جنگ بهادر مکواڻ پيمچند ڀيل ڪيلاش سروائي ڀيل احتجاج ڪيو ويوان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

## ماٿيلي لڳ مختلف ٿاڻن جي پوليس جي ڳوٺ تي چڙهائي، گهر ڀٽ، احتجاج

گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ جمال ڪورائي تي چڙهائي ڪئي

پوليس ثناءُ الله ڪورائي جو گهر ڊاهي ڀٽ ڪري ڇڏيو، ڳوٺاڻن جو پوليس خلاف مظاهرو

ماٿيلو پوليس ڪوڙو الزام هڻي گهر ڀٽ ڪيو آهي، جيڪو وڏو ظلم آهي: مسمات سلمه

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو محمد پور لنڪ روڊ تان ڦر واقعو ماسرو، گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس اٿالن جي ڳوٺ جمال ڪورائي تي چڙهائي ڳوٺ جي ڪڙو چاڙهي ڳوٺاڻي ثناءُ الله ڪورائي جو گهر ڊاهي ڀٽ ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن جون ميڊيا آڏو داڻهون پوليس ڀٽ تي ڪوڙو الزام هڻي گهر مان ڦر لٽ ڪرڻ بعد گهر ڊاهي ظلم ڪيو آهي مائي سلمه تفصيل

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

## ڪنڌيارو: روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪندڙ اظهر پيرزادو جو مگريا پل پرسان لاش هٿ، وارثن حوالي

ڪنڌيارو(ن ع) روهڙي ڪينال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪندڙ نوجوان اظهر پيرزادو جو لاش ڪوسا مگريا پل پرسان هٿ آيو نوجوان جو لاش ڪڍي تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪرائي بعد وارثن حوالي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: نوجوان گلن جا گجرا وڪري لاءِ کڻي بيٺل آهن

حيدرآباد: ميونسپل عملو ريڙها ۽ ٻيو سامان هٽائي رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.